پليجي جا پڪار

ليک

صوفي حضور بخش، آزاد قاضي، رحمت الله

پليجي جا پرڪار

ليک:

صوفي حضور بخش، آزاد قاضي، رحمت الله

سنڌ انقلابي فڪري فورم

قيمت: ويهه روپيه

پنھنجي پاران

اداري جو پھريون ڪتاب ”بليچي جا پرڪار“ اوھان جي ھٿن ۾ آھي ڪتاب ۾ پنجاب پرست دانشور مسٽر رسول بخش پليجي جي سياست بابت تفصيلي مواد ڏنل آھي.

اسان جو مقصد ھر انھيءَ پارٽيءَ يا فرد کي وائکو ڪرڻ آھي جيڪي پنجابي ظالم قوم جي نقلي ترقي پسند دانشورن جي اشاري تي سنڌ جي قومي ۽ انقلابي جدوجھد خلاف من گھڙت دليل گھڙي سنڌ جي قومي غلاميءَ کي مختلف دليلن حيلن ۽ بھانن سان مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رھيا آھن. تازو رسول بخش پليجي جي لکيل ڪتاب جيڪو سچ ۾ (جيڪو گند ڪري) جو آخري باب ”سنڌي قوم جو اردو ڳالھائيندڙ حصو سنڌ تي ميري نظر رکي ٿو“ جي نالي سان ڇپرائي ورڇي راھوڪيءَ ۾ (٢٧ فيبروري ١٩٨٩ع) تي پڌرو ڪيو ويو آھي. ڪتاب جو صفحو سس ورائبو تہ تڪ سنڌ جي مختلف اڳواڻن محترم جي ايم سيد، عبدالواحد آريسر، ڄام ساقي، ڊاڪٽر ارباب کھاوڙ، ادريس چانڊيو خلاف غليظ قسم جون گاريون لکيل نظر اينديون اسان پليجي کي گارين جو جواب گارين سان قطعي ڪونہ ڏينداسين البتہ سنڌي ماڻھن کي سندس پرڪارن ۽ ڪرتوتن بابت آگاھ ڪندا رھنداسين، تازو رسول بخش پليجو جنوري جي آخري ھفتي ۾ جڏھن فلپائين روانو ٿيو ۽ ايئر پورٽ تي پھتو تہ اميگريشن وارن ڪيس فلپائن وڃڻ کان روڪيو ۽ ڪيس ٻڌايو تہ اوھان جو نالو بلئڪ لسٽ تي آھي. بعد ۾ پليجو صاحب حڪدم اسلام آباد رابطو قائم ڪيو جنھن بعد ڪيس فلپائن وڃڻ

جي اجازت ملي (پڙهو هلال پاڪستان ۾ آيل خبر) اهڙو رابطو ڪهڙو هو ۽ ڪنهن سان هيو؟ ان بابت سنڌي قوم ٻڌڻ چاهي ٿي ۽ ان ڪان علاوه لاهور مان نڪرندڙ انگريزي اخبار "The Nation" ته تفصيل سان ڇاپيو ته پليجو صاحب ڪي جڏهن ايئرپورٽ تي روڪيو ويو ته پليجي هڪدم ملڪ قاسم [پليجي جو نظرياتي رهبر] ۽ آرمي جي ٻن اهم جنرلن سان رابطو قائم ڪيو جنهن بعد ڪيس فلپائن وڃڻ ڏنو ويو. پليجو ۽ سنڌ ۾ پنجاب نواز آمريڪي ٽولو پنجابي حڪمرانن جي اشاري تي پنهنجي "ايمانداري" سان پڳهاردار ملازم جي حيثيت سان "فرض" نڀائي پيو سنڌي قوم پليجي جي مڪاري ۽ منافقي کي سمجهي چڪي آهي.

اپيل اسين سڀ ڏيون ٿا سنڌ جي سڄي دانشورن، اديبن، سنڌ دوست فردن ۽ تنظيمن کي ته "ڌاهن غدارن ۽ قاضي قاضن" خلاف منظم ۽ متحد ٿين ۽ وقت سر پنجاب جي وڪيلن خلاف "سنڌ جي نجات جي مقدس" لڙائي پنهنجو تاريخي ۽ انقلابي فرض ادا ڪن.

ابو جهاد انقلابي

سيڪريٽري

سنڌ انقلابي فڪري فورم

رابطي لاء:

شهيد عبدالرزاق سومرو هاسٽل

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو

آزاد قاضي

ٻاهر ٻوليءَ هنگامي جي

هتان جي تاريخ اهو ثابت ڪيو آهي ته هتي جي قابض قوم پنهنجي مخصوص، جمود ۽ چالاڪيءَ وارن طريقن کي هميشه برقرار ۽ بحال رکڻ لاءِ، وقت بہ وقت پنهنجا ڪردار ۽ ڪارندا ۽ گماشتا پيدا ڪيا آهن جيڪي انهن جا ڪردار ۽ گماشتا پنهنجو اثر وڌائيندا ٿي رهيا آهن. ته هاڻوڪا گماشتا نت نون حربن ۽ اٽڪلن سان بظاهر انقلابي ۽ سائنسي سوچ واري لفاظيءَ سان هٿيار بند ٿي ميدان ۾ موڪليندا آهن. ان لاءِ ته جيئن مظلوم قومن جي گذر معاش تي جيڪو سندن قبضو هوندو آهي، تنهن تي سندن حڪومت جيئن جو تيئن بحال رهي. اهي باهوڙي گماشتا، هو گهڻو ڪري محڪوم قوم منجهان ئي پيدا ڪندا آهن ته جيئن سندن خلاف اٿندڙ هر آواز جي موٽ ۾ اهڙن منافق، موقعي پرستن ڪارندن کي پيش ڪندا رهن. اسان جا عام سنڌي ماڻهو اهڙن ڌارين جي دلال ڪمدارن ۽ گماشتن جيڪي سائنسي طريقي سان نت نون همدرديءَ وارن نعرن ۽ دلداري ڏيندڙ دلاسن ۽ هڏ ڏوکي ظاهر ڪندڙ همدرديءَ وارين ڳالهين جي اصليت کي ڏاڍو دير سان ٿا سمجهن انڪري فلحال اهڙن واڳونءَ وارا ڳوڙها ڳاڙيندڙ گماشتن جي چڪر ۾ اچيو وڃن ۽ کين صحيح سمجهيو وهن. اهڙي ريت آهي ڦورو، حاڪم قوم خلاف اڀرندڙ حقيقي انقلابي آواز کي روڪڻ لاءِ بظاهر سولا ۽ جلد سمجهه ۾ ايندڙ پر حقيقت ۾ محڪوم قوم واري بنيادي سوال جي ڀيٽ ۾ گهٽ اهميت رکندڙ عارضي مسئلن کي وڏي پروپيگنڊا ڪرڻ لڳندا جو بظاهر اهڙين پيو لڳندو جهڙوڪر اهي ئي حقيقي قومي مسئلا آهن ٿي آهي ۽ انهن جي ئي حاصلات ۾ حقيقي

چونڪ ڪارڪنن ۾ تشدد ڪرڻ جو لاڙو آهي. اهڙن ڪارڪنن کي سمجهائڻ لاءِ جمال عبدالناصر جو چوڻ
آهي. "طاقت جو مفهوم اهو نه آهي ته اوهان ڪيترو وڏي
آواز ۾ ڳالهائي سگهو ٿا. اصل طاقت اها آهي ته توهان
ڪم ڪارائتي عمل، انهيءَ مقصد جي ڪري پوري ڪرڻ
جي صلاحيت رکو ته بهتر آهي(1)."

هن تحريڪ ۾ عملي پروگرام جي ڪري تحريڪ جا ڪارڪن
جي پارٽي جو مقصد اهو آهي (جيئن عوام ۾ قومي تحريڪ
آزادي جي انقلابي عمل ذريعي سگهارو ڪارڪن جوڙي
جنهن ۾ عوام قومي آزادي حقيقي مقصد سمجهي
ويندو ۽ انهن ڪارڪنن عمل قومي آزادي طرف وڌندو ۽
انهي عمل ۾ انهن ڪارڪنن سڀني اقتدار جي مفادن
خلاف هوندو.

جاگيردارن، سرمائيدارن، اهڙن ڪارخانيدارن خصوصاً
مصلحتن خاطر انهن جي آقا جي ڪري انهن جي طبقن
ڪيترو آڌرس ٿو ڪري ٿو جي حوالي مخالف ڌرين
۽ ڌاريا ظالم قوم انهن اهڙن آهن ته
اهي اوهان جا حقيقي همدرد آهيون. اهڙيون ڳالهيون ڪري
هو ڪوشش ڪن ٿا ته قومي ۾ پيدا ٿيندڙ شعور بجاءِ
گروهي سوچ پيدا ڪري ۽ اهڙو پيدا ڪرڻ وارو
ڪوشش ڪن ٿا. اهڙي رويي آهستي آهستي اڳتي وڌي
قوم جي ظالم عوام جي خلاف پيدا ٿيندو آ
نفرت واري ۽ پارٽي جي بجاءِ گروهي طبقاتي نفرت پکيڙڻ جي
ناڪام ڪوشش ڪندا رهندا آهن. باوجود ان جي اهڙن ڪارڪنن
جا ڪارناما انقلابي تحريڪ جا ڪارڪن ٿا. قومي تحريڪ
جي ڪارڪنن جو مقصد سياسي سوچ آهي، جيڪا مظلوم
جي تحريڪ جو آواز آهي. خاص طور انهن ڪارڪنن خلاف

(1) جمال عبدالناصر، انقلاب جو فلسفو، مترجم: رشيد سرمد،
ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 1984ع، ص 134.

ٿي اڳتي وڌندي آهي ته اهي سامراج جا پاليل گماشتا پنهنجي آقائن خلاف وڌندڙ ان لهر جو رخ موڙڻ ۽ بند ٻڌڻ لاءِ عام رواجي مسئلا کڻي گڏ ٿيڻ، اتحاد ڪرڻ ۽ جدوجهد هلائڻ جو سڏ ڏيڻ سان، هو وري به مظلوم عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي، پنهنجو پاڻ کي مظلوم ۽ محڪوم قوم جو حقيقي همدرد ڪري ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهو انڪري ته جيئن ننڍين تنڍين مسئلن (جن جو پيدا ٿيڻ غلاميءَ سبب ٿي هوندو آهي) ۽ ضرورتن جي بنياد تي ماڻهن کي بي وقوف بنائي، پنهنجي آقائن خلاف اٿندڙ آواز کي روڪي سگهن.

اهڙي ٿي نيت ۽ ارادي سان، مسٽر پليجو ڪافي عرصي کان وٺي واڳون ءِ وارا ڳوڙها ڳاڙيندي، سنڌي قوم کي اتحاد ۽ ٻڌيءَ جو سڏ ڏيندو رهيو آهي. جنهن جو اصل مقصد هو هتان جي حاڪم قوم خلاف اٿندڙ آواز اٿاريندڙ قوم پرستن کي ڪمزور ڪرڻ ۽ اهو ظاهر ڪرڻ ته ”اسان ته گهڻو ٿي ٺاهه سنڌين لاءِ ڪريون ٿا پر هي قوم پرست، ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. اهي اوهان جا دشمن آهن! اسين ۽ اسان وارا آقائي اوهان جا سچا آهن“.

چوڻي آهي ته ”هٿ ۾ مالها، اندر ۾ پالا“ تنهن وانگر ڏارين جي انهن گماشتن جي مٺين رڙين دانهن پنيان اصل مقصد ته اهوئي پئي رهيو آهي ته جيئن قوم خلاف پيدا ٿيندڙ قومي آواز کي ڪمزور ڪري سگهجي. اهڙي حرفت بازيءَ لاءِ پليجو ڏکهي منصوبا بنديءَ رستي مختلف حربا هلائي قومي ڪارڪنن ي اڪيلو ڪرڻ، ترقي پسندي، جمهوريت نوازي ۽ سنڌ جي درد جي نالي ۾ ڪارڙتي تتر واريون مٺڙيون ٻوليون ٻولي ٻين کي گڏ ڪري ماريءَ (پنجاب) جي منهن ۾ ڏيڻ ڪارڻ ويٺو لاتيون ڪرڻ !! ان نيڪ عمل جي شروعات هن ”سنڌ بچايو تحريڪ“ جي نالي سان ڪئي جنهن جو ڪنوينر پنهنجي هڪ گماشتي ڊاڪٽر غفار قاضي وارهه واري کي ڪيائين. وڏيون

وڏيون اپيلون ڪيائون. پمفليٽ ۽ چوپڙيون پڌريون ڪيائون جن ۾ هر ڳوٺ، شهر، تعلقي ۽ ضلعي ۾ سنڌ بچايو تحريڪ جون شاخون کولي ڪنوينر صاحب کي اطلاع ڪرڻ جي گذارش ڪيل هئي. سندس ان عمل شروع ڪرڻ جو بنيادي مقصد هي هيو ته ڪيئن به ڪري پنجابين خلاف اٿندڙ نفرت جو رخ موڙيو وڃي ۽ ان جي جاءِ تي مهاجر نفرت اڀاري سنڌ ۾ سنڌي مهاجر فساد ڪرايا وڃن ته جيئن پنجابين جون پاڙون ڪمزور ٿيڻ کان بچي وڃن. ان جو ثبوت سندن لکت منجهان ئي ملي ٿو "سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي بچايو" نالي پمفليٽ ۾ ڪاٿي به پنجابين ۽ پٺاڻن جو رڳو نالو به ناهي کنيو ويو. جيڪا به نفرت پيدا ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي سان رڳو مهاجرن ۽ افغان پکوڙن خلاف آهي. جيئن ساڳي چوپڙيءَ ۾ مطالبن جو ذڪر ڪندي لکن ٿا". بنگلاديش، ڀارت، افغانستان وغيره مان سنڌ تي ٿيندڙ يلغارين، ڀارتين ۽ افغانن جون يلغارون بند ڪيون وڃن" ان بنياد تي به تي ڏينهن رڙيون دانهون ڪيائون، پر ڪنهن به سندن مڪارانه آلاپن کي ڪنن ورنايو. ان وچ ۾ پليجو صاحب خير سان جيل کان ٻاهر نڪتو ۽ جڳاڙ ڪري، يورپ روانو ٿي ويو. ۽ جيڪو ان ۱۷ جنوري ۱۹۸۷ع تي سائين جي ايم سيد سنڌ جي سمورين سياسي پارٽين کي سنڌ جي مسئلي بابت پنهنجي پنهنجي موقف پيش ڪرڻ ۽ صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ ڪليل سڏ ڏنو. اها ڳالهه پنجاب سامراج کي تمام خراب پئي لڳي تنهنڪري پهريان ته گڏ ٿيندڙ اجتماع کي روڪڻ جي ڪوشش ڪيائون پر جڏهن معاملو شدت اختيار ڪري ويو تڏهن انتظامي معاملن جي مد نظر سرڪار کي خاموش رهڻو پيو. اهڙي حالت ۾ موقعي پرست ماڻهن پنجابي ماڻهن کي راضي رکڻ لاءِ پنهنجي مخصوص مفاد جي مد نظر ڪو به ڪارگر رد عمل ظاهر نه ڪيو. چاڪاڻ جو پنجاب لاءِ اها ڳالهه ڏادي اوکي ۽ اڻوڻندڙ هئي جو سيد جهڙي پنجاب دشمن

ملڪ جي سياسي اُٿل پٿل تي هي ميدان ڳنڍجي هندستان جي روحاني زندگيءَ تي به
سوچ ويچار ڪرڻ تي اثر ڪري ڇڏيو. هن اسيد ۾ جيئن شاهن جي تخت جي خلافت جي
سمورا جيترا بادشاهه لاءِ شروع ڪيا ان وقت ۾ اتفاق سان فاضل
رهبر ۽ مجدد قسم جي هستيون پيدا ٿيون جن جي اچار ۽ وچار جي بنياد تي هڪ تحريڪ
ڪرڻ لاءِ جناب شيخ احمد سرهندي وارو رستو اختيار ڪيو. جڏهن اڪبر ٻيڪ وارو
جن جي عزيزن ڪم آيو ۽ هو ... جيڪي پنهنجي مخصوص
مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪيا، ڪيسر انهن جي ڪاڌي ۽ تجلي
مختلف عنصرن ۾ اتحاد جي ڪوشش ڪئي هئي، جن جي حوالي سان انسان
گهڻيون ديون ۽ ديوتائون موقعي تي جي فائدو وٺڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي
اهل ڪتابن ڪي اختلاط جي صورت ۾ آيو، پر شاهه ان مسلئي جي نتيجن ۾ اها ڪتي
هلي پنهنجا پيرو وٺي اهلي مشڪلاتن جي ڪري ڏکيا هئا.
ان موقعي تي پير جي اتحاد جي حوالي سان مسئلن تي
گهڻن ٿيڻ واري پنهنجي پرائي منافقانه تعريف ڪري تسلط قائم ڪرڻ جي
مفروضي طور ٿيو ۽ رنگ رنگ نسان ڏسي ظاهر ڪيا.
جو مظاهرو ڪيو. سنڌين ڪيترن انهن ڪتابن جي
منافقانه ڪارناما لاءِ جيڪا ڪري پيا محترم ابراهيم جو
ڪئي ڪيائين. ڪيترا ڪارناما جو ڪيل ان جي روايت جو خصوصي ته محتب
وطن ۾ سنڌي مسلمانن سوڀ ۽ سنڌ ۾ ... سندن پنهنجي طور تي
ذڪر سندن ظهور ڪيترن اهميت ملندي ... سنڌ ۾ جو سنڌ گهڻي
ڪيائون جي الذير ۽ ... ۽ ... نمائندا اچي ... تي ... ڪيترائي
پيشانن جو هن ڪوڙو وڌو التيمون ڪارنامو سرانجام ڏنو ... (١) ۽
... ... سياستن ۽ ... چپو ... پيلجي ...
راهه ڪئي ... اتحاد لاءِ ... حضرت ... جي ... ڄڃهڙو
ڪارناما آهي، ... صحابت ...
چوڪري ... ... جو ... آيو ... چوان ...

---

(١) جيتوڻيڪ اها ڳالهه اصل ڪاڻ عالم ۾ مشڪل آهي ته پيلجو
سيرت وارو روپ وٺي مختلف وقتن ۾ اهڙا تنگا آوار ڪيندو
رهيو آهي.

اِتي "پنجابي ليڊرن" جي پاليسي تي ڳالهائيندي پنجاب جي نمائندي تقرير ۾ خاص طور تي زور ڏيندي
وتايو ته چيلينج ڪيو ويو ته "پنجاب جي صحافت" رڳو هڪ اڳواڻ واري آهي سنڌ ۾ يعني ته
"ٽوڪيو ويو ڪي. ايم. ڪليم الله شاهه" جا سنڌي اخبارن لاءِ ريمارڪ ڪيا ويا ته سنڌ ۾
سنڌي ٻولي ۽ اڀياس جي ڪري پيغام ٻين تائين پهچايو ويو (٦) ۽ پنجابي
وارو پيغام هو ته انهن ڪي ايتري قدر ڳالهايو ته ڳالهائيندڙ پنهنجي بابت بڻيو
ڪيو ويو ته سنڌ ۾ رهندڙ ان ڳالهه جو احتجاج ڪيو ته پنجابي صحافت جي
موڪلائپ ۽ پنجابي نمائندن جي رويي تي سنڌ جا صحافي نفرت ڪن ٿا ڏکارو
جيئن ته پنجابي نمائندن ان ڳالهه تي احتجاج ڪيو ته پنهنجي تقرير
ڪئي پنجابين ڪيئن ٿا سنڌي ۽ ٻيا هو ته سنڌ جي ماڻهن اڳتي سنڌي جي
مخالفت ۾ نمائندن پنهنجي تنظيمن جي نمائندن ڪي ڪوڙي ڏني هئي
جنهن جي وجهه سنڌي تحريڪ جي ليڊر محترم عبدالواحد آريسر
پڻ شامل هو ته سنڌي ماڻهن جي حيثيت هن جو وفاق ۾
پارٽيءَ پنجابي نمائندن ۽ مختلف ماڻهن پنهنجي پنهنجي
مقصد جي حمايت ۾ ڪالهه مضبوط ڪيو ۽ پنجابي خاموش رهيا
رهيو ته هن جي قوم پرست اڳواڻ محترم عبدالواحد آريسر
سنڌي ماڻهن جي دليل جي بحث ڪري لاءِ احتجاج ڪيو ته
جيڪو پنهنجي تقرير ۾ چيو ته "فاضل حقيقي قاتل آهي
آهن جن اچي سنڌ تي قبضو ڪيو آهي جي وسيلن تي
قبضو ڪيو آهي" آريسر صاحب طرفان سنڌ لاءِ سنڌي
ماڻهن جي شامل ڳالهه ڪرڻ ۽ پنجابي سچو ڇڏي
پيو، چاڪاڻ ته هن چيو ته سنڌي ماڻهن کي اصل
دشمن جي واقف ڪري اهڙي ريت آريسر صاحب
بکي ادا تقرير ۾ وڌيڪ ڳالهائڻ جي موڪلي،
دُشمن جي نشاندهي ڪندڙ اڳواڻ کي خاموش ڪرايو ويو
۽ پنجابي نمائندي ملڪ قاسم کي تقرير ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو
اهو آهي سنڌ جي سچن جو محب وطن ۽ قابض سنڌ ماڻهن (١)

(١) ايڊيٽوريل: "هفتيوار ڪچهري"، حيدرآباد، آگسٽ ١٩٨٧ع

ڏانهن رويو! ۽ پوءِ ان واقعي جو ذڪر ڪندي آريسر هڪ هنڌ لکيو "مون ڪان پوءِ جڏهن ملڪ قاسم تقرير لاءِ آيو ته مون ڏٺو ته ان جي دامن تي فاضل جي رت جا ڇنڊا ۽ داغ ۽ زبان تي فاضل جي واڪاڻ جا ڪوڙا قصيدا هئا. ان وقت مون ڏٺو ته پليجي جي چهري تي سرهائي هئي ۽ هزارين ماڻهن جي دلين مان ۽ زبانن مان ملڪ قاسم خلاف نفرت جون ڇيون پئي نڪتيون ۽ پليجو، ملڪ قاسم پنجاب جو هڪ رٽائرڊ فوجي آفيسر جيڪو ان قوم جي نمائندگي ڪري رهيو هو، جيڪا بلوچ ڪان فاضل تائين جي قاتل آهي ۽ انهن جيّ قتلن جي رت جا داغ ملڪ قاسم جي دامن تي هئا. تنهن ڪي پنهنجو پاءُ ڪوٺي رهيو هو ۽ هن جي ڪوڙن قصيدن تي ٺهڪيو پئي. "فاضل! اي منهنجا وڇڙي ويل دوست! سياستدان ڪڏهن جلاد کان به وڌيڪ بي رحم بڻجي ويندو آهي" (۱).

هڪ طرف سنڌ جي ڳالهه ڪندڙ ڌريون ڏانهن سنڌ ن مٿيون لاڙو هو ته پئي طرف اتحاد ڪرڻ ۽ گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ واڪا ڪندا رهيا ۽ انهن واڪن دوران ان ڳالهه جو خاص خيال پئي رکيائون ته جيئن پنجاب جو ڪٿي ذڪر به نه اچي ۽ ڪٿي ۾ وڏ ذڪر ٿئي ته بيوروڪريٽ ۽ افسرشاهي جي حوالي سان! ڪڏهن به قوم جي نالي سان پنجابين جو ذڪر نه ٿئي چاڪاڻ جو ائين ٿيو ته پوءِ ضرور حاڪم قوم ۽ محڪوم قوم جو مسئلو زير بحث ايندو ۽ ان سوال ڪان پنجابي ائين ٽا لهرائين جيئن پولي ڪل ڪان. ان ڪري پنجاب ڪي راضي رکندڙ ڀين، جماعتن وانگر هنن به ان ڳالهه طرف خاص ڌيان ڏيڻ سان گڏوگڏ زرائع ابلاغ رستي پنهنجي ان پروگرام جي وڏي ساراهه ڪرائڻ شروع ڪئي. وال پوسٽر شايع ڪرايا، اسٽيڪر لڳرايا ۽ سڄي سنڌ ۾ چاڪنگ ڪرائي.

---

(۱) آريسر، عبدالواحد: "چاڪبوڪي ۽ چيٽ"، ڪراچي، ٽوڙي پبليڪيشن ۱۹۸۷ع، ص ۸۱.

ان دوران محترم عبدالواحد آريسر سکر بار ڪائونسل ڪي خطاب ڪيو جنهن ۾ هن پليجي جي ان مڪارانه چال جي پٽ وائکي ڪندي، ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته جيڪي ماڻهو پاڻ پنهنجي (ولي خان ۽ سردار شوڪت حيات) اتحاد ۾ شامل آهن اهي سنڌ بابت ڪهڙو اتحاد ڪندا. هاڻ جيڪڏهن انهن ماڻهن جو نيتون سنڌ جي مسئلن بابت خلوص دل وارديون آهن ته ان لاءِ اڳ ۾ سنڌ جي حيثيت جو تعين ڪرڻ لاءِ دنيا جي مجيل شاعرن تي مشتمل هڪ ڪميٽي وهڻ گهرجي جيڪا سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ مختلف ماڻهن جا بيان جي ڪيس بابت دليل ڏيڻ پوءِ ان جي حيثيت جو تعين ڪري ته" آيا اها ڪالونيءَ واري صورت رکي ٿي، غلام آهي يا نه؟ جيڪڏهن سنڌ جي غلامانه حيثيت واضح ٿي وڃي ٿي ته پوءِ جدوجهد جو طريقه ڪار به اهڙوئي ٿيڻ گهرجي". آريسر صاحب جي ان راءِ مڙني کي موراڳو چيڙائي وڌو. آريسر جي پيش ڪيل ان موقف تي پليجي جا نمائندا عجيب و غريب تبصرا ۽ تنقيدون ڪرڻ لڳا. اجان اهو سلسلو جاري هيو جو چمپڙ ۾ هاري ڪميٽي وارن دوستن حيدر بخش جتوئيءَ جي ورسي ملهائي ان ۾ قوم پرست شاگرد ليڊر آصف بالاديءَ کي تقرير دوران چئي موڪلي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. پر هن پنهنجي تقرير جاري رکندي چيو ته "آءٌ پنهنجو موقف پيش ڪرڻ آيو آهيان ۽ اهو پيش ڪرڻ کان پهريان تقرير بند نه ڪندس". هو پنهنجو موقف پيش ته ڪري ويو پر جيئن ته سامراجين جي پريس به وفاق پرستي جي نالي ۾ پنجاب جي نمائندن جو ساٿ ڏيئي رهي آهي انڪري اخبارن قومي موقف کي ٽوڙي مروڙي عجيب و غريب نموني ۾ پيش ڪيو. ان موقعي تي هاري ڪميٽي جي اڳواڻ محترم غلام رسول سهتي طرفان سنڌ جي سيني جماعتن

ڪي متحد ٿيڻ جي ڪون ڏني ويئي. پليجي ڪئي تہ اهڙو وارو الله ڏياري. هاڻ ڪيس پنهنجي موقعي پرستي مان جو بهترين موقعو نظر آيو. جنهن پنهنجو مڪارانہ تير مسٽر سهتي جي ڪلهي تي رکي هلائڻ شروع ڪيو. ان موقعي تي هن سهتي کي ماڻهون ڪري پنهنجو مقاد حاصل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. ان لاءِ هن پنهنجي چال عجب ماهرانہ نموني بيان ڪئي جي "بابا، توهان صحيح ٿا چئو، اهو ئي صحيح آ، اڪين ڏني ٿيڻ گهرجي، اهو ئي طريقو درست آهي، بس آن لاءِ اوهان کان وڌيڪ ٻيو ڪير تہ مناسب ٿي سگهي، ان ڪم لاءِ اوهان ئي شروعات ڪريو، مان اوهان جي پٺيان آهيان. پليجو هر ماڻهوءَ کي پٺيان جملا چوندو آهي، پر پوءِ پهرين ڏينهن کان وٺي پٺيان هلڻ بجاءِ پٺيان پوڻ شروع ڪندو آهي. پليجي واري مٿين لاف زني تي مسٽر سهتي شروعات خاطر ڪئي [illegible] طرف پليجو [illegible] وارا آزادا رڪنيت [illegible] ماڻهن جي پٺيان [illegible] اوڏو، مٿين ڳالهہ جو اندازو [illegible] مختلف پارٽين جي نمائندن [illegible] سلسلي ۾ مسٽر سهتو سنڌ سلاگر پارٽي جي نمائندي جناب حافظ محمد صديق صاحب سان ملڻ ويو، اتي ڪيس آماده ڪرڻ لاءِ هيٺين ريت اظهار خيال ڪيائين "پليجو آهي وڏو ڪوڙو مڪار ۽ منافق انسان، ان ڳالهہ جو اسان کي بہ احساس آهي پر اسين چاهيون ٿا. [illegible] ڪيس سهتي ماڻهن اڳيان ڏنو [illegible] طريقو اهو ئي آهي [illegible] تاريخ واري اجلاس ۾ [illegible] پارٽين [illegible] واري ڪراچي جي بنگلي ۾ منعقد ٿيل اجلاس ۾ ضرور شرڪت ڪندا تہ [illegible] ڪيس [illegible] ڪري سگهجي. پر قوم پرستن جو واضح موقف هو تہ پليجو وڏو منافق ۽ مڪار ماڻهو آهي جيڪو پاڻ تہ پناهن ۾ پنجابين جي جهولي ۾ ويٺو آهي پر هاڻ اتحاد [illegible] جد و جهد جي ڳالهہ [illegible] باقي ٻين جماعتن [illegible] بہ پاڻ [illegible] پنجاب جو

آلهم ڪار بڻائڻ ۽ پنجاب خلاف وڌندڙ قومي نفرتن کي گهٽائڻ جي ڪوشش ۾ اهي اهو ئي سبب آهي جو هو سنڌ بابت جدوجهد ۾ واضح موقف پيش نه ٿو ڪري، هو صرف انهن مسئلن جو ذڪر ڪري ٿو، جن ۾ غلام بخش سبب وجود ورتو آهي. هڪ طرف غلام رسول سهتو گڏ ڪرڻ جون ڪوششون ڪندو رهيو ٻئي پاسي مسٽر پليجي وڏي هيٺين ريت قوم پرستي خلاف اتحادين ۾ پروپيگنڊا ڪرڻ شروع ڪئي. ڇي "اوهان ڏکيو پيو جو سنڌ ديوي باقي مان انهن نالو نهاد قوم پرستن، ٻڌو جين دي ايجنٽن کي پاڻهي نيڪ ڪندس، هي پاڻ ڪي سمجهن ٿا سنڌ ۽ جا نيڪدار ڀنيا وڃيا آهن..." (١).

ان تي عمل ڪرڻ سان گڏوگڏ هن پنهنجي ذيلي تنظيمن کي به ڇوڙي ڇڏيو جر، عام ماڻهوء کي منجهائڻ وارا پمفليٽ ۽ وال پوسٽر شايع ڪيا ۽ سڄي سنڌ ۾ هيٺين ريت چاڪنگ ڪرائي.

"پدي ۽ جو ويري سنڌ جو ويري"

"هڪ هتي مرده باد - ڪنڊيل جدوجهد زنده باد".

چوڻي آهي ته "چانڊيا چور شمباڻي شاهد" تنهن وانگر پليجي واري سنڌ کي سمجهيو ته سنڌس چارن پٺي "وڏي بچڙمي ان جي تائيد به انهن ئي پٺي ڪئي. سڄي سنڌ ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ (sst) نئي سنڌس آڌيان ۾ چاڪنگ ڪرائي. پر جڏهن پليجي کان پڇيو ويو ته "تو سان ٻيون ڪهڙيون پارٽيون تعاون ڪري رهيون آهن." ته هن ورانيائين "سنڌي شاگرد تحريڪ، سنڌي مزدور تحريڪ، سنڌي هاري تحريڪ، نئشتياني تحريڪ" مٿيون چارئي سنڌ جون نمائنده تنظيمون ته ٻيون سان مڪمل طور هم خيال آهن" تنهن تي ڪيس نون اتحادين ٺهيو آهي ته تنهنجون ئي مختلف ذيلي تنظيمون آهن". نتيجو ڪئي پيٽرس

(١) آخر ۾ ڪچين ڪارڊن جي بوڇاڙ ڇڪو پليجي جو پنجابين وانگر ٿيو آهي.

موراڳو مچر جي پيو "نه بابا نه اهي الڳ الڳ تنظيمون آهن، انهن جو پنهنجو جدا جدا فريم ورڪ آهي" اها هئي اتحاد جي جي علمبردار جي شروعات ۾ ڏي سچائي ۽ نيڪ نيتي! اهڙي منجهيل ماحول ۾ پنهنجو موقف واضح ڪرڻ لاءِ جيئي سنڌ محاذ طرفان ٨٧-٧-٧ تي مختلف اخبارن ڏانهن هيٺيون وضاحتي بيان جاري ڪيو ويو.

"ڪالهه وارن ڪجهه اخبارن ۾ سنڌ هاري ڪميٽي جي صدر غلام رسول سهتي جي پريس ڪانفرنس ڇپي آهي جنهن ۾ هن اعلان ڪيو آهي ته ١٧ جولاءِ تي ڪراچي ۾ هڪ اجلاس ٿيندو. جنهن ۾ سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ هڪ مشترڪ حڪمت عملي وضع ڪئي ويندي. جن ليڊرن جي اجلاس ۾ شرڪت تي رضامند هئڻ جي دعوا ڪئي وئي آهي تن ۾ جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين عبدالواحد آريسر جو نالو پڻ شامل آهي. انڪري اسين پنهنجو موقف واضح ڪرڻ ضروري سمجهون ٿا.

سڀ ڪان پهريان اها ڳالهه آهي ته جناب عبدالواحد آريسر اهڙي ڪنهن به اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ تي آمادگي ظاهر ناهي ڪئي. بلڪ حقيقت ته اها آهي ته اجلاس جي منتظمين هن سان ڪو رابطو ئي ناهي ڪيو. جڏهن ڪنهن معاملي جي شروعات ئي بدنيتي تي مبني هجي ته ان جو انجام ڪهڙو ٿيندو؟

ٻي اهم ڳالهه اها آهي ته سنڌ جا اهي همدرد جڏهن سنڌ جي حقن جي حصول جي ڳالهه ڪن ٿا تڏهن اهي، اهو ٻڌائڻ کان يا ته ڊڄن ٿا يا چاڙهي واڙي سنڌ جي ماڻهن کان لڪائڻ گهرن ٿا ته اهي حق ڪسيا ڪنهن آهن جڏهن ته اها ڳالهه تاريخ روز روشن جيان ظاهر ڪري ڇڏي آهي ته پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين مظلوم قومن جا حق غصب ڪرڻ وارو پنجاب آهي. ۽ جڏهن دشمن جو تعين نه هجي ته اتحاد ڪنهن جي لاءِ ۽ ڪنهن جي خلاف!

ان کانسواءِ انهي ۽ اجلاس ۾ تجويز ڪيل شريڪ ٿيندڙن

منجهان پهريان ٿي مختلف اتحادن ۾ ڦاٿل آهن جن جو مقصد ۽ دعوى پاڪستان ۽ امريڪا جا مفاد، موجوده حڪومت جي مقابلي ۾ وڌيڪ محفوظ بڻائي سگهڻ ٿا. سنڌي قوم انهن بزرگن کان صرف اهو پڇڻ گهري ٿي ته جيڪڏهن سنڌ ۽ پاڪستان جي مفادن (جيڪي دراصل پنجاب جا مفاد آهن) ۾ تضاد پيدا ٿيو (۽ اسان جي خيال ۾، اهي تضاد پهريان ئي موجود آهن) ته اهي ليڊر صاحب ڪنهن جو ساٿ ڏيندا. سيني لاءِ ۽ سدائين لاءِ، پنهنجو اهو موقف واضح ڪري ڇڏڻ گهرون ٿا ته جيستائين ڪو مٿين ڳالهين تي پنهنجو موقف واضح نه ٿو ڪري ان سان اسان جي ڳالهه ٻولهه جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي.

امر جوڻيجو

پريس سيڪريٽري، جيئي سنڌ محاذ

مٿي ظاهر ڪري آيو آهيان ته هتان جون اخبارون پڻ وفاق پرست موقعي پرستن جو ساٿ ڏيئي رهيون آهن. انڪري، مٿيون بيان هڪ بہ اخبارن ڪاٽ ڪوٽ ڪري شايع ڪيو. تنهن هوندي بہ ايترو ٿيو ته موقف ظاهر ٿيو. ان ڪسانپوءِ سنڌ جي ٻين قوم پرست جماعتن پڻ اهڙي قسم جا بيان پڌرا ڪيا. تنهن بعد سنڌ جون هيٺيون تنظيمون مٿين مسئلي تي گڏيل موقف پيش ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ گڏ ٿيون. جيئي سنڌ محاذ، سنڌ نيشنل ڪانگريس، سنڌ ساگر پارٽي، سنڌ دوست مزدور تنظيم".

مٿين تنظيمن جي نمائندن پڻ مذڪور طور تي بہ ساڳئي موقف وارو بيان جاري ڪيو.

بس ان بيان جو شايع ٿيڻ ۽ پليجي کي خار لڳڻ ڇاڪاڻ جو ان عمل سان ڪيس اتحاد واري نٿين لحرفت ۾ رولو پوندي نظر آيو، جنهن سان هو حرفت بازيءَ رستي سنڌ جي نمائندگي حاصل ڪري، پنجابي اڳيان سرخرو ٿي سگهي ها! اهڙي ريت

خار ڪاٺي وري قومي سوچ رکندڙ تنظيمن خلاف باھوڙ شروع ڪري ڇڏيائون ھئا.

حقيقت ۾ ڪيترا اتحاد کان روڪيو ويو ته ملٽري آمريت فوجين جا ايجنٽ ھئا."

"اتحاد جو انڪار، سنڌ جو انڪار".

تيز گند پرنٽ پروپيگنڊا جاري ھئي جو ملتان ۱۷ تاريخ اچي ويئي. پليجي ۽ ٻين جي انھن حڪمت عملي ۽ سمجھاڻي حاڪم علي زرداري جي ڳوٺ ۾ ٿيل سنڌ جي سياستدانن، انقلابين، دانشورن، وڪيلن، محمد ابراهيم جويو، سوڀو گيانچنداڻي ۽ هارين ڪميٽي جا ڪارڪن وغيره پرڏيهي ظاهر ڪيائين ته ڪو به نه ڪو تنظيم نه ڪيو. پليجو ۽ ٻين جي سمورن ڪارڪنن مطالبن تي انهن ڪم تي ڇڪيو ويو. جاڪاڻ ته سواءِ سنڌ هاري ڪميٽي جي باقي ڪابه اهڙي تنظيم ڪانه هئي جنهن کي ڪا اهميت حاصل هجي. جنهن جو اڳواڻ محترم جام ساقي به اڳواٽ بيان جاري ڪري چڪو هو ته "جنهن اتحاد ۾ جيئي سنڌ شامل نه هوندي اهو اتحاد اڌورو هوندو" ان بعد ڪانفرنس جي ڏينهن ڏاهي وارا ڪابه پليجي کي پنهنجي شاهوڪار نظر اچڻ لڳي. ھنن پنهنجي سياسي جدوجهد ۾ صلاح سان هٿ ڏيڻ لاءِ واري تنظيمن کي وڏائي چڙهائي پيش ڪري نه سگهيا. تنظيمن ڪيترائي جن پنهنجي اتحاد جي حمايت ۾ پنهنجون خدمتون پيش ڪيون.

(۱) عوامي نيشنل پارٽي حاڪم علي زرداري (جنهن جو پليجو پاڻ نمائندو آهي).

(۲) سنڌ هاري ڪاميٽي (جام ساقي ۽ غلام رسول سهتو).

(۳) وطن دوست انقلابي پارٽي ارباب کهاوڙ (جام ساقي اتحاد ۾ آهي).

(۴) سنڌ نيشنل الائنس محمد ابراهيم جويو علي احمد قريشي (جي صاحب انجمن آڪٽوبر ۱۹۸۸ع ۾ اليڪشن کي ڪري ختم ٿي ويو).

(٥) سنڌي هاري تحريڪ، مولابخش ميمڻ (هي سندس ذيلي تنظيم آهي.

(٦) سنڌ انٽيليڪچوئل فورم رشيد ڀٽي (جيڪو سندس پراڻو نمائندو آهي).

(٧) سنڌ ڪلچرل اڪيڊمي، نذير احمد چنه. (هن تنظيم جو وجود، خبرناهي ته ڪٿي ۽ ڪهڙي هنڌ آهي).

(هن تنظيم رات ٽوچ ۾ وجود ورتو ۽ پليجي لاءِ ڪم پيئي ڪري).

(٨) سنڌ فرينڊس فورم. سڄڻ لغاري. سڄڻ ميراڻي.

پليجي واري ان اتحبازي ۾ قوم پرست تنظيمن ڪانسواءِ وفاق پرست پيپلز پارٽي پڻ شريڪ ٿي. اهڙي ريت پليجي طرفان سنڌ جي قومي تحريڪ کي راڻا هو هٿنڌڙ ڀهريون حملو جهڙوڪر ناڪام ٿي ويو پر پوءِ به هن همٿ ڪري ١٩ آگسٽ تي ڀيهر گڏجڻ جو اعلان ڪري، پنهنجي وانگي ٽيل پٽ ڪي پڙدي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

ان وچ ۾ DSF جي ڪجھ دوستن ٿر جي مسئلن بابت هڪ وڏو ميڙ "ٿر بچايو ڪانفرنس" جي نالي ۾ سڏائڻ جو فيصلو ڪيو ان بابت مختلف دوستن جي صلاح مصلحت ڪانپوءِ انهن مختلف ماڻهن تي مشتمل هڪ ڪميٽي، تشڪيل ڏني. ان ڪميٽي ۾ هيٺيان ميمبر حضرات شامل هئا.

(١) معصوم ٿري (آرگنائيزر).

(٢) مسٽر وزير لاکو ڪارڪن ANP ميمبر.

(٣) علي حسن چانڊيو ڪارڪن DSF ميمبر.

(٤) اقبال ملاح ڪارڪن DSF ميمبر.

(٥) ڦوٽو رستماڻي ڪارڪن سنڌ هاري ڪميٽي ممبر.

(٦) محبوب قريشي ڪارڪن پاڪستان ورڪر فيڊريشن ميمبر.

(٧) سهيل سانگي صحافي ميمبر.

ان ڪميٽي اخبارن ۾ اعلان ڪرائڻ ۽ وال پوسٽر شايع

ڪرڻ رستي مختلف مڪتبه فڪر رکندڙ سياستدانن ۽ عام ماڻهن کي هن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جو سڏ ڏنو. ان کانسواءِ مختلف پارٽين جي اڳواڻن کي خاص طور تي مدعو ڪيو جن ۾ مسٽر پليجو پڻ شامل هو (١) ڪانفرنس کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ڪاميٽيءَ سر توڙ ڪوشش ڪري، ڪانفرنس جو بهترين بندوبست ڪيو.

ڪانفرنس واري ڏينهن يعني ٢٣ جولاءِ تي ڪانفرنس منعقد ڪرائيندڙ ڪميٽي پنهنجا پنهنجا ڪم ورهائي ڪنيا جن موجب اسٽيج سيڪريٽري طور علي حسن چانڊيو مقرر ڪيو ويو هو. ۽ ڊسيپلين ڪميٽي جا ڪارڪن اسٽيج جي چوڌاري ۽ پنڊال ۾ مختلف جاين تي منعقد ٿيل هئا. تمام پرسڪون ماحول ۾ عوام کي جلسي شروع ٿيڻ جو انتظار هو ايتري ۾ ٽيڪ پوڻين ڇهين بجي مسٽر رسول بخش پليجو جاڪمانه انداز ۾ بندوقن ۽ رائيفلن سان مصلح ٻه سوَ هٿيار بندن جي جٿي سان پنڊال ۾ پهتو. اسٽيج سيڪريٽريءَ کيس آجيان طور پليڪار ڪندي، ٻين مهمانن جي اچڻ تائين اسٽيج جي ڪابي پاسي مهمانن واري

(١) پليجي، جو پراڻو شاگرد مسٽر مسعود نوراني لکي ٿو ته اسان کي اها به خبر پئي آهي ته پليجي صاحب کي ڪانفرنس ۾ شرڪت جي باضابطي ڪا دعوت ڪانه ملي هئي، فقط سنڌس نالو ڪانفرنس واري پوسٽر ۾ ڇاپيو ويو هو" (هفتيوار ڪڇهري ١٦ آگسٽ ١٩٨٧ع) خبر ناهي ته مسٽر نوراني اها معلومات ڪٿان هٿ ڪئي. يا وري پليجي سان پاڻ ملهائڻ واري عشق ۾ ايترو ته غلطان ٿي ويو جو اهو به خيال نه رهيس ته ان ڳالهه جو ته پاڻ پليجي وارا به ذڪر ڪونه ٿا ڪرن بلڪ کين ته موراڳو اها شڪايت آهي ته پليجي وارن جي ڪارڪنن سان گڏجي جمع ڪيل چندو پليجي لاءِ گهٽ خرچ ٿيو آهي.

حصي ۾ وهڻ جي نيند ڏني. پليجو جنهن زندگيءَ ۾ ڪنهن سان ڳڏجي هلڻ ته سکيو ئي ناهي. ڳڏجڻ جو ته هو رڳو ڍنڍوروئي ڪري چائيندو آهي جنهن عملي طور تي اتحاد جو ڪٿي اٿس ته ان ۾ لازمي طرح ٻنهي بدنيتي سمايل هوندي آهي. مظاهرو زندگي ڀر نه ڪري سگهيو آهي جڏهن به ڪائي ڳالهه اهڙو ماڻهو ڪٿي ٿو ٻين جو انتظار ڪري ۽ ٻين کي به پاڻ جهڙو سمجهي هو پنهنجي حاڪمانه انداز سان پنهنجي پنڌرهن ويهن بندوقچن سان اسٽيج تي چڙهي ويو ۽ سنڌس ڳماشتن هڪدم مائيڪ تي قبضو ڪري سنڌس ساراهه ۽ ثنا جا گيت ڳائڻ ۽ نعرا هڻڻ شروع ڪيا. مسٽر علي حسن چانڊيي طرفان پليجي کي گذارش ڪرڻ جي باوجود ڪو ڪنٽرول نه ڪيو ان دوران پليجي ميڪاولي واري مڪاراڻي چال کيڏندي پنهنجي ڪارڪنن کان مائيڪ وٺي سامعين کي مخاطب ٿيندي چيو ته "مان ٽڪل آهيان، انڪري فلحال آرام ٿو وڃي ڪريان، ڪانفرنس شروع ٿيڻ وقت ايندس"(١) پليجي جي اٿي وڃڻ ڪانپوءِ سنڌس جيالن ڪهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو ان جو تفصيل "ٽربچايو ڪانفرنس؟ ڪميٽي عوام جي عدالت ۾" هيٺين ريت تفصيل سان ظاهر ڪيو آهي "پليجو صاحب ته هليو ويو پر پويان جيڪا پوئلڳن جي فوج ڇڏي ويو انهن پليجو جا شخصي نعرا هڻندي زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو انهن مان ڪجهه دوست ٽمر جي

---

(١) جيڪڏهن ان عمل ۾ سنڌس نيڪ نيتي هجي ها ته پوءِ پهريان به هو جاءِ تي وڃي آرام ڪري پئي سگهيو پر اصل ۾ ڪين انتظاميه مٿان دٻاءُ ڪرڻو هو ته جيئن سندن مرضيءَ موجب پروگرام هلائين باقي جلسي گاهه مان اٿي وڃڻ ۽ سمورن اڳواڻن ۽ عوام جي گڏ ٿيڻ ڪانپوءِ واپس اچڻ منجهان سنڌس ان مڪار وڏيري واري ذهنيت ظاهر ٿئي ٿي جيڪو اوطاق ۾ سمورن ماڻهن جي گڏ ٿيڻ بابت اڳڀرائي معلوم ڪري، بعد ۾ ٻاهر نڪرندو آهي.

ڪانفرنس ڪميٽي پاڻ هلائيندي ۽ اوهان مهمان آهيو ۽ ذميواري جو ثبوت ڏيو، گڙٻڙ نه ڦهلايو، پر انهن همراهن نه صرف نابري واري پر ڌمڪي ڏيندي چيو؛ ته جيڪڏهن اوهان اسان کي انتظامن ۾ شريڪ نه ڪيو ته اسان وٽ ٻيا به طريقا آهن. ائين پئي محسوس ٿيو ته هي همراهه ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ نه پر جهڙوڪ اسان کي ڪا سبق ڏيڻ آيا هجن. ان وقت انتظامي ڪميٽيءَ جي اڳيو صرف به صورتون هيون. هڪ اها ته ٻنهي ڌرين ۾ تصادم ٿئي ۽ ڪانفرنس هنگامي بازي جو شڪار ٿي وڃي ۽ اها منعقد ٿي نه سگهي، جيڪو انتظاميه اڳ ئي چاهيو پئي. ٻي صورت اها هئي ته پليجو گروپ کي جيڪو "آئي ٽانڊي لاءِ ٿي ويٺي مالڪياڻي" ٿيڻ لاءِ سنهري هئي تنهن کي حصيدار بڻائجي ته جيئن ڏکويل، ڏکارين جي حقن جي پاسداريءَ جي اها تقاضا هئي ته ڪانفرنس بهرحال ٿيڻ گهرجي انتظاميه ڪميٽي بروقت ۽ صحيح فيصلو ڪيو ته ڪانفرنس هر صورت ۾ ٿيڻ گهرجي ان ڪري انهن جا شرط مڃيا ويا ان ڪانپوءِ پليجي گروپ جي ماڻهن اسٽيج ۽ پنڊال جي چوڌاري لٺين ۽ ڪهاڙين سان پنهنجا ماڻهو بيهاري ڇڏيا."

"جلسي شروع ٿيڻ کان اڳ ٻه ٻچايو ڪميٽيءَ سان زبردستي انتظامن ۾ شريڪ ٿيل دوستن گڏيل ضابطا طئه ڪيا. انهن موجب (۱) نعرا اسٽيج تان لڳندا (۲) پنڊال مان ڪوبه نعرو نه لڳندو پر جيڪڏهن ڪي نعرا لڳا ته انهن کي اپيل ڪجي ته هو نعرا نه هڻن (۳) متضاد ۽ شخصي نعرا نه لڳندا (۴) اسٽيج سيڪريٽري ٻه هوندا ٻه ٻچايو ڪميٽي پاران علي حسن چانڊيو ۽ پليجو گروپ پاران سراج سيال".

"ڪانفرنس شروع ڪرڻ لاءِ جڏهن اسٽيج تي مهمانن کي سڏڻ بابت ڳالهيون ٿيون ته پليجي گروپ وارن صرف پنهنجن ماڻهن کي سڏڻ گهريو ايتري حد تائين جو عورتن طرفان نمائندگي لاءِ جڏهن انهن جمهوريت پسند خواتين جي

نمائندي کي سڏڻ لاءِ چيو ويو ته اهو ڇڻي رد ڪري ڇڏيائون ته اسان ڪابه عورت ساڻ ناهي آندي انڪري عورتن جي نمائندگي نه ڏيندي؛ ڪانفرنس جي صدارت لاءِ اسان تر بچايو ڪميٽي طرفان ڪامريڊ ڇام ساقيءَ جو نالو تجويز ڪيو. پر انهن اُن کي رد ڪندي پليجي کي آخر ۾ تقرير ڪرائي. هن سڄي عمل ۾ يارن جو طريقو سياسي داداگيري وارو رهيو ۽ اُئين پئي محسوس ٿيو ته هنن کي ترين سان سڪ گهٽ پر پليجو جي پروجيڪشن جي وڌيڪ ڳڻتي هئي".

ان موقعي تي مسٽر پليجو جي ذيلي تنظيم شاگرد تحريڪ جي ڪارڪنن شاگرد اڳواڻ امداد چانڊئي ۽ معراج محمد خان مٿان بيحد هوٽنگ ڪئي پر پليجي ان عمل کي ختم ڪرائڻ لاءِ اکر به نه ڪڇيو ويٺو مشڪي لطف اندوز ٿي رهيو هو. پليجي يارن تر بچايو ڪانفرنس ۾ پنهنجي شهريت ڏيکارڻ ۽ هڪ هٽي وهارڻ جو اهو ڀريون رائونڊ هو. ان جو ٻيو رائونڊ ان وقت شروع ٿيو، جڏهن صاحب موصوف ڊ-اڻ مائيڪ تي خطاب فرمائڻ آيو. ان وقت سنڌس چـاڙتن (جيڪي پاڻ کي شخصيت پرستيءَ جا سڀ کان وڏا مخالف ظاهر ڪندا آهن) "نعري پليجو، جيئي پليجو" جا نعرا هڻڻ شروع ڪيا. اهڙي ماحول ۾ ٻين پارٽين وارن ڪارڪنن پڻ پنهنجا پنهنجا نعرا هڻڻ شروع ڪري ڏنا. جيئي سنڌ اسٽوڊنس فيڊريشن جا ڪجهه نوجوان جيڪي پنڊال جي آخري ڇيڙي ۾ ويٺا هئا. تن پڻ "نعري سنڌ، جيئي سنڌ" "تنهنجو رهبر، منهنجو رهبر جي-ايم سيد، جي-ايم-سيد" نعرا هڻڻ شروع ڪيا. بس هيڏانهن جوانن جو نعرو هڻڻ ۽ هوڏانهن پليجي جي نمائندن جو مچرجڻ (١) ان بعد ڇا وهيو واپريو تنهن بابت تر بچايو ڪانفرنس وارن جي لکت هن ريت آهي "جڏهن پليجي جي تقرير لاءِ اعلان

(١) سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته پنڊال ۾ ٻين پارٽين وارن به نعرا هنيا پئي ۽ پاڻ ته ڏمچرڪئي ڪيو هيائون پر (هلنڊڙ)

ٿيو ۽ نعرا لڳڻ شرط شروع ٿيا، نعرا ”پليجو! ان ٿي پين ڏرين ۾ پنهنجا پنهنجا نعرا هنيا ۽ پليجي گروپ جي لٺين ۽ کهاڙين سان ماڻهن ڊڪي وڃي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي انهن ڇوڪرن کي ڊڪايو ۽ جيڪي ٻه يا ٽي ڄڻا پڪڙجي سگهيا. انهن کي دسي اهڙي نموني ماريو جيئن ٻي سمجهه ماڻهو ذاتي جهيڙن ۾ هڪ ٻئي کي ماريندا آهن. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا همراهه دسيا پيا هئا ۽ مٿان لٺين ۽ کهاڙين جي پاهن جو وسڪارو هو ڄڻ ته همراهن کي آفت ماريو هجين.“

اها ڳالهه رڳو اتي پوري ڪانه ٿي سنڌي ماڻهن جي هڏ ڏوکي ۽ همدرد هئڻ جي هن ڪوڙي دعويدار ايڏي غنڊا گردي ۽ پيچ ڊاهه ۾ نه رڳو پنهنجي ماڻهن کي منع نه ڪئي بلڪ بلند آواز سان تقرير ڪندو رهيو جنهن ۾ جيئي سنڌ وارن ۽ زخمي ٿيل نوجوانن کي زن دخترگارين جي بوڇاڙ شامل هئي. اهڙي ماحول ۾ نامزد ڪيل ڊسپلين ڪميٽي جا ڪارڪن پڻ ڪجهه نه ڪري سگهيا ۽ بي وس بڻيا رهيا. ان جهڳڙي جي تفصيل بابت سنڌن لکت موجب ايٽري ۾ ”پليجو گروپ جو

انهن سيني وچ ۾ هن سيڪيولر ۽ انقلابي سياست جي دعويدار کي جيڪڏهن ڪو خراب نعرو محسوس ٿيو ته اهو جيئي سنڌ وارن جو! ان ڪانسواءِ نعري سنڌ ٿي ته ڪنهن به سنڌ جي اولاد کي خفا ٿيڻ جو ڪو به جواز ڪونهي پر اها حقيقت آهي ته پنجاب جو، نعري سنڌ کان خائف آهي تنهنڪري ان جي حاشيه بردارن اهو پڪو فيصلو ڪري ورتو آهي ته پنجاب کي راضي ڪري پنهنجي ووٽ وڌرائڻ لاءِ هر اهو ڪم ڪبو جيڪو پنجاب چاهيندو هوندو. انڪري ئي عوامي نيشنل پارٽي جي ۾ پوش ڪل پاڪستان عوامي تحريڪ جي داداگيرن کي جيئي سنڌ جي نعري تان پڻ چڙ لڳي ويئي.

هڪ ڪارڪن مظهر ٽالپر جيئي سنڌ جي هڪ ڪارڪن: کي ڏسي. ان پٺيان پستول ڪڍي يڳو ۽ فائر ڪيا. اکين ڏٺا شاهد آهن جن چيو ته مظهر ٽالپر جي گولي لڳڻ سبب هڪ مسڪين ٽري پ-پ جو ڪارڪن حسن هنگورو ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا ڪارڪن لڇمڻ ٽري ۽ ساجن شديد زخمي ٿي ڪري پيا. ان ڪانپوءِ به مظهر ٽالپر ۽ سندس پيا همراه فائر ڪندا رهيا".

فائرنگ ٿيڻ تسي سڄي پنڊال ۾ ڀاڄ پئجي ويئي. سنڌ جو نام نهاد ڏاهو، مها انقلابي ۽ هٽ ٺوڪيي بهادر اڳواڻ مسٽر پليجي جڏهن گولين جا آواز ٻڌا، تڏهن سندس زبان مبارڪ منجهان دانهن نڪتي "اڙي گوليون ٿيون هلن، بچايو". ۽ لاڏوءِ اٺ وانگر اتي جو اتي گوڏا کوڙي ويهي رهيو. بس سندس دانهن ڪرڻ جي دير هئي. هڪدم ۲۵-۳۰ مسلح گارڊ کيس گهيرو ڪري اسٽيج تان هيٺ لاهي لڳا. تڏهن PNP سنڌ جي صدر مسٽر شاهه محمد شاهه، اڳتي وڌي کيس چيو ته "گوليون اوهان جا ماڻهو پيا هلائين، اوهان کين منع ڪريو" پر هن ٻريشي جي مريض شاهه جي ڳالهه ٻڌي اڻ-ٻڌي ڪندي. سموري جلسي کي ان خوني جڳهڙي واري حالت ۾ ڇڏي پاڻ ڪار ۾ چڙهي رمندو رهيو. اهڙي نموني پليجي واري حاڪمانه ڪردار جي اتي پڇاڻي ٿي. جنهن بابت ٽر بچايو ڪميٽيءَ واضح نموني لکيو آهي ته "انسان مارڻي جي ملڪ جي غريب، ماڻهن، ٽر جي پرامن ۽ ويڙهه کان پاڪ زمين جي تقدس کي جنهن گندي نموني پائمال ڪيو آهي، ان ۾ رسول بخش پليجو گروپ کي ذميوار ٿا سمجهون ۽ انهن جي مذمت ٿا ڪريون".

جلسي جي اهڙي ريت پيچ ڊاهه کانپوءِ جڏهن زخمي نوجوانن کي اسپتال پهچايو ويو تڏهن ڪجهه دير بعد مسٽر پليجو پنهنجي اٿالي سان، اسپتال پهتو. اسپتال ٻاهران پاڻ گاڏيءَ ۾ ويٺو رهيو ۽ ماڻهو موڪلي معلوم ڪرايائين ته زخمي ڪير ٿيا آهن. جڏهن کيس اها خبر پيئي ته زخمي نوجوان پ-پ ۽

جيئي سنڌ جا ڪارڪن آهن تڏهن ٻوئين ٻير واپس ٿيو ـ ٻئي ڏينهن جنهن ٻي اخبارن ۾ خبر شايع ٿي ته ٻين ٻليجو جي ڪارڪنن ”چانڊيا جوڙ، شمالي شاهد“ وارو ڪردار ادا ڪندي، ان واقعي کي ٻليجي ٻئن قاتلاڻو حملو قرار ڏنو ۽ ان حملي جو ذميوار پنهنجي نظرياتي دشمن تنظيم جيئي سنڌ کي ظاهر ڪيو مسٽر حسين بخش ناريجو پورهيت دوست ته همٿ ذوڪي مها انقلابي سردار حاڪم علي زرداري صدر ANP سنڌ سان گڏجي پريس ڪانفرنس ڪئي جنهن ۾ جيئي سنڌ وارن تي چوهه چنڊيا ويا ۽ سندن اڳواڻ محترم جي-ايم-سيد کي سرڪار جو ايجنٽ چيو ويو ۽ کين حملي جو ذميوار سڏيندي سرڪار کان ٻي ڏوهارين خلاف قتل جو ڪيس داخل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو“(۱) ساڳي ڏينهن واري آفتاب اخبار ۾ جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين محترم عبدالواحد آريسر جو هڪ بيان شايع ٿيو جنهن ۾ هن چيو ته ”اڳوڻي عوامي تحريڪ وارو گروپ سنڌ کي دائمي غلاميءَ ۾ رکڻ لاءِ سامراج جو وفادار ٿي نائونمل وارو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه هو سنڌي قوم جي اتحاد جي مقدس نالي ۾ ڪري رهيو آهي.“ هن وڌيڪ چيو ته ”سنڌي قوم پنهنجا دوست دشمن سڃاڻا آهن، اڪري ”اتحادين“ جون به اکيون کلڻ گهرجن“.

محترم آريسر صاحب جي مٿين بيان تي موراڳو سندن مڪتبه ۾ مانداڻ وجهي ڇڏيو. مڙس مڇرجي پيا، چوڏاري ڇٽو ٻول ڪري ڏنائون. آريسر صاحب ۽ جيئي سنڌ جي ڪارڪنن خلاف روزانو پئي بيان شايع ڪرايائون. اهي بيان پهريان ته ANP جي حوالي سان پئي شايع ٿيا پر پوءِ سمجهيائون ته رڳو اتان ڪم نه نڪرندو تنهنڪري سندس ٻي ذيلي تنظيمون سنڌي شاگرد تحريڪ، سنڌي هاري تحريڪ، سنڌي

(۱) ڏسو روزنامه جنگ ڪراچي ۲۷ جولاءِ ۱۹۸۷ع.

مزدور تحريڪ، سنڌياڻي تحريڪ، ناني رڙڻ واري، ڏوهتيون
وندڻ واريون" وارو ڪردار ادا ڪندي هر هڪ ڌار ڌار تنظيم
جي حوالي سان جيئي سنڌ جي مذمت ۽ پليجي جي تعريف ۾
بيان جاري ڪرڻ شروع ڪيا. پر پوءِ "ٽر بچايو ڪانفرنس"
۾ شريڪ ٿيڻ تنظيمن جي ماڻهن جو حقيقت پسندانه جذبو پڻ
بيدار ٿي پيو جنهنڪري انهن پليجي واري ساڳي واري سٽ
رنگي سياست جي پٺ وانگي ڪري وڌي. انهن تنظيمن ۾
سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن، ڊي ايس ايف وطن دوست اسٽوڊنٽس
فيڊريشن جا نالا سرفهرست آهن. ان ڪانسواءِ نيشنل عوامي
پارٽي جي مرڪزي رهنما سيد رشيد احمد شاهه پڻ حقيقي واقعن
تي مشتمل بيان جاري ڪيو جنهن ۾ هن ڪوڙي دعويدار
دانشور جي پٺ وڏيڪ وانگي ٿي پئي. مسٽر رشيد احمد چيو
"عوام خود سمجهي ٿو ته حملو ڪنهن تي ٿيو آهي. اهڙن
عملن سان ٽر يا سنڌ کي نٿو بچائي سگهجي" هن چيو "حاڪم
زرداري منهنجو پراڻو دوست آهي ان ڪانفرنس ۾ موجود به
ڪونه هو. هڪ طرفي ڳالهه ٻڌي ترقي پسندن تي چوڌ چنڊڻ
ڪيس کي زيب نٿو ڏئي هن زخمي پ.پ جي ڪارڪن حسين
هنگورو جو ۽ جيئي سنڌ جي ڪارڪن سان دلي همدردي ۽
جو اظهار ڪيو آهي"(١).

ان ڪانسواءِ مٿين واقعي جي باري ۾ ڪامريڊ مير ٿيٻي،
غلام رسول سهتي، ۽ مسٽر وزير لاکي جا پڻ حقيقت پسندي ۽
وارا بيان شايع ٿيا جنهنڪري ANP جي پوش ۾ ڪم ڪندڙ
پاڪستان عوامي تحريڪ کي وڏيڪ خوار خراب ٿيڻو پئجي پيو.
هاڻ جو ڏٺائون ته سنڌ ۾ به خوار ٿيا آهيون، "ڪتو به ڪنڌو،
ڪک به نه پيري" ته پوءِ باقي ڇا ڪتيو. تنهنڪري موراڳو
رخ ڪيائون. پنهنجي آقائن پنجابين ڏانهن هتان پاڪستان عوامي

---

(١) روزانا آفتاب حيدرآباد ٣٠ جولاءِ ١٩٨٧ع.

تحريڪ جي وفد عوامي نيشنل پارٽيءَ جي جئبي سان وڃي، لاهور ۾ نڪاح ڪيو ته جيئن اتي پنهنجي آقائن کي ٻڌائي سگهن ته اسان اوهان جي ڪاٿي ۾ هڙئيون ٻيون جئيون ٿيون. اچان به نتا اسان جي ايماني جذبي تي ڀروسو ڪريو. اهڙي ريت اتي وڃي هنن سند ۽ ثر بچائيندڙ جوڌن لاهور ۾ جيئي سنڌ وارن جي خلاف جلوس ڪڍيو ۽ محترم جي-ايم سيد جو پتلو ساڙيو.

سنڌ جو قومي اڳواڻ محترم جي-ايم سيد پنجابين جي عتاب جو نشانو آهي انڪري متين قسم جي عملن سان پنجابين کي اهو باور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪيائون ته "اسان ته توهان جو ئي ڪم ڪري رهيا آهيون". ان لاءِ هنن پنجابين اڳيان جلوس ڪڍيو سنڌ جي قومي رهبر جو پتلو ساڙي پنجابين سان وفاداريءَ جو ثبوت پيش ڪيو. سنڌين ان ڪارروائي جا فوٽا نواءِ وقت ڪراچي جي ٣٠ جولاءِ ١٩٨٧ع جي اخبار ۾ شايع ٿيا آهن. جلوس ۾ جيڪي وڏا بينر نظر اچن ٿا تن منجهان اڳيان اڳيان واري بينر تي لکيل آهي "وفاق کي دشمن جي-ايم سيد کي سرپرستي بند ڪرو".

واهه سائين پنجابين جا پاليل پليجا، وفاق جا ٺيڪيدار سنڌ جي عشق ۾، جنهن کي ماني ڪانه ٿي، وٺي، بس رات ڏينهن هاءِ گهوڙا ڪندو وتي "هجي ڪو، جنهن سان سنڌ کي بچائڻ لاءِ اتحاد ڪريان" اهو وري جڏهن پنهنجي آقائن پنجابين جي اڳيان پنهنجي ڪيل ڪمن جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ وڃي ٿو. تڏهن سنڌ جي مڃيل محب وطن ليڊرن کي وفاق جا دشمن سڏي پنهنجون مارڪون وڌرائي ٿو. هاڻ ڪٿي، سنڌ بچائڻ جون ڳالهيون ڪٿي ثر جي بچاءَ جي پريشاني ۽ ڪٿي وفاق سان وفاداريءَ جو مسئلو! هاڻ ته اهو صاف ظاهر نظر اچي ٿو ته جنهن تان سنڌ جي قومي رهبر جا پتلا ساڙن ٿا اهو مسئلو آهي

وفاق سان دشمني يعني مرڪز کي ڪمزور ڪرڻ يعني پنجاب جي بالادستي ۽ هڪ هٽيءَ واري ڪردار کي ڪمزور ڪرڻ وارو سيد طرفان ڪيل عمل، جيڪو پنجاب لاءِ هاڃيڪار هئڻ سبب هن موقعي پرست سياستدان کي پڻ پسند ناهي. پاڪستان عوامي تحريڪ طرفان سرانجام ڏنل هن نئين ڪارنامي تي جڏهن سڄي سنڌ ۾ چئو ڀول پئجي ويو خاص طرح سان ترقي پسند ڌرين طرفان ان قدم خلاف بيان شايع ٿيا. تڏهن هي مها انقلابي قسم ڪنيو وڃن ته اهو ڪم اسان نه ڪيو آهي. اهو ته پنجاب جي عوام ترقي پسند قوتن سان سات ڏيندي سرانجام ڏنو آهي. ٻهرين ڳالهه ته هنن سانبڌي وانگر ست رنگ مٽائيندڙن کي ڪير سمجهائي ته پنجابي مسٽر پليجي لاءِ ڪيئن ٿا جلوس ڪڍن. پنجابي چاهي ڪابي ڌر جا (ڊاڪٽر مبشر، حنيف رامي، سردار شوڪت حيات) هجن ڏوڙي ساڄي ڌر جا (ڊاڪٽر غلام حسين، ٽڪا خان، مصطفيٰ کر) هجن اهي ايڏا ته نمڪ حلال آهن جو مسٽر پٽو جنهن سنڌن لاءِ سڀ ڪجهه ڪيو سنڌن وڃايل عزت ۽ انساني زندگيون واپس وراڻي ڏنيون. ان لاءِ ٻي ڪو جلوس نه ڪڍيائون. ٽون ته اڃان آزمائشي مرحلي مان پيو گذرين. ان ڪانسواءِ ٻه جلوس جي قيادت ڪندڙ ماڻهن ۾ شاگرد تحريڪ جي نمائندي مصطفيٰ سهاڳ جي تصوير پڻ اخباري فوٽو واضح نطر اچي ٿي . باقي حسين بخش ناريجو ڪٿي ڪنڌ پاسي ۾ هوندو.

ان بيان بازيءَ دوران ANP جي بنيادي ميمبر، حيدرآباد ضلعي جي جوائنٽ سيڪريٽري ۽ قومي وحدت ڪميٽيءَ جي ميمبر مسٽر وزير لاکي جيڪو ٽر بچايو ڪميٽيءَ جو پڻ ميمبر هو، تنهن حقيقت پسندانه بيان جاري ڪري، اصل واقعي کي ظاهر ڪيو. جنهن ۾ مسٽر پليجي وارن جيڪي ANP کي پڻ پنهنجي جاگير بنائڻ وارين ڪوششن ۾ مصروف عمل آهن ٽن پنهنجي ڪارڪن محمد قاسم ميرجت، ANP حيدرآباد ڊويزن جو

صدر پڻ آهي ان ڪان بيان جاري ڪرايائون تہ وزير لاڪي نالي ڪوبہ شخص ANP جو نہ عهديدار ۽ نہ وري پارٽي ميمبر آهي". ڪيڏي نہ نڪ جي پڪائيءَ سان نہ رڳو عهدن بلڪ پوري ماڻهوءَ جي وجود کي ڪاٻيو پيا وڃن. آهي ڪو ڪين چوڻ آکڻ وارو! اهڙي حالت ۾ عوامي نيشنل پارٽي جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي ميمبر ۽ سنڌ جي نائب صدر مير ٿيبي پنهنجي عهدي واري حيثيت ۾ وزير لاڪي جي حق ۾ واضح بيان جاري ڪري، ويچاري وزير جي جان آزاد ڪرائي ورتي.

انهن ئي ڏينهن ۾ پليجي وارن جيئي سنڌ جي ڪارڪنن مٿان الزام هڻندي، هڪ بيان جاري ڪيو هو تہ جيئي سنڌ وارن، سنڌ جي دوري دوران پليجي مٿان لاڙڪاڻي جناح باغ ۽ لاڙڪاڻي بار ڪائونسل ۾ حملو ڪيو هو. جيئن تہ اها ڳالهہ بنهہ ڪوڙي ۽ بي بنياد هئي. انڪري لاڙڪاڻي بار ڪائونسل جي ميمبرن ان مسئلي بابت ترديدي بيان جاري ڪندي ظاهر ڪيو تہ ڪو "لاڙڪاڻي بار ۾ محترم رسول بخش پليجي تي قاتلانہ حملو ٿيو آهي بار جي ميمبرن چيو تہ اهڙي ڳالهہ ۾ ڪائي سچائي نہ آهي ۽ نہ ان ۾ ڪنهن تنظيم طرفان ڪا اهڙي حرڪت ڪئي ويئي آهي. اسان ان کي ڪوڙي پروپيگنڊا، هٿرادو شهرت جو ڍونگ سمجهون ٿا"(١).

مٿيون بيان بازين جو سلسلو هليوئي پئي جو ٢٩-٧-١٩٨٧ع تي ٿر بچايو ڪانفرنس ڪميٽيءَ "ٿر بچايو ڪانفرنس عوام عوام جي عدالت ۾" نالي هڪ تفصيلي پرچو پڌرو ڪيو جنهن ۾ پليجي وارن جي ادا ڪيل ڪردار کي پوري ريت واضح ڪري، عوام اڳيان رکيو ويو. جنهن سان ڪجهہ مٿي بيان ڪري آيو آهيان. اهڙي ريت مسٽر پليجي واري ان اتڪلبازي واري ڊرامي جي اٽي اچان پهرين سين پوري ٿي پر هينئر سندس مڪارانہ چالبازيون ڪافي وائکيون ٿي چڪيون آهن

(١) ڏسو روزنامہ 'آفتاب' حيدرآباد آگسٽ ١٩٨٧ع.

جن کي ڏسڻ کانپوءِ عبدالحليم جوش جهڙو هيڏيون شعر سندس ڪردار تي پورو ٺهڪندو نظر اچي ٿو.

سي وري ٿــر ڪــي ڇــا بچائيندا،
پاڻ کي جـي بچائي ڪين سگهيا،
ڏاڍي ڪوشش ڪيائون مرڪڻ جي،
غيرتن کـي لڪائـي ڪين سگهيا.

هاڻ مسٽر پليجي پڻ راڻوڻ لاءِ نئين سر رٿابندي ڪرڻ شروع ڪئي. اڳ ۾ متي بيان ڪري آيو آهيان ته ۱۷ تاريخ واري اجلاس جي ناڪامياب ٿيڻ وقت مسٽر پليجي ڪرندڙ ساک جي پردي پوشي ڪرڻ لاءِ حيدرآباد ۾ ٻيهر گڏجاڻي جي تاريخ مقرر ڪئي هئي ته جيئن ڪم کي اڳتي هلائي سگهجي ان سلسلي ۾ ۱۹ آگسٽ ۱۹۸۷ع تي متي چاڻايل پارٽين جا نمائندا حيدرآباد ۾ گڏ ٿيا. ان گڏجاڻيءَ کان اڳ ۱۴ آگسٽ ۱۹۸۷ع تي عبرت اخبار ۾ سنڌي هاري ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري اطلاعات سچڻ پٽي جو هڪ بيان شايع ٿيو هو ته ٿر بچايو ڪانفرنس ۾ غنڊاگردي ڪندڙ اصل مجرمن کي بي نقاب ڪرڻ لاءِ سويي گيانچندائي، محمد ابراهيم جويي ۽ شيخ اياز تي مشتمل هڪ تحقيقاتي ڪميٽي قائم ڪئي وڃي. جنهن جي اڳو رسول بخش پليجو، جام ساقي، ارباب کهاوڙ، معراج محمد خان، شاه محمد شاه، امداد چانديو، صالح بلو ۽ معصوم ٿري پنهنجو پنهنجو موقف پيش ڪونه. جنهن جي روشني ۾ اها ڪميٽي جنهن کي مجرم ثابت ڪري، اهو اڳواڻ سڄي سنڌي قوم کان معافي وٺي" سچڻ پٽي سنڌ جي سمورين ترقي پسندن، قوم پرستن، جمهوريت پسندن دانشورن کـي اپيل ڪئي ته هن تجويز جـي حمايت ڪن ته جيئن سنڌي ماڻهن جـي اتحاد جي دشمنن کـي واڪو ڪري سنڌي ماڻهن جي حقن لاءِ ٿيندڙ اتحاد کي بچائي سگهجي. مٿين تجويز کي سنڌ جي وسيع تر مفادن جي مد نظر بهتر سمجهيو پئي ويو پر اهو ڪم ڪري ڪير؟ آخرڪار

حيدرآباد ۾ منعقد ٿيل اجلاس جي تاريخ به اچي ويئي. ان اجلاس ۾ ڀريون ٿي سوال اهو اٿاريو ويو ۽ شامل ٿيندڙ ڌرين جو اهو شرط ڀڙيان منيءَ واري واقعي جي تحقيقات ٿئي، جوابدار ٽ کي سزا ملي تنهن کانپوءِ اتحاد بابت اڳتي ڳالهيون وڌي سگهن ٿيون. هاڻ پليجي لاءِ گس گساءَ ڪرڻ جو باقي ڪو رستو ڪونه بچيو، تنهنڪري پنهنجي پراڻي چال هلندي وري ساڳيو طريقو اختيار ڪيائين چي "بالڪل فيصلو ٿيڻ گهرجي، تحقيقاتي ڪاميٽي اڄ جو اڄ مقرر ٿيڻ گهرجي ۽ ڀڙيان اهو فيصلو ٿئي تنهن کانپوءِ ئي ڪم اڳتي هلي ۽ اهو هينئر ئي ٿيڻ گهرجي." چوڻي آهي ته "چورن جا يار ڳنڍي چوڙ" تنهن وانگر پليجي ۽ سندس نمائندن طرفان سرانجام ڏنل ڪارنامن جي تحقيقات لاءِ انهيءَ ايوان منجهان جيڪا ڪميٽي تشڪيل ڏياري ويئي تنهن جو سربراهه به پنهنجي جوڙيوال ميان رشيديٽي کي مقرر ڪيائين. جڏهن تحقيقاتي ڪميٽي اڳيان بيان قلمند ڪرائڻ جو مرحلو آيو تڏهن سيٺي چيو ته "مک جوابدار آهي ملاح تنهنڪري ڀڙيان ان کي بيان قلمند ڪرائڻ گهرجي" بس پوءِ اچي مڙس گوهيون ڪرڻ لڳو چي "مون کي ته هينئر سڄاڳ ٻار تحريڪ جي جلسي ۾ شامل ٿيڻو آهي مان ته اوڏانهن پيو وڃان ايترو وقت ڪونهي جو اڄ بيان قلمند ڪرائي سگهان." آخرڪار سندس گس گساءَ تي ڪميٽيءَ جو هڪ هفتو پوءِ جي تاريخ مقرر ڪئي جنهن تي پليجو پاڻ به متفق ٿيو. پر جيئن ته سندس نيت ڪڏهن به صاف نه رهي آهي اصل کان ڪوڙ ٺڳيءَ تي گذارو ڪيو اٿس تنهنڪري اها تاريخ پڻ هن موقعو گسائڻ لاءِ قبول ڪئي. اهو ائين ته ان اجلاس کان پوءِ هفتي اندر هو صاحب هندستان جي دوري تي هليو ويو. اهڙي ريت اها ڳالهه اتي جو اتي رهجي ويئي هاڻ جڏهن هو واپس وريو تڏهن اهو معاملو پراڻو ٿي چڪو هوندو انڪري پليجي کي گس گساءَ ڪري ان ڳالهه کي ئي ختم ڪري ڇڏڻ ۾ آساني ٿيندي.

حقيقت اها آهي ته پليجي جن ارادن سان هي يونگ رچايو پئي آهي هاڻ ڪي لڪل نه رهيا آهن. انڪري محترم عبدالواحد آريسر جو اهو چوڻ دل سان لڳڪي پيو، جنهن ۾ هن چيو هو ته ”اهو اتحاد وڏو بدنصيب اتحاد هوندو، جنهن ۾ پليجو شامل هوندو“ ڇو ته اها ڳالهه سئو في صد صحيح نظر اچي رهيو آهي. پليجي سدائين نيڪ ڳالهيون بدنيتيءَ سان ڪيون آهن اهو سنڌس سياسي تاريخ جو ورثو آهي. موجوده سنڌ جي بنيادن تي اتحاد ڏيءَ جهڙي ريت هن ڪوششون ڪيون تن کي پين ته اڳ ئي سمجهيو پئي پر هاڻ ANP ۾ هن سان گڏ ڪم ڪندڙ ماڻهو پڻ سمجهي ويا آهن جيئن ٢٩-٨-١٩٨٧ تي ڪراچيءَ واري اجلاس ۾ ان مسئلي تان ڏقيڙ پئجي ويو ۽ بحث مباحثي دوران ڪارڪنن طرفان اها ڳالهه واضح ڪئي ويئي ته پليجي طرفان اهو ”اتحاد جي-ايم-سيد، مهاجرن ۽ ڪميونسٽ دشمنيءَ جي بنياد تي بنايو پيو وڃي“(١). ان اجلاس کانپوءِ مسٽر حاڪم علي زرداريءَ ڪجهه پارٽي ڪارڪنن کي خارج ڪيو جنهن تي ٧ ڊسمبر ١٩٨٧ع تيءَ وامي نيشنل پارٽي جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي ڪارڪنن عابد زبيري ۽ اختيار پئي پريس ڪانفرنس ڪئي. جنهن ۾ ان عمل کي ننديو ويو. ان پريس ڪانفرنس ۾ پارٽيءَ جي سنڌ وحدت ڪميٽيءَ جي ڪارڪن مسٽر امر لعل ظاهر ڪيو ته ”اها سامراج جي سازش آهي ته اي-اين-پي کي ٽوڙيو وڃي پر اسان ان سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين هن چيو ته حاڪم علي زرداري ۽ پليجو اينڊ ڪمپني گهڻن ٽا ته اي-اين-پي ۾ انتشار پيدا ٿئي ۽ اهي پنهنجي ارادن ۾ ڪامياب وڃن پر ڪين ان سلسلي ۾ ڪاميابي حاصل نه ٿيندي. هن چيو ته رسول بخش پليجي مٿيءَ ۾ ڪانفرنس دوران معراج محمد خان ۽ پين تي جيڪو قاتلانه حملي جو الزام هنيو هو، اهو بلڪل بي بنياد ۽ لغو هيو. هن

---

(١) ڏسو روزانه آفتاب حيدرآباد ٣٠ آگسٽ ١٩٨٧ع.

ڇيو ته اسان سنڌ جي اتحاد جي ڳالھ ڪريون ٿا پر پنھنجو اينڊ ڪمپني اتحاد جي نالي تي سنڌ جي اتحاد کي پرزا پرزا ڪرڻ گھري ٿي. اھڙي صورت ۾ ڪابھ جمھوري طاقت سنڌس ساٿ نه ٿي ڏيئي سگھي(۱).

حقيقت اھا آھي تہ موجوده حالتن ۾ پليجي طرفان ٿيندڙ ھر قسم جي مڪارپ ۽ منافقي، ڪوڙ ۽ دوکيبازي جو مرڪزي نقطو اھوئي پئي رھيو آھي تہ ڪيئن پنجابين ۽ انھن جي ساٿين اڳيان پاڻ وڏائجي ۽ پنھنجو پاڻ کي سرخرو ڪري سنڌ ۾ سائنسي سوچ سان ھتيار بند ٿيل پنجابين جو حقيقي ھمدرد ۽ ھڏ ڏوکي ظاھر ڪجي. ھو پنھنجي ان مقصد لاءِ پيو مٿا موناڏئي. ۽ مٿي ڪانفرنس واري رچايل ڊرامي پڻ ڪيس ڪجھ ان مقصد ڏانھن ويجھو ڪيو. جنھن جو ثبوت پنجابين جي نمائندي محبوب دھلوي جي لکيل ان مضمون منجھان ملي ٿو جيڪو امن اخبار ڪراچي ۾ تہ بچايو ڪانفرنس جي ناڪاميءَ ڪانپوءِ لکيو. جنھن ۾ مسٽر پليجو جي موجوده نام نھاد سرمائيدارانہ جمھوريت جي حوالي سان بيحد تعريف ڪيل آھي ۽ پليجي مٿان مختلف جماعتن خاص طرح سان قوم پرستن جي نمائنده تنظيم جيئي سنڌ محاذ طرفان لاڳو ڪيل الزامن جو ھر طرح سان دفاع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آھي. ياد رھي تہ اڳ ۾ جڏھن مسٽر پليجو پنجاب سان ويجھو ٿيڻ جو عملي مظاھرو ڪرڻ لاءِ پنجاب وڃي رھيو ھو تڏھن بہ سندس شان ۾ پنجابين جي نمائندي مسٽر وارث مير، جنگ اخبار ۾ ڪالم لکي، کيس اھڙي تحسين جوڳي ڪم تي آفرين پيش ڪندي کيس خاص طرح سان قوم پرستن طرفان ان مسئلي تي ٿيندڙ مخالفت بابت اڳواٽ آگاھ ڪندي نيڪ مشورا ڏنا ھئا. ساڳي ريت اڄ وري مسٽر محبوب دھلوي کيس نيڪ مشورا ڏيندي، سندس بچاءُ ۾ عجيب دليل بازي ڪرڻ لڳو آھي. جيئن ته

---

(۱) ڏسو روزنامہ امن ڪراچي ۸ سيپٽمبر ۱۹۸۷ع.

لکي ٿو ”جناب رسول بخش پليجو جيڪڏهن اتحاد جو نعرو هڻي ٿو ۽ ان جو اهو مطلب ورتو وڃي ٿو ته هو پنجاب جو ايجنٽ آهي يا سنڌ جي مفادن خلاف ڪم ڪري رهيو آهي ته انهن سياستدانن جو نالو ٻڌايو وڃي، جيڪي وفاق ۽ اتحاد جو نعرو نه ٿا هڻن پر جيڪڏهن ٻيا ڪيترائي سياستدان پڻ اهڙا نعرا هڻن ٿا. ته ڇا اهي به پنجاب جا ايجنٽ آهن ۽ سنڌ جي مفادن خلاف ڪم ڪري رهيا آهن؟ جيڪڏهن ائين آهي ته انهن کي به سنڌ ۾ جلسا ڪرڻ کان روڪيو ڇو نه ويو ۽ انهن تي ڇو گوليون نه هلايون ويون صرف جناب رسول بخش پليجو تي ئي نزلو ڇو ڪريو؟ ڪيترن سياسي ۽ مذهبي جماعتن جي شناخت پنجاب سان ٿئي ٿي. انهن جا صدر دفتر پڻ پنجاب ۾ آهن ۽ انهن جي اڳواڻن جو تعلق پڻ پنجاب سان آهي. انهن جماعتن جي اڳواڻن کي سنڌ ۾ هر هنڌ جلسا ڪرڻ کان انهن ساٿين ڪڏهن ناهي روڪيو، جيڪي پاڻ کي سنڌ جي مفادن جو واحد ٺيڪدار ظاهر ڪن ٿا. پر فرزند زمين جناب رسول بخش پليجو جي جلسي ۾، جيڪو ته وارن ڏڪار هيٺ آيلن جي مدد لاءِ ٿي رهيو هيو، گوليون هلايون ويون ۽ ان کي درهم برهم ڪيو ويو ان منجهان ظاهر ٿئي ٿو ته اصل مسئلو اهو ڪونهي ته پنجاب جو ايجنٽ ڪير آهي ۽ سنڌ جي مفادن خلاف ڪير ڪم ڪري رهيو آهي بلڪ جهڳڙي جو بنياد سنڌ ۾ سياسي اجاره داري قائم رکڻ جو منصوبو آهي“(١).

مٿين لکت منجهان معلوم ٿئي ٿو ته جناب پليجي جو دفاع ڪندڙ نام نهاد دانشور به اهڙائي آهن جن کي سنڌ ۾ آيل سجاڳيءَ جو به پورو تجزيو ڪونهي ۽ هليا آهن سنڌ جي قسمت جا فيصلا ڪرڻ! سنڌ ۾ آيل سجاڳيءَ جو اهو عالم آهي جو پارٽي ڪٿي ڪهڙي به ڇو نه هجي. پيپلز پارٽي هجي يا جماعت

---

(١) دهلوي، محبوب. پليجو پر فائرنگ روزنامه امن ڪراچي ٢٢ آگسٽ ١٩٨٧ع.

اسلامي هجي پر هر ڪنهن ڪي، سنڌ اندر سنڌ جي مسئلن بابت ضرور ڳالهائڻو پوي ٿو. ۽ پوسٽرن تي هڪ ڪنڊ تي "جيئي سنڌ" لکڻو پوي ٿو. وفاق پرست جماعتون ته برابر سڀ آهن پر سنڌ ۾ ڪين اهڙي ريت منافقيءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻو پوي ٿو. اها سنڌن مجبوري بنجي چڪي آهي. اها بي ڳالهه آهي ته جماعت اسلامي وارن جي منافقيءَ جو پنهنجو طريقه ڪار آهي ته پ.پ وارن جو پنهنجو طريقه ڪار آهي ۽ سائنسي سوچ رکندڙ مسٽر پليجي واري مڪارپ ۽ منافقيءَ وارو پنهنجو جدا ڳانه طريقه ڪار آهي. ۽ جيستائين عوام جو سوال آهي اهو هاڻ اها ڳالهه چاڻي چڪو آهي ته "جيڪو پنجابين جو يار آ، غدار آ غدار آ" اهوئي سبب آهي جو سياستدانن کي هاڻ سڌي ڳالهه ڪرڻ بجاءِ مڪارپ ۽ منافقيءَ کان ڪم وٺڻو پوي ٿو. مثال طور مسٽر پليجو اڳ ۾ سنڌ جي سچار پٽ حيدر بخش جتوئي جي انڪري ظاهر ظهور مخالفت ڪندو هيو، جو هن سنڌ جي مسئلن کي اوليت ڏني. پر اڄ اهوئي پليجو پاڻ کي سنڌ جي سياست جو سچار هيرو ظاهر ڪرڻ واري ڪوشش ۾ مصروف عمل آهي.

حرف آخر

قومي تحريڪ جي مخالفت ڪرڻ جي سلسلي ۾ مسٽر پليجو ڪابه مهل ۽ موقعي وڃائڻ لاءِ تيار ناهي هو نهايت وفادار چوڪيدار وانگر پنجابين جي مفادن جي حفاظت خاطر هر وقت هوشيار رهي ٿو. ان سلسلي ۾ هو مختلف طرفن کان قومي تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهي ٿو. اڄ جڏهن سياست جي ميدان ۾ محترم جي-ايم-سيد جي انقلابي نظريي کان شڪست کائي چڪو آهي ته ڏهن وري مڪارپ وارا نوان نوان طريقا اختيار ڪري رهيو آهي. جهڙوڪ سندس ذيلي تنظيم S.S.T تازو هڪ پوسٽر شايع ڪيو آهي، جيڪو مختلف درگاهن تي هنيو ويو آهي جنهن ۾ جي-ايم سيد جي مذهبي عقيدن جي باري ۾ سندس ڪتابن جي حوالي سان ظاهر ڪيو ويو آهي ته اهو ڪافر آهي. جيڪو اسلامي احڪامن کي نٿو مڃي (اهڙو ڪم ڪجهه سال اڳ مرحوم رشيد احمد لاشاري پڻ سرڪار جي چرچ تي سرانجام ڏيئي چڪو آهي) سيد صاحب جي قومي مفادن جي مدنظر هتان جي اردو ڳالهائيندڙ سنڌين (مهاجرن) ڏانهن جيڪا پاليسي آهي ان جي آڙ وٺي هنن ”سنڌي سجاڳ فورم“ طرفان هڪ پمفليٽ ”سنڌ اندر غير سنڌي قوميتن جو نعرو ڇو؟“ ڇپايو آهي ۲۰ صفحن جو هي پمفليٽ مختلف پهلوئن کان مهاجرن جي خلاف پريو پيو آهي، ايتري قدر جو اهو تاثر ڏنو ويو آهي ۽ اهڙا ته جذبا ڀڙڪايا ويا آهن جو پڙهڻ سان ماڻهو محسوس ڪري ٿو ته بس اهي ئي واحد دشمن آهن جن کي جيڪر هينئر ئي اتي ختم ڪجي پر پنجابي پٺاڻ جيڪي حقيقت ۾ منظم سازش تحت سنڌ مٿان

قابض ٿيندا وڃن "پنجابي پختون اتحاد جهڙيون جماعتون ويٺا
ڏاهين، روزانو هزارن جي تعداد ۾ پنهنجا ماڻهو آڻي سنڌ ۾ ويٺا
آباد ڪن ٿا تن جي نہ رکو نشاندهي نہ ڪئي اٿئون بلڪ انهن
لاءِ هي موجوده وقت جا چنيسر فرمائين ٿا "اسان سنڌي ماڻهو
سمجهون ٿا محسوس ٿا ڪريون تہ پنجابي ۽ پٺاڻن کي پنهنجو
وطن ۽ ڌرتي آهي. اهي اڄ يا سڀاڻي جڏهن بہ ڪو سنڌي ٻہ
ڦاڙو ۽ ڪو ڌماڪو ٿيو تہ اهي ويچارا تہ پرڏيهي پکين وانگر
پنهنجا سڀ آکيرا خالي ڪري اڏامي هليا ويندا. پنجابي ۽
۽ پٺاڻن ۾ اها اهليت تہ بهرحال موجود آهي تہ هو جتي بہ
رهن ٿا تہ جهڙو ديس تهڙو ويس پهري رهي ٿا سگهن"

ڪيڏي نہ سنڌي ماڻهن جي نالي سان مذاق آهي موجوده
دور جا چنيسر دوستو! اوهان ڪيئن ٿا سنڌي ماڻهن جي احساسن
جي ترجماني ڪريو. سنڌي ماڻهن تہ تاريخ جي ڏکي سفر ۾
اهو فيصلو ڏيئي ڇڏيو آهي تہ:

"پنجابي هڪ تہ پيائنج ڏون، جي ڏون تہ هي
ملڪ ۾ ٿون"

"جڏهن نڌهن سنڌڙي ڏوڪي قنڌارڏون جوڪو"

سنڌي ماڻهن ڪان مدد خان واري لٽ اڃان وسري
ڪانهي. اڄ هي سنڌي قوم جا نام نهاد هڏ ڏوڪي ڪهڙي
بنياد تي پنجابي پٺاڻ جو دفاع ڪري رهيا آهن. عجب تہ اهو
آهي تہ هي اسان جا هڏ ڏوکي اينترو تہ موقعي پرستيءَ جا شڪار
ٿيو وڃن ٿا جو پنجابي پٺاڻ جيڪي سنڌ ۾ ويٺا داداگيريون
ڪن تن لاءِ ڪائي ٻاهر ٻاڦ نہ ٿا ويتر سنڌين وڪالت ڪندي
ويٺا نوان نوان سنڌين بچاءُ جا طور طريقا ڳولهين ڪين. پنجابي
جن کي هي پرڏيهي پکي ظاهر ڪن ٿا. آهي هنن جهڙن ياڙيتو
ڏانشورن تي چڙهي، سنڌ جي شهرن ۾ الل علان ويٺا نعرا هڻن
جلوس ڪين ۽ هٿيارن جو مظاهرو ڪري چون ٿا تہ سنڌيو سنڌ
خالي ڪريو" سنڌين کي گاريون گند پيا ڏين، سنڌي قوم کي ساڃاهہ

بخشيندڙ قوم پرست اڳواڻ محترم جي-ايم سيد جون تصويرون پيا ساڙين پوءِ به هي انهن جا وڪيل ٿي پيا وڪالت ڪن!

اندروني طور تي مسٽر پليجي جا اهي ڪارناما آهن پر رڳو اتي بس نه ڪئي اٿس، هو صاحب قومي تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ٻاهرين دنيا ۾ پڻ هٿ پير هڻي پيو ۱۹۷۴ع ۾ ميونخ ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪن تي هڪ مذاڪرو ٿيو هيو، سنڌ ۾ ان وقت جناب ذوالفقار علي ڀٽو قومي آزاديءَ جي تحريڪ خلاف سرگرم عمل ۾ هيو تنهن جناب پليجي صاحب کي خاص اجازت نامو جاري ڪري اوڏانهن روانو ڪيو هو ته جيئن عالمي تحريڪن سان هتان جي تحريڪن جي لڳ لاڳاپن جو تجزيو ڪري اچي. هندوستان اسان جو پاڙيسري ملڪ آهي، جنهن کان پنجابين کي قومي آزاديءَ جي سلسلي ۾ هر وقت خطرو رهندو آهي هاڻ هي صاحب وري اوڏانهن ويو آهي وڃڻ وقت ظاهر ته اهو ڪيو هيائين ته خان غفار خان سان ملڻ پيو وڃان پر اتفاق اهڙو ٿيو جو غفار خان واپس هليو آيو پر هي اڃان اتي ئي رهيو پيو آهي. پيا ماڻهو ويندا آهن مقرر وقت لاءِ، ويندي محترم جي-ايم سيد، جنهن کي انڊيا جو ايجنٽ ظاهر ڪيو ويندو آهي تنهن کي پڻ ۱۵ ڏينهن مقرر مدو ڏنو ويو هو، جنهن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن به کيس رهڻ نه ڏنو ويو، پر هي اهو جو ويو آهي سو ورڻ جي ئي نه پيو ڪري، اهو انڪري جو متئين مهيني ۾ هندستان ۾ ٿيندڙ سنڌين جي بين‌الاقوامي سيمينار تي نظر رکڻ ٿو چاهي ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين جي لڳ لاڳاپن ۽ سنڌن حيثيت جي باري ۾ سڌي طرح معلومات حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. ان سلسلي ۾ جيڪڏهن هو اڳواٽ ئي متعين ڪندڙ معلومات حاصل ڪري ويو ته جلد واپس ورندو، ورنه ڪانفرنس کان به پوءِ واپس ٿيندو.

تازو عبرت مئگزين کي انٽرويو ڏيندي مسٽر پليجي سياسي اخلاق ۽ سياسي ايمانداريءَ جو ذڪر وڏي زور شور سان ڪيو

آهي. هو صاحب فرمائي ٿو ”سياست ۾ مڪاريءَ جو جيڪو مسئلو آهي. هڪڙي ڳالهه ڪري پئي ڏينهن ڦري وڃي، هڪڙو اهو بنيادي مسئلو آهي، ڪوڙ، منافقي، مڪر، ڊرامو ۽ ناٽڪ ۽ عوام سان ڪوڙ ڳالهائڻ، عوام سان ڊرامو ڪرڻ، سنڌي عوام سان مڪر ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل هڪ ٻيو به مسئلو آهي ته ڪو ماڻهو هڪ ڏينهن چڱو ڪم ڪري مثال طور اُهَ ست سال جيل ۾ رهيو آهيان، هاڻي اُن ست سالن جي آڌار ڪي سنڌ ٺاهي آهي وري اينديڙ ڏهن سالن جي مٿي پليت ڪريان ۽ انهن سمورن آدرشن سان غداري ڪريان جن جي خاطر مون ست سال جيل ڪاٽيو. ان کي سند طور استعمال ڪيو ويندو آهي. ماڻهن جي خلاف پڻ ڪڏهن ڪڏهن خوفناڪ هٿيار جيڪو عوام جي خلاف آهي اهو آهي گذريل چڱائيءَ کي اڄ جي چڱائي خلاف هٿيار طور ڪري استعمال آڻڻ اهو به سنڌ جي سياست ۾ وڏي رڪاوٽ آهي ۽ اڄ جي برائي جي تائيد ۾ استعمال آڻڻ اهو به سنڌ جي سياست ۾ وڏي رڪاوٽ آهي“.(۱) سياسي اخلاقيات ۽ ايمانداري جي هن نام نهاد دعويدار جي سڀ کان پهرين سياسي بد اخلاقي ۽ بي ايماني اها آهي جو هن ان ساڳئي انٽرويو ۾ پنهنجي پين اتحادين جي خلاف انتهائي ڪريل ٻولي استعمال ڪئي آهي ۽ جام ساقي، ارباب کهاوڙ ۽ امداد چانڊيي جا ته نالا وٺي انهن مٿان ڪيئي الزام ۽ تهمتون مڙهي ڇوهه چنبيا اٿائين. هن اهو انٽرويو ۱۲ آگسٽ تي ڏنو آهي جڏهن ته ۹ آگسٽ تي سنڌن حيدرآباد واري اجلاس ۾ ان ڳالهه تي خاص زور ڏنو ويو هو ته اجلاس ۾ قائم ڪيل تحقيقاتي ڪميٽي جيستائين تحقيقات مڪمل ڪري رپورٽ نه ٿي پيش ڪري، ان وقت تائين ڪابه ڌر ان مسئلي بابت ڪابه بيان بازي نه ڪندي پر هن سياسي ايمانداري ۾ سچائي ۽ سياسي اخلاقيات

(۱) پليجو، رسول بخش. انٽرويو، پندرهن روزه عبرت مئگزين حيدرآباد ۱۵ سيپٽمبر ۱۹۸۷ع.

جي دعوي ڪندڙ ٻن ڏينهن بعد پنهنجي اتحادين لاءِ گند ڀريل بدبودار زبان استعمال ڪندي، فخر محسوس ڪيو.

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر ۾ ڪوڙاءِ

سندس انٽرويو جو بنياد ته سياسي اخلاق ۽ ايمانداريءَ تي مٻني آهي. پر غور ڪري انٽرويو کي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اهو شخص جيڪو ايترو ليڪچر ڏئي ٿو. اهو پاڻ ٿي اتي جو اتي سياسي بداخلاق، بي‌ايمان ۽ انتهائي ڪوڙو نظر اچي ٿو. مثال طور سندس اهو چوڻ ته ”اسين سنڌي هاري ڪميٽيءَ کي ڪاغذي جماعت ٿا سمجهون، ڇاڪاڻ ته ڪامريڊ (حيدربخش) جي مرڻ بعد ان جي ڪا حقيقت ناهي رهي“. ڪيڏو نه ڪوڙ آهي. سندس نمائندن جون تنظيمون سنڌي هاري تحريڪ ۽ سنڌي مزدور تحريڪ کي ته پارٽيءَ واري حيثيت حاصل آهي جن کي اتحاد وارين ڳالهين ۾ جداگانه حيثيت ٿو ڏياري. باقي ڪافي ڏکي عرصي کان ڪم ڪندڙ سنڌي هاري ڪميٽي آهي ڪاغذي جماعت!

سياسي اخلاقيات ۾ ڪوڙ ۽ بدديانتي ۽ بي‌ايمانيءَ طور سندس هيٺيون ڳالهيون پڙهي ڏسو. اتحاد جو ذڪر ڪندي DSF وارن لاءِ لکي ٿو ”مون جلسي ۾ چيو ته ”اسين ڪين ذميواري ٿا ڏيون ته اها سنڌي ماڻهن کي اتحاد جو سڏ ڏئي“.

يا: ”جلسي گاهه ۾ سئو (هڪ) ماڻهو هئا، هڪ تنبو لڳو پيو هو“.

”يا زخمي مانجهو اسان جو آهي“.

يا: ”مان به چار گارڊ ڪٺندو آهيان“.

مٿين سمورين ڳالهين جي سوين هزارين ماڻهن کي صحيح صحيح خبر آهي ته اهو پروگرام ڪنهن ڪرايو، جلسي ۾ ڪيترا ماڻهو هئا. انتظام ڪيترو هو، پليجي پاڻ سان ڪيترا هٿيار بند آندا، ڪارڪن ڪنهن زخمي ڪيا ۽ اهي زخمي ڪارڪن ڪنهن جا هئا. اهي ڳالهيون ڪيترن ئي ماڻهن جي

نظرن اڳيان گذريون آهن پر هي سچ جو هوڪو ڏيندڙ پاڻ ڪيئن ته پيو ڪوڙ ڪڍي ويو آهي.

جنهن انٽرويو ۾ هن سياسي سچائي وارو ليڪچر ڏيندي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته جهڙوڪ سنڌ ۾ صرف هو ئي نبي هڪڙو سچ ڳالهائيندڙ ۽ سچ لاءِ جدوجهد ڪندڙ هجي، پر ٻڌهس جنرل ضياءالحق سان ناهه وارو بظاهر فرضي ذڪر ڪيو اٿس ته ان ۾ محترم جي-ايم سيد خلاف تاثر ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. محترم جي-ايم سيد گهٽ ۾ گهٽ اڄ اڄ تائين ڪائي ڳالهه لڪائي ڪانهي جيڪي اندر ۾ اٿس اهوئي زبان تي آندو اٿائين. پر هي نام نهاد حق ۽ سچ وارو هوڪو ڏيندڙ اهو ڇو نٿو ٻڌائي ته پنجاب جي جيلن ۾ پنجابي سياستدانن ۽ سابق فوجي گورنر پنجاب ٽڪا خان سان ملاقات دوران سنڌس ڪهڙيون ڳالهيون ٻولهيون ٿيون. جنهن ڪانپوءِ سنڌس لاءِ پاليسين ۾ سرڪار بنيادي تبديلي ڪئي ۽ سنڌس اڳوڻن خيالن ۾ پڻ ڦيرو آيو. (١).

هن نام نهاد ڏاهي سنڌ جي پنهنجي سمورن ماڻهن کي ڪوڙو ۽ بي‌ايمان سڏيندي، جيڪو هڪ هٿيءَ جو ڪو ڏنو آهي ان ۾ "هڪ ڏينهن هڪڙي ڳالهه ڪري وري ان تان ڦري وڃڻ" ۽ "هڪ ٻيهرو ڪنهن چڱي ڪم لاءِ جيل ۾ وڃڻ ۽ پوءِ ان کي

(١) مولانا جاويد نعماني MRD تحريڪ دوران جيل ۾ ويو هو. ان جيل زندگي بابت هڪ ڪتاب "حو مجهه پر گذري" نالي لکيو آهي. جنهن ۾ مسٽر پليجي طرفان محترم رفيق صفي کي لکيل خط جو ٽڪرو پڻ ڏنل آهي. جنهن ۾ هن سنڌ جي همت نوڪيي انقلابيءَ جي نظرين ۽ ذهنيت ۾ آيل تبديليءَ جو بخوبي اندازو ٿي وڃي ٿو. پليجو ڪيس لکي ٿو "پياءِ جيڪڏهن پنجاب طرف کان ڪڪرا اڀرندا ته ملڪ ۾ فصل پلا ٿيندا". (جو مجهه پر گذري ص ٨٦).

بنياد بناڻي غلط ڪم ڪرڻ" جهڙن بدديانتي ۽ بي ايماني، مڪر ۽ فريب جي نشاندهي ڪئي آهي. پر سنڌس ڪان ڪو پڇي ته اي اسان جا هٿ ٺوڪيا ڏاها ليڊر ٺون ته مٿين سمورين بد اخلاقين جو مرڪب آهين. مثال جي ڳالهه "هڪ ڏينهن هڪڙي ڳالهه ڪرڻ وري ڦري وڃڻ لاءِ سنڌس ڪتب "صبح ٿيندو" تحريڪ رسالي جا ايڊيٽوريل سنڌس موجوده ڪارڪردگي سان ڀيٽي ڏسو ته ٻنهي مختلف ۽ متضاد آهن.

پهريان — آئين ڪي سنڌين لاءِ زهر قاتل سڏڻ،
اڄ-ان جي بحاليءَ لاءِ ڪوششون ڪرڻ.
پهريان-نعيپ جي مخالفت ڪرڻ.
اڄ-ان ۾ شامل ٿي ساڳي ولي خان پير ان ڪان به وڌيڪ سردار شوڪت حيات جي هٿ تي بعيت ڪرڻ.
اڳ-۾ بظاهر طبقاتي سياست جي حوالي سان سرمائيدارن ۽ وڏيرن خلاف ڪم ڪرڻ.
اڄ-انهن ئي سرمائيدارن ۽ جاگيردارن سان گڏ ويهي سرمائيدارن ۽ جاگيردارن واري هٿ ٺوڪي جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪرڻ.

رهيو سوال جيل وڃي جتائڻ جو مسئلو. اهو به جيترو سنڌس نمائندا سنڌي ساٿين جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي مسٽر پليجي ڪي تعريف واري لفاظيءَ سان عرش تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا اوترو پيو شايد ئي ڪو ڪندو هجي. جيل وڃڻ ته رهيو پري پر هي ته موراڳو پليجي جو بيمار هئڻ به سنڌي قوم جي کاتي ۾ شامل ڪندا آهن "چي ادا ويچارو بيماريءَ ۾ به ته به ٿي ٿي ڪمبل ويڙهيو عوام لاءِ پيو جدوجهد ڪري! آهي ڪو لڄ ليهه وازو ليڪو "مينهن تي چڻي چڻي ڙي، رڍ پوت ڪاري!"

مٿي بيان تي آيو آهي ته ڪيئن نه ۱۲ آگسٽ تي ڏنل انٽرويو ۾ مسٽر پليجي ۹ آگسٽ واري اجلاس ۾ طيءِ ڪيل

ضابطن جي انحرافي ڪندي اتحادي ساٿين مٿان زهر پيريل، بدبودار حملا ڪيا ۽ ڪيترا بي بنياد الزام پڻ مٿان هنيا آهن، هڪ پاسي پليجي، جي اها مڪارانه پاليسي رهي رهي آهي. ٻئي پاسي سنڌس نمائندا جن اڄ تائين پليجي کي ٿوم منجهان جعفر ڪري ٻئي پيش ڪيو آهي تن عام پڙهندڙن کي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ پنهنجي رسالي (جيڪو سدائين قومي تحريڪ جي خلاف ٻئي استعمال ٿيو آهي) ۾ بظاهر نيڪ نيتي ظاهر ڪندي دعوي ڪئي آهي ته ”آن (مئي ڪانفرنس) جي سلسلي ۾ ضرورت هئي ته سنڌي عوام کي حقيقي صورتحال کان آگاه ڪرڻ لاءِ، اکين ڏٺن شاهدن جي مئيءَ متعلق رپورٽ پرچي ۾ پيش ڪئي وڃي. جيڪا ڇپجي تيار ٿي چڪي هئي، پر ١٩ آگسٽ جي اتحاد واري اجلاس ۾ مئيءَ جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ۽ تبصرن تي پابندي لڳائي ويئي. اتحاد ميٽنگ جي قومي اهميت ۽ ان پاران ڏنل هدايت جي روشنيءَ ۾ مجبورن اسان کي ڇپيل پرچو روڪائي مئي ڪانفرنس متعلق مواد ڪڍي پيو مواد شامل ڪرڻو پيو“(١) خيال ته ڏاڍو سٺو ۽ نيڪ آهي پر هڪ پاسي ڇيلن جو اهو چوڻ آهي ته ٻئي پاسي گروهه جون گوهيون ته ڏسو. ڳالهه ڪهڙي نوڪريءَ ڪارناما ڪهڙا تو سرانجام ڏئي. درحقيقت اهو عمل پڻ پليجي جي مڪارانه پاليسين جو هڪ حصو آهي. هو ڪڏهن به صحيح ۽ سليقي واري ڪارڪردگيءَ سان هلي سگهيو ڏيي ناهي. ايتري قدر جو پين کي رايتوڊن هڪڙيون ڪندو آهي ۽ پاڻ عمل وري ان جي ابتڙ ڪندو آهي. سنڌس موجوده ڪارنامو پڻ اهڙي عمل جو نتيجو آهي. جيڪڏهن جناب پليجو هندستان ويل نه هجي ها ته تحريڪ رسالي جي ايڊيٽوريل ۾ اهڙا نيڪ رايا پيش نه ٿين ها. پر ٿيو ائين ته پليجو پنهنجو ڪارنامو سرانجام ڏيئي هندوستان هليو ويو، پٺيان تحريڪ وارن سچاجهڙن ساٿين نيڪ

(١) تحريڪ پبليڪشين حيدرآباد ڪتاب نمبر ٣-ع ص-٢٠

نيتيءَ سان ايڊيٽوريل ۾ پنهنجي راءِ لکي ڇڏي پلو ٿي مدد علي سنڌيءَ جو جنهن ۱۲ تاريخ وارو ورتل اهو انٽرويو تحريڪ رسالي سان گڏ ظاهر ٿيندڙ مئگزين ۾ ظاهر ڪري ڇڏيو. هاڻ خبر ناهي ته چيلا چريا يا گرو گڇي پيو آ !! اصل حقيقت اها آهي ته مسٽر پليجي صاحب جي. اها پراڻي عادت رهي آهي ته اتحاد ۾ ڏاهم جون سٽيون ۽ نيڪ ڳالهيون به ڪجن ۽ انهن جي پيچڪڙي به پاڻ ئي ڪجي اهڙا هو ڪيئي ڪارناما سرانجام ڏيئي چڪو آهي. جنهن جو ظاهر ظهور ثبوت، جيئي سنڌ وارن سان جناح اسپتال دوران ڪيل اتحاد آهي جنهن کي آزاد ٿي ٿي پنجاب ۾ دوري دوران پاڻ وٺائڻ لاءِ جي ـ ايم سيد خلاف بيان ختم ڪري ڇڏڻ آهي.

پليجي جي ڪارڪردگيءَ کي تفصيل سان ڏسڻ ڪانپوءِ معلوم ٿئي ٿو ته سندس ميڪاوليءَ وارو اهو اصول رهيو آهي ته ڪوڙ هڻجي ته پير ڪوڙي هڻجي، نڪ جي نرڇائيءَ سان هڻجي، تڏهن ئي ته ڪوڙ، ڪوڙ نه لڳندو بلڪ سچ جي ڏيک ڏيندو. گهڻو اڳي ميڪاولي انسانن کي غلام بنائي رکڻ جو فلسفو بيان ڪندي چيو هو ”پير ڪوڙي ڪوڙ هڻو، جيئن سچ جي ڏيک ڏيندو. گهڻو اڳي ميڪاولي انسانن کي غلام بنائي رکڻ جو فلسفو بيان ڪندي چيو هو ”پير ڪوڙي ڪوڙ هڻو، جيئن سچ جو گمان ٿيڻ لڳي، ڇو ته هڪ ڪوڙ کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ سوين ٻيا ڪوڙ ڳالهائڻا پئجي ويندا آهن، تنهنڪري سوچي سمجهي ڪوڙ ڳالهايو جيئن سچ جو گمان ٿيڻ لڳي“ ڪافي عرصي کان مسٽر پليجو پڻ اهوئي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ته ٻين کي ڪوڙو سڏجي، بي ايمان سڏجي ۽ ان لاءِ ايڏي پختگيءَ سان پاڻ ڪوڙ ۽ بي ايمانيءَ کان ڪم وٺجي جو پڙهندڙ لاءِ ٻڌندڙن جي گهڻي حصي کي سچ محسوس ٿيڻ لڳي.

مسٽر پليجي تازو عبرت مئگزين کي انٽرويو ڏيندي نڪ جي نرڇائي سان، ٻين لاءِ بدمعاش لفظ استعمال ڪري ذهني

ڏيوالپڻي جو مظاهرو ڪيو آهي. ڪيس ان ڳالهه جو ارمان ٿو ٿئي ته قومپرست بينڪيت جهڙا لفظ استعمال ڪري ”سنڌي ماڻهوءَ جي پسماندگي ۽ گهٽ علم جو استعمال ڪرڻ ٿا“ (ص ۱۰) ڪيڏي نه موقعيپرستيءَ ۽ منافقيءَ جي انتها آهي. هڪ طرف سالن رڙيون ڪندو اچي ته ”سنڌين کي سائنسي سوچ ڏيو“، جڏهن قوم پرستن جو مخالف ٿيو هو ته پهريون اعتراض اهو ڪيو هئائين ته سائنسي سوچ نه ٿي ڏني وڃي. پر هاڻ سنڌس خيال ۾ سائنسي اصطلاحن جو استعمال ڪرڻ آهي گهٽ علم ۽ پسماندگيءَ کي استعمال ڪرڻ. ڇا بينڪيت بابت معلومات ڏيڻ سائنسي سوچ ناهي ته پوءِ ڇا آهي! اها ئي ڳالهه آهي ته بينڪيت واري ذڪر ڪرڻ تي پنجابين کي دنيا اندر بينڪن جي ورتل آزادي ياد اچيو وڃي ته هن سنڌن نند حرام ٿيو وڃي ٿي. انڪري هر وقت سنڌن اها ڪوشش پئي رهي آهي ته محڪوم قومن ۾ اهڙي قسم جا لاڙا پيدا ٿيڻ ٿي نه ڏجن ۽ اهو ڪم هو پنهنجي ڪماشتن ڪان الاعلان ڪرائي رهيا آهن. پليجي جو اهو چوڻ ته بينڪيت جي ڪنهن کي خبرا ڪانهي. مڃون ٿا ته برابر ڪنهن کي خبر هوندي انڪري ئي ته اڄان سنڌس آقائن جي بينڪيت بحال آهي. جڏهن به عوام بينڪيت کي سمجهي ورتو تڏهن هنن ڪمدار قسم جي دلال دانشورن ۽ سنڌن آقائن کي ضرور بينڪن منجهان ٽپڙ ويڙهڻا پوندا اهوئي سبب آهي جو هي موقعيپرست مڪار منافقي ڪندي ان پروپيگنڊا ۾ رڌل آهن ته جيئن محڪوم قوم جي عوام ۾ صحيح سوچ نه اچي سگهي ۽ اهي حقيقي انقلابي رستو اختيار ڪري نه سگهن. هاڻ وري هي انقلابي نمبو چوي ٿو ته ”اسين جدوجهد انهيءَ طريقي سان ڪرڻ ٿا گهرون، يعني قانوني دائري اندر رهي“ (ساڳيو پرچو) ٻه ڪي ۽ فريب جي به ڪا حد ٿيندي آهي. ڳالهه ٿو ڪري انقلاب جي، آهي پاڻ مها انقلابي پر ڪم ڪرڻ گهري ٿو قانوني دائري اندر! اهو قانون جيڪو حاڪم قوم ۽ ظالم قوم پنهنجي حاڪميت

کي برقرار ۽ بحال رکڻ لاءِ تيار ڪري رکيو آهي. آهي ڪو ڪيس ڇوڻ وارو ته آخر ماڻهن کي ايترو ڪم علم ڇو ٿو ڄاتو وڃي ڇا ڪڏهن هوچي منهه به ائين چيو ته اسان جدوجهد ته ڪرڻ گهرون ٿا پر اها آمريڪا واري قانوني ڍانچي اندر. ڪڏهن هن ڪوڙي، فريبي انقلابي ملي جي روحاني رهبر، ڪامريڊ مائوزيتونگ به ائين چيو ته چين کي آزاد ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ته اسين ڪريون ٿا پر اها جدوجهد ڪنداسين جپان جي قانوني ڍانچي اندر ۽ هن مڪار جي سوچ موجب شايد مازيتونگ کي لانگ مارچ جي پڻ قانوني طور سرڪار اجازت ڏني هئي. اهڙي ريت موجوده وقت تائين جن به ملڪن آزادي ورتي آهي تن به ڪڏهن حاڪمن جي قانوني ڍانچي اندر رهي جدوجهد هلائڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. ڪڏهن نهروءَ ۽ آزاد به ائين چيو ته جدوجهد ڪريون ٿا پر انگريز جي قانوني ڍانچي اندر. ڪڏهن لينن ۽ اسٽالن به چيو ته جدوجهد ته ڪريون ٿا پر زار شاهي جي قانوني اجازت لازمي آهي. منافقي جي به ڪا حد ٿيندي آ، آهي ڪو هن مڪار ۽ منافق صفت ڪوڙي انقلابيءَ کي ڇوڻ وارو ته ڇو ٿو مظلوم سنڌي قوم سان مذاق ڪرين!

سنڌس مٿيون بيان ظاهر ڪري ٿو ته هو حقيقت ۾ سنڌين کي غلام ۽ پنجابين کي حاڪم سمجهي ٿي نه ٿو. هن اڄ کان ڪجهه سال اڳ جيڪو ”نقلي پنجابي ترقي پسند نظريو“ پيش ڪيو هو، اهو اڄ سنڌس موقعي پرستيءَ جو شڪار ٿي چڪو آهي. جنهنڪري هاڻ وڏو نوان نوان ڪوڙ گهڙي ۽ مڪرو فريب ڪري!

ڪوڙو ٿون ڪفر سين ڪافر ۾ ڪوڙاءِ

هن ڪوڙي ماڻهوءَ جو اصل زور ان ڳالهه تي آهي ته ”اصل مسئلي تان ڌيان هٽائڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن“ پيا ته اصل مسئلي کان ڌيان هٽائڻ جي ڪوشش وينا ڪرن، جن کي هن نام نهاد انقلابيءَ پڪڙي ورتو آهي پر پاڻ

حقيقت کي ڇانئندي سڃاڻندي به ان کان لنوائيندي ڪسائيندي، ان بابت هڪ اکر به نٿو ٻولي، بلڪ اصل مسئلي کي منجهائي، ٻي پاسي ويٺو اهو انڪري جو ڪيس ڏيشي جو مرض آهي! مثال طور گذريل ۵۲ سالن جي جدوجهد کانپوءِ هن آخر اهو مڃڻ شروع ڪيو آهي ته ”سنڌي ماڻهو هن وقت غلام آهي“ (ساڳيو انٽرويو) پر ان ۾ به منافقي ۽ مڪر، ڪوڙ ۽ دوکيبازي ويٺو ڪري، ڇو ته جڏهن سنڌ کان ڪو اهو پڇي ٿو ته هر غلام ملڪ آزاديءَ ڪارڻ جدوجهد ڪئي انڪري جيڪڏهن سنڌي ماڻهو غلام آهن ته انهن جي ڇوٽڪاري لاءِ آزادي جي جدوجهد هلڻ گهرجي“ اها ڳالهه پڙهڻ سان ڪين ڏيشو ويٺو وڃي، اها ڳالهه سنڌ لاءِ اٿين ٿي پيئي آهي، جيئن ٻوليءَ لاءِ ڪلل! انڪري ٻي هاڻ هن ملي صفت انقلابيءَ جا نمائندا عام سنڌي ماڻهوءَ کي سست ڪرڻ ۽ منجهائڻ لاءِ اها پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن ته سنڌ جي آزاد ٿيڻ سان سنڌي ماڻهو وڏيڪ ڏڇي ۾ پئجي ويندا، سنڌن پاڻي بند ٿي ويندو، سنڌ نباهه ٿي ويندي وغيره وغيره جهڙوڪ هاڻ سنڌ کي سڀ ڪجهه ملي رهيو آهي جيڪو آزاد ٿيڻ کانپوءِ ختم ٿي ويندو. جڏهن ته سنڌ جي ڪنهن اقتصادي ۽ سياسي حقن جو تفصيل ٻڌائي ٿو ته سمورن مسئلن جو ڇوٽڪارو آزاديءَ ۾ ئي آهي. پر ان مسئلي تي. وري مسٽر پليجي جو عجيب منطق آهي. هي نام نهاد ڏاهو چوي ٿو ته ”قوم پرست بيٺڪيت جي ڳالهه ڪرائي، مون کي ٻڌائڻ ٿا چاهين“ هي آهي وڏو انقلابي، ايشيا جو مها ڏاهو، وڏو اڪابر ۽ بي باڪ بهادر ليڊر پر سچي ۽ حقي ڳالهه چوڻ کان انڪري ٿو لهرائي جو ڪيس ٻڌجڻ ۽ مرڻ جو پنهنجو ورايو بيٺو آهي. جڏهن ته مارٽن لوٿر ڪنگ (جونيئر) جو چوڻ آهي ته ”جيڪو مرڻ نٿو چاهي، تنهن کي جيئڻ جو ڪو حق ناهي“. دعوي ته انقلاب جي ڪبي، آهيون ته سڀ وڏا بهادر، مها ڏاها ۽ قوم جا اڪيلا اڪابر قوم جي خاطر جيل وڃڻ ۽ موت اچڻ کان پڃا!

پليجي انٽرويو ۾ محترم جي-ايم سيد ۽ عبدالواحد آريسر بابت اهو به چيو آهي ته ڪجهه به نه ڪري سگهيا آهن (تحقيق جي روشنيءَ ۾ اها راءِ به غلط آهي) پر اهو ڪٿي به بيان نه ٿو ڪري ته سنڌو ديش تحريڪ غلط آهي يا صحيح! جي غلط آهي ته ڪهڙن[38] بنيادن تي ۽ ڇو غلط آهي؟ سنڌي ماڻهن جي روشن مستقبل واري ان انقلابي نظريي کان هُو ائين ڪن لاڙ ڪري ويو آهي جيئن ٻهراڙيءَ جي مڙس جي ڳالهه تي آهي ته آريسر اڻ پڙهيل ملا آهي. ان ڳالهه کان آريسر ڪٿي انڪار ڪيو آهي ته هو مدرسي ۾ ئي پڙهيو. آهي مدرسا جن عبيدالله سنڌي ۽ حسين احمد مدني ۽ مولانا آزاد جهڙا انقلابي پيدا ڪيا. جن پنهنجي سموري زندگي سامراج ۽ ان جي دلالن خلاف ڀرپور جدوجهد ڪئي. هو ڪڏهن به مسٽر پليجي وانگر مقصد تان هٽي وڪيا ڪون. آريسر اهڙن ملن جهڙو ملو آهي. هي پاڻ نام نهاد سائنسي سوچ سان هٿياربند ٿيل انقلابي ملو جيڪو جناب پٺي کان وٺي موجوده وقت تائين ڪڏهن برسراقتدار حاڪم ڌر ته ڪڏهن پنجاب جي شاطر سياستدانن جي هٿن ۾ استعمال ٿيندو رهيو آهي ۽ اڃان تائين انهن جي ڪئمپ ۾ ويهي محب وطن ماڻهن تي ويٺو ٺٺوليون ڪري!

مسٽر پليجي کي اها به شڪايت آهي ته اڻ پڙهيل آهي. ان لاءِ ڪيس عرض آهي ته اهي ڪتابن جا پڙهيل پاڻ کي دانا سمجهڻ وارا دوست محبت واري ميدان ۾ سچائي، وفائي ۽ پختي ضمير جي ضرورت هوندي آهي انڪري هتي علم کان وڌ ظرف جو سوال آ، چاڪاڻ ته فارسي جو هڪ شعر آهي.

تونگري بـه دل است نه به مـال،
بـزرگي ابه عقل است نه به سال.

ڏاهپ، دانائي ۽ ماڻهپو عقل سان ٿيندو آهي، عمر ۽ اڻ ڪتابن سان نه! سنڌ جي تاريخ ۾ قاضي قادن به وڏو پڙهيل

عالم تي گذريو آهي پر اڄ قوم جو هر سجاڳ فرد ان مٿان لعنت موڪلي رهيو آهي. انڪانسواءِ هن مغربي تعليم رکندڙ انگريزي پڙهيل هيئن ٿي آهي. ۽ هنن سامراجي يونيورسٽين ۾ ۾ پليل دلال دانشورن جي ڏاهپ ۽ دانائيءَ جو اهو عالم آهي جو پليجو پنهنجي مهاڏاهپ جو مظاهرو ڪندي چوي ٿو "توهان ڪڏهن اها ڳالهه پڙهي آهي ته ڪنهن عورت جو ٻار بيمار هجي، ۽ هوءَ اهو شرط رکي ته پهرين منهنجي بيمار پٽ جي بيماريءَ تعين ڪيو وڃي ته پوءِ علاج ڪرائيندس" جهالت، نااهلي ۽ انڌاڌنڌيءَ جي به حد آهي. اهو ڪهڙو ماڻهو آ، جيڪو بيماريءَ جو تعين ڪرائڻ کانسواءِ علاج ڪرائيندو هجي، بيماري منجهان پوري ريت صحتياب ٿيڻ لاءِ پهرين ڳالهه آهي ئي اها ته ڊاڪٽر مريض جي بيماري ڪهڙي ٿو متعين ڪري؟ ڇاڪاڻ جو جڏهن بيماريءَ جو صحيح تعين ٿيندو ته ان جو صحيح صحيح علاج ٿي سگهندو. جيڪڏهن ڪي ماڻهو بيماريءَ جو تعين ڪرائڻ کانسواءِ علاج ڪرائيندا آهن ته اهي پنهنجي پيسي ۽ وقت سان گڏوگڏ صحت جو به وڏيڪ نقصان ڪندا آهن اهي مسٽر پليجي جهڙا بيماريءَ جو تعين ڪرڻ کانسواءِ علاج جي دعويٰ ڪندڙ ڊاڪٽر يقينن "انڌا اونڌا وڃ" هوندا آهن.

"انڌا اونڌا وڃ! ڪُل ڪڄاڙيا ڪائين،
اسان ڏکي ڏيل ۾، تون پيارئين پيچ!
سوري جنين سيج مرڻ تن مشاهدو".

اهي آهن پليجي جا ڪارناما جيڪي هو سنڌ جي سياست ۾ سرانجام ڏيندو رهيو آهي ۽ اڃان لاهور منجهان تيار ٿيل نون سنڌين سان سينگارجي سرانجام ڏيڻ وارين ڪوشش ۾ رڌل آهي. هو ويچارو پيو نور ڪارڻ مٿا ڏئي پر افسوس رکندو انهن ماڻهن تي آهي جيڪي اڃان به وڪائل گهوڙن کي آزمائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا آهن.

صوفي حضور بخش

پنجابي دانشور ۽ پليجو

پروفيسر وارث مير ۱۴ جولائي ۱۹۸۴ع تي جنگ ڪراچي ۾ ”پليجو مبصر سنده اور پنجاب“ جي عنوان سان لکي ٿو:-

”پليجو نے پنجابی اور سندھی سیاستدانوں اور دانشوروں کے باھمی میل جول اور ایک دوسرے کے بارے میں محبت بھری باتوں سے متاثر ھو کر کہا ہے کہ اس قسم کے اجتماعات اور تبادلہ خیالات کی رسم پاکستان میں شروع سے پڑجاتی تو شاید بنگالی الگ نہ ہوتے اور تمام صوبوں کے عوام کے خلاف سامراجي مفادات کا متحدہ محاذ کامیاب نہ ہوپاتا۔ ھماری رائے میں پلیجو صاحب کو پنجابی عوام اور دانشوروں کو یہ مشورہ بھی دینا چاهئے کہ ”وہ خود ترغیبی کی مسلسل مشقوں کے ذریعے پروان چڑھائے جانے والے ”احساس جرم“ سے بھی نجات پائیں ورنہ خطرہ ہے کہ ”دوسروں کا حق کھاجانے کے مسلسل طعنے سن سن کر کہیں پنجاب میں بھی رد عمل کے طور پر پنجابی شاونزم پر مبنی باغیانہ خیالات پیدا نہ ہونے لگیں

ظاھر ہے یہ صورتحال پاکستان کے عوام کے مشترک دشمن کیلئے باعث اطمینان ہوگی۔

پلیجو صاحب نے خود بھی اعتراف کیا ہے کہ موجودہ نظام سیاست کو مستحکم کرنے کیلئے حکومت جي ایم سید کی سرپرستی کررہی ہے۔ اور پنجاب کے عوام کو ڈرانے کیلئے اسے ھوا بنا کر پیش کررہي ہے - چنانچہ پلیجو کو خود بھی اپنے گفتار اور عمل سے ثابت کرنا پڑے گا کہ

وہ جی ایم سید سے واقعی مختلف شخصیت ہیں، پنجاب دشمن نہیں؛ سامراج دشمن ہیں۔ اور وہ اس خوف کا شکار نہیں ہیں کہ پنجاب میں عقل اور ہوش کی بات کرنے پر سندہ کے ناراض قوم پرست نوجوان، انہیں سندہ کا غدار اور پنجاب کا ایجنٹ کہیں گے۔ اگر پلیجو جی ایم سید کی سطح سے اوپر نہ اٹھہ سکے اور ان کا طرز استدلال اور طرز عمل قوم کی اجتماعی جدوجہد میں کوئی مثبت کردار ادا نہ کرسکا تو پھر پنجاب میں بھی ایسے لوگ پیدا ہو جائیں گے جو جذبۂ قومیت کو ایسی انتہائی صورت دینا چاہیں گے کہ ملک کے ٹوٹ پھوٹ جانے کی منزل قریب تر آجائے اور صوبوں کے عوام میں مفاہمت کے بجائے نفرت کو مزید ہوا ملے۔"

اڳيان هلي وري لکي ٿو:-

"کاش میں پلیجو کے بارے میں ذرائع ابلاغ کے پیدا کردہ مخصوص تاثر کو ختم کرانے کی پوزیشن میں بھی ہوتا، نئی نسل کی نمائندگی کرنے والے سندھی دانشوروں اور سیاستدانوں میں پلیجو ہماری آخری امید ہیں جو متحد پاکستان کی بات کرتے ہیں، سندہ کے ساتھہ پنجاب کی بات کرتے ہیں۔ لیکن جمہوری قوتوں کی سالہا سال کی محنت، قربانی اور جدوجہد کو چشم زدن میں کتنی آسانی کے ساتھہ برباد کردیا جاتا ہے؛ اس کی ایک ناقابل رشک مثال لاہور کے چند جیالوں نے یہ مطالبہ کرکے مہیا کردی ہے کہ سندہ کے سیاستدانوں کو لاہور سے نکال دو، پھانسی پہ لٹکادو؛ گویا لاہور پاکستان کے دوسرے شہروں کے مقابلے میں زیادہ مقدس ہے اور لاہور ہی پاکستان ہے—!"

پروفيسر صاحب جي خيالن تي اسان کي هتي گهٽو بحث

ڪرڻو ڪونهي. سنڌس هن مضمون جا ٽڪرا ان ڪري ڏنا اٿون جو ان ۾ پليجي صاحب جو ذڪر آهي. وارث مير پليجي صاحب کي سنڌ جي دانشورن ۾ واحد دانشور ۽ سياستدان سمجهيو آهي جيڪو پنجاب، متحده پاڪستان لاءِ آخري اميد آهي. هن لاهور (پنجاب) وارن کي سمجهايو آهي ته اهو ڳالهه سمجهن ۽ جذباتي ۽ بارائيون ڳالهيون نه ڪن. ڇو ته مسين تسين سنڌ جي هڪ اهڙي دانشور سياستدان پنجاب جي وڪالت جو ڏکيو ورتو آهي جيڪو پنهنجي دانشوري ۽ ڏاهپ سان وڏو ڪم ڪري سگهي ٿو.

ٻئي پاسي پليجي کي به صلاح ڏني اٿس ته هو پنجاب کي قبول آهي؛ پر اڃان به ڪيس پنجاب جي محبت ۾ ڪجهه وڌيڪ اڳيان وڌڻو پوندو. هن کي جي ايم سيد، سنڌي عوام جي قومي حقن ۽ آزادي واري سوچ جي مخالفت ۾ اڃان به وڌيڪ منزلون مارڻيون پونديون. پوءِ ان لاءِ جيڪڏهن سنڌ ۾ کيس غدار ۽ پنجاب جي ايجنٽيءَ جا لقب ملن؛ تڏهن به خير جهڙي ڳالهه آهـــي ـــ!

روزانه جنگ ڪراچيءَ جي مشهور ڪالم نگار صحافـــي ارشاد احمد حقاني ٢٣ جولاءِ واري جنگ ۾ ”رسول بخش پليجو کا هنگامہ خيز قيام لاهور“ جي عنوان سان ڪالم لکي کيس قومي ليڊريءَ جو سرٽيفڪيٽ ڏنو آهي! هو لکي ٿو ته:-

”مسٹر پليجو ايک متشدد قوم پرست سندھی تھے؛ وہ جي ايم سيد کے قريبی ساتھی اور ہمنوا تھے، ان سے علحدہ ہونے کے بعد بھی انہوں نے اپنی تنظيم کا نـــام ”سندھی عوامی تحريک“ رکھا، ليکن مزيد غور فکر مطالعہ و مشاہدہ کے نتيجہ ميں وہ نہ صرف جی ايم سيد سے علحدہ ہوگئے، بلکہ اپنی جماعت کا نام بھی تبديل کرکے ”پاکستان عوامی تحريک“ رکھديا؛ اس طرح انھوں نے انتہا پسندی اور علاقائيت پرستی سے اعتدال پسندی اور حب الوطنی

طرف سفر کیا۔

سندھی نوجوانوں، ادیبوں، سیاسی کارکنوں، صحافیوں اور اساتذہ و طلبہ میں اس وقت جو انتہا پسندانہ سوچ پائی جاتی ہے اس کے پیش نظر یہ اندیشہ ہوسکتا تھا کہ جناب رسول بخش پلیجو بھی اپنی رہائی کے بعد انتہا پسندی کا مظاہرہ اور زیادہ شدت سے کریں گے اور ان کے فکروعمل پر سندھی قوم پرستی کی چھاپ اس قدر نمایاں ہوگی کہ ان کے منہ سے کسی دوسرے صوبے کیلئے کلمۂ خیر نہ نکل سکے گا۔ لاہور آنے کے بعد جب انہوں نے مختلف اجتماعات سے خطاب کرنا شروع کیا تو ان کے لب و لہجہ ان کے استدلال، ان کے مطالبات اور ان کے فکر نے بہت سے لوگوں کیلئے خوشگوار حیرت کا سامان فراہم کیا۔"

مضمون ۾ اڳيان لکي ٿو:-

" ان کا یہ لب و لہجہ اور استدلال ان لوگوں کیلئے قدرے حیرت کا باعث تھا جنہیں بتایا گیا تھا کہ وہ ایک کٹر سندھی ہیں اور ایک انارکسٹ ذہن کے مالک ہیں۔ جناب پلیجو نے قانون کی بالا دستی، آمریت کی مذمت، جمہوریت کے فروغ اور احترام آدمیت کے حوالے سے جو باتیں کیں، ان کی صداقت سے کوئی بھی ہوشمند شخص اختلاف نہیں کرسکتا۔ انہوں نے یہ موقف اختیار کیا کہ تاریخ میں ہمیشہ ظالم اور استحصالی اور عوام دشمنی طبقات کا کردار ایک سا رہا ہے اور وہ ہمیشہ ایک جیسے حربے استعمال کرتے رہے ہیں۔

پاکستان کی موجودہ سیاسی صورتحال کے حوالے سے ان کے خیالات قابل قدر تھے۔ انہوں نے ایم۔ آر۔ ڈی کے موقف سے کامل اتفاق رائے کا اظہار کیا اور ملک میں جمہوریت کام کی بحالی کیلئے جدوجہد جاری رکھنے

کا عزم ظاہر کیا۔

مسٹر پلیجو نے اپنے خلاف لگائے جانے والے الزامات کی باربار تردید کی کہ انھوں نے قائد اعظم یا علامہ اقبال کي توہین کي ہے۔ البتہ محمد بن قاسم کے حوالہ سے بات کرتے ہوئے وہ توازن قائم نہ رکھہ سکے۔

جس پر ایک شدید رد عمل ہوا جو فطري تھا۔ اس ایک فطری لغزش سے قطع نظر مجھے جناب رسول بخش پلیجو کے خیالات میں گمراہي کے کوئي جراثیم نظر نہیں آئے بلکہ میں انھیں اس لحاظ سے لائق داد سمجھتا ہوں کہ انھوں نے پاکستان کي وحدت کي بات کي اور وفاق کو بچانے کیلئے متعین تجاویز پیش کیں۔ مجھے یہ بھي معلوم ہے کہ وہ اپنے پنجاب کے دورے سے پوری طرح مطمئن گئے ہیں، اور ان کی جس قدر پذیرائي ہوئی ہے وہ ان کی توقع سے زیادہ تھي جیسا کہ انھوں نے خود بار بار کہا کہ مختلف صوبوں کے دانشوروں اور سیاسي کارکنوں کے دورے غلط فہمیوں کو دور کرنے، مشترکہ اقدار اور مقاصد کو نمایاں اور اجاگر کرنے اور ان کے عوام کو ایک دوسرے کے قریب لانے میں بہت زیادہ مددگار ہوسکتے ہیں۔ اس لحاظ سے دیکھا جائے تو مسٹر پلیجو کا دورہ رائیگاں نہیں گیا اور پنجاب کے اہل دانش سے ان کی ملاقاتیں فریقین کےلئے افادیت کی حامل رہی ہیں اور خود ان کے لئے اہل پنجاب سے یہ پہلا وسیع رابطہ ان کی سوچ کے مثبت پہلوؤں کو مستحکم کرنیکا ذریعہ ثابت ہوا؛ اور غالباً اب انکے لئے قومي سطح کا ایک قائد کے طور پر مؤثر کردار ادا کرنا ممکن ہوجائیگا !"

حقاني صاحب جي هن مضمون تي ڪهڙو تبصرو ڪجي اسان ان بابت پليجوصاحب کان پاڻ تا سندس لفظن ۾ تبصرو ڪرايون:

پنجاب ۾ بوبي جي انهي ترقي پسند ٽولي جو چار سچي پاڪستان ۾ ڦهليل آهي. ان چار کي هو مختلف طريقن سان استعمال ڪري، سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ ان جي ڪارڪنن کي اپاهج بنائي سگهيا آهن.

١- پهرين ته هو سنڌ حواه پاڪستان جي سيني حصن ۾ جنهن کي چاهين تنهن کي رات وچ ۾ ليڊر مشهور ڪري سگهن ٿا. انهي ليبر ساز فئڪٽري ڪيترائي نقلي شاگرد ليڊر، نقلي هاري ليڊر، نقلي سنڌي قومي ليڊر ۽ نقلي دانشور تيار ڪيا ۽ ڦٽايا آهن.

٢- ٻيو ته هو چپ چاپ ماٺ ميٺ ۾ ڪنهن به ڪارڪن يا تحريڪ جي خلاف سڄي پاڪستان ۾ هيڪ وقت پروپيگنڊا جي مهم هلائي* ان لاءِ زهريلي فضا پيدا ڪري سگهن ٿا.

٣- انهي مڪروه ۽ عوام دشمن سازش ۾ کين اردو پريس جي مڪمل حمايت حاصل هوندي، جو ان ۾ سنڌن اشاري تي جڙتو ليڊرن جا بيان ڇاپي کين سڄي سنڌ بلڪ پاڪستان ۾ مشهور ڪري انهن کي ڪڏي ڪم ڪرڻ جي لائق بنائيندا آهن.

٤- سنڌ جي سياست مڪمل طور وڏيرن جي هٿن ۾ هئي ۽ آهي تنهن ڪري هي ٽولو انقلاب ۽ سوشلزم جي نالي ۾ پنهنجي گادي بنا خطري قائم رکندو اچي.

طبقاتي ڪشمڪش جي سائنسي سچ کي هنن ايڏي بيدردي بي ايماني ڪري فريب سان استعمال پئي ڪيو آهي جو اهو سچ هنن جي واتان ڦري هڪ عظيم ڪوڙ ٿي پيو آهي.

(ڪتاب صبح ٿيندو، ص ٨٦-٨٧-٨٨)

---

* جيئن اڄڪلهه پاڪستان جون مرڪزي سوچ رکندڙ سنڌي ليڊرن ٽوڙي ٻين ليڊرن جي اڳواڻي ۾ هلندڙ پارٽيون، جي ايم سيد جي آزاديءَ واري پروگرام ۽ ممتاز ڀٽي جي ڪنفيڊريشن لاءِ پروپيگنڊه ۾ رڌل آهن.

پليجي صاحب جي دوري بابت اردو پريس ۾ جيڪي فرنٽ پيج تي وڏيون سرخيون لڳيون ۽ پنجابي پناهگير ڪالم نويس دانشورن دوري بابت سندس واکاڻ ۾ جيڪي ڪاغذ ڪارا ڪيا، سي به پڙهيا سون. هاڻي اچو ته انهي پنجاب جي دوري ۾ پليجي صاحب جي ڪمل خاص ڳالهين تي غور ڪيون.

پهرين ڳالهه، ته پاڻ چيو اٿس ته ١٩٨٣ع جي ايم-آر-ڊي واري تحريڪ ۾ پنجاب شاندار ۽ فخر جوڳيون قربانيون ڏنيون آهن! اِن کي چوندا آهن چاپلوسي. جڏهن تہ پنجاب پ پ ۽ ايم- آر- ڊي ۽ پنجاب جا اڳواڻ پاڻ مختلف بهانا ٺاهي ۽ حيلا هلائي پنجاب کي بري ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي به اِهو قبول ٿا ڪن تہ ايم-آر- ڊي جي تحريڪ ۾ پنجاب جي پنج ڪروڙ ماڻهن جي نہ اٿڻ تي هو شرمسار آهن. چوندا آهن تہ "ڏاچي هٿي ڏهہ تہ توڏي هٿي تيرهن" وانگر پليجو صاحب بہ قدم اڳيان وڌي چوندو وتي تہ اِها سرڪاري پروپيگنڊا آهي.

٢- ٻي ڳالهہ ڪئي اٿس تہ صوبائي حقن جو مسئلو صوبائي نہ آهي؛ اِهو پوري پاڪستان جو معاملو آهي ۽ حڪمران عوام جي حقن تي ڌاڙا هڻڻ لاءِ ملڪي سالميت کي خطرو ۽ صوبائي حقن جهڙا مصنوعي الزام هڻي رهيا آهن.

اِن کي چوندا آهن خوشامد جو جديد طريقو ۽ لفظن جي واري ڦيري——!

"جوڪڏهن اسانجن هنن نهاد تہرقي پسندن ۾ ذري جيترو بہ ترقي پسند ڪميونسٽ ۽ مارڪسي اخلاق هجي ها تہ هو سنڌي، بلوچ، پٺاڻ قومن کي هدايت ڪن ها تہ اسان جي ظالم قومن جي اڳراڻ جو مڙس تي مقابلو ڪريو ۽ سندن دماغ مان قرلت ڪرڻ جي هوا ٺاهي ڪيو؛ چاڪاڻ تہ جيستائين اِها هوا نہ نڪتي آهي تيستائين

پاڪستاني قومن جي وچ ۾ اتحاد جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي"
(صبح ٿيندو- ص ٨٠)

سنڌس ڏي هيءَ لکئي پڙهي ڪير ڪيس سمجهائي ته ياڻهُ هيڏي منافقي نه ڪرا تون پاڻ ٿو چوين ته پاڪستان اندر قومي ظلم ٿي رهيو آهي- پر ان لاءِ هڪ ڏاهو ٻنجي ٻنجابي- پناهگيرن کي چوين پيو ته هنن ۾ نري جيترو به اخـلاق ڪونهي ۽ اڄ تون پاڻ ٿو چوين ته اِهو حڪومت طـرفان مصنوعي تضاد پيدا ڪيو ويو آهي؛!! مـوقع پرستي ۽ خودغرضي جي به ڪا حـد ٿيندي آهي___!

ٿين ڳالهه تـه پنجاب ۽ سنڌ ۾ ظلم جـي نوعيت هڪ جهڙي آهي؛ ۽ سنڌ ۾ چيو ٿو ڇي ته پنجاب ظلم ٿو ڪري؛ اهو سراسر ڪوڙ آهي !!!

پليجا صاحب پنهنجي وڏئي جو نه ويڄ نه طبيب! تو ڪي ڇا لکي ٻڌايون! تـون پنهنجي هٿن سان تـه لکي آيو آهين؛ تو ڪي تنهنجي صورت تنهنجي ئي تڪ ۾ تا ڏيکاريون.

ٻقول لطيف سائين؛ "اکر اکيان ايري، واڳو ئي ورِيام"

"سيني قومن جي عوام جا مفاد ساڳيا آهن___؟!!

نام نهاد پنجابي ۽ اردو باز ترقي پسند سنڌ جـي روشن خيال نوجوان طبقي، کي سيکارين ٿا ته سنڌي، پنجابي ۽ اردو باز عوام جا مفاد ساڳيا آهن؛ اِهي سڀ هڪ جهڙا مظلوم آهن؛ سيني تي سرڪار پئي ظلم ڪري؛ تنهن ڪري ڪين کپي ته هڪ ٻئي کي ڏوهه ڏيڻ ۽ هڪ ٻئي سان وڙهڻ بدران، ٻڌي ڪري ان حڪومت ۽ حاڪم طبقي سان مقابلو ڪن، جيڪي سيني تي ظلم ڪن ٿا ۽ ڪين پاڻ ۾ ويڙهائين ٿا. اِها ڳالهه هر نيڪ نيت ماڻهون کـي واجبي مناسب ۽ ترقي پسند لڳندي، پر جيئن جيئن ان تي اونهو غور ڪبو تيئن تيئن اها حقيقت وڌيڪ صاف ٿي ويندي تـه اِها ڳالهه غلط بنيادن تي ٻڌل توري سچي ، گهٽي ياگـي ڪوڙي.

گمراه ڪندڙ رجعت پرست ۽ عوام دشمن آهي. مثال طور پهرين اها ڳالهه ته سڀني قومن جي عوام جا سڀ نفعا ۽ نقصان ساڳيا آهن، منجهن ڪو به تڪر ڪونهي. سا ڳالهه عام سمجهه توڙي سائنسي پرک موجب سراسر غلط آهي. تاريخ ڏيکاري ٿي ته تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ مختلف قومن ۽ قوميتن مختلف پارٽ پئي ادا ڪيا آهن.

آريه قوم جا دراوڙن تي ظلم، منگولن جا سڄي دنيا ۾ قتل عام، افغان ۽ مغلن جيون هندستالي قومن سان تعديون، زار شاهي روسي قومن جي ازبڪن، جارجين ، لٿوين، تاتارين ۽ پولن سان زيادتيون، جرمن قومن سان سڄي يورپ جي قومن کي ڏنل عذاب ، امريڪي قوم جي مجاهد ويٽنامي قوم خلاف اڳرائي اهي سڀ هڪڙي قوم جا ٻئي قوم سان ظلم جا مثال آهن. انهن ظلمن ۾ اڳواڻي برابر سرمائيدار حاڪم طبقي ئي ڪئي، پر ٻيءَ سموري قوم به ذري گهٽ سڄي ان وحشياني حرڪت ۾ شامل رهي ٿي."

(ڪتاب صبح ٿيندو، ص ٦٦-٦٧-٦٨)

پليجو صاحب نه ان بابت تازو ١٩٨٣ع جي تحريڪ ڪانپوهه سنڌ ۾ اهو بحث ڪري ثابت ڪيو آهي ته پنجابي مزدور ۽ هاري ب سنڌي ماڻهن جو استحصال ڪري ٿو. ان لاءِ سنڌ ۾ ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ (سنڌ وطن دوست انقلابي پارٽي) هاڻي خالي وطن دوست پارٽي، وارن، پارٽي ورڪرن لاءِ نڪرندڙ پنهنجي پرچي .... ۾ بحث ڪري اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌي مزدور هاريءَ جو پنجابي مزدور استحصال ڪين ٿو ڪري. جنهن جي جواب ۾ پليجي صاحب جي عوامي تحريڪ طرفان ورڪرن لاءِ نڪرندڙ پرچي .... ۾ اهو بحث ڪري ثابت ڪيو ويو ته سنڌي مزدور هاري مسڪين جو پنجابي مزدور هاري به استحصال ڪري ٿو. پڙهندڙن جي ذهن تان اجان اهي ڳالهيون

۽ بحث ميسارجن ٿي ڪين ٿا جـو اسانجو پليجو صاحب وري ان جي بلڪل اُبتڙ شروع ٿيو وڃي.

چوٿين ڳالهه ته سنڌي اقليت ۾ تبديل ٿيندا ٿا وڃن ۽ سنڌي ڪراچيءَ ۾ ريڊ انڊين واري صورتحال ۾ ٿا رهن!

بيشڪ اِها ڳالهه اڪ جي آهي ۽ هر سنڌي ماڻهون اها ڳالهه محسوس ڪري ٿو ۽ اسان به ان سان متفق آهيون.

پر پليجو صاحب هاڻي ان ڳالهه کي به اٿين ٿو ڪٺي جٺن پاڻ پڏايو اٿس.

وڏيرڪي جدوجهد جا طريقا

”وڏيرڪي جدوجهد جلسن جلوسن ۽ اخباري بيانن تائين محدود هوندي آهي. هو ڪو به اهـڙو طريقو اختيار نه ڪندا آهن جنهن مان هنڌ جوکي جو انديشو هجي يـا جنهن مان عوام جو من وڌي وڃي؛ ۽ هو ايترو زور وٺي وڃن جو انلو ڪين ڳچيءَ کان وٺن. ان ڪري هو عوامي جدوجهد کان ڪوهين پري ڀڄندا آهن ۽ قومي مخالفن کي فقط زبان ۽ قلم جي مار ڏيندا آهن. سندن پاليسي هوندي آهي ته ”لعل به ليي پريت به رهجي اچي“ يعني عـوام کي الو بنائي قومي سورما بنجي اقتدار به وٺون ۽ قومي مخالفت سان صفا ڏنگ به نه پوي. چو ته سياڻـي جڏهن ”ڪم نڪتو ڪاغذ ڦاٽو“ وانگر عوام مان ڪم ڪڍي ڪين وري موڇڙا هڻي سڌو ڪرڻو پوندو؛ تڏهن اهي مخالف ٿي نه ڪم ايندا، اصل اتحاد ته انهن سان ٿي ڪرڻو آهي ۽ اصل جنگ نه عوام سان ٿـي آهـي قومي جدوجهد ته زڳو نالو هوندو آهي. ڌر اصل مقصد هوندو آهـي مخالف کي عوام جو پوُ ڏيکاري ٿورو نرم ڪري؛ڪانئس ڦُر جي مال مان پنهنجو پورو حصو پٽي وٺن. يعني ”ڦر ڏيکاري چر ڪٽڻ“ بس پيش وڏيرا ۽ قومي مخالف پاڻ ۾ پائي پائي

ٽيو وڃن، ۽ عوام ”ڪٽيءَ سان به ڪارا ٿياسون، ڪلر به ويا پنهنجي گهر“؛ وڙهي ڦرجي، مارجي گهر مسيت ڪري پچاڙيءَ جو سڪي گندي ڪلهي تي رکي وڃي گهر پيڙا ٿيندا ۽ ساڳي ماني ساڳ سان کائيندا. اِهو آهي وڏيرڪي قومي جدوجهد جو نظريو، ان جو مقصد ۽ ان جا نتيجا.

(تحريڪ مئي ۱۹۷۳ع، صبح ٿيندو، ص ۴۹-۵۰)

اهڙي طرح پليجو صاحب پنهنجي وڏيرڪي جدوجهد وارو نشاندهي ڪيل طريقو اختيار ڪري سنڌي عوام مان ڪم ڪڍڻ جي ڪوشش پيو ڪري ۽ ان ڪوشش ۾ سنڌ اندر سنڌس سياست باشعور يا ٿوري گهڻي ڄاڻ رکندڙ ماڻهو سمجهي چڪا آهن، هو محسوس ٿا ڪن ته پليجو صاحب سنڌ دشمن ٽولن جي سياست جو شڪار ٿي سنڌي ماڻهن کي سولو شڪار ڪري پنجاب اڳيان آڇلائڻ تو گهري؛ ۽ ان جي انعام حاصل ڪرڻ لاءِ پنجاب جي پوڇا پاٺ پيو ڪري. ان ڪري سنڌ جي قومي حقن تان هٿ کڻي نقلي ترقي پسنديءَ واري تسبيح پيو ڦيرائي!

پليجو صاحب پنهنجي بابت سنڌ اندر آيرندڙ انهي سنڌي ماڻهن جي سوچ کي روڪڻ ۽ ان جي شدت گهٽائڻ لاءِ اِها ڳالهه تو ڪري ته سنڌي ماڻهون اقليت ۾ ٿيندا وڃن؛ ٻئي طرف ان عمل ۾ رکيو بهارين ۽ مهاجرن کي مهڙ ۾ ڏئي انهن جو نالو نروار ڪري ائين تو محسوس ڪرائي جڻ پنجابي ويچارا ڪا شيءِ ئي ڪونهن ۽ اهو گناهه رکيو اڪيلي سر بهاري ۽ مهاجر پيا ڪن؛ ۽ پنجابي ان سڄي عمل ۾ شريڪ ئي ڪونهي—!

ائين پليجو صاحب سنڌين کي به مطمئن رکڻ جي ڪوشش تو ڪري ته هو سنڌن حقن جي ڳالهه پيو ڪري ۽ پنجاب کي به خوش تو رکي؛ نه پرواهه نه ڪريو؛ هو سنڌن ڳالهه به نه ڪندو. بهارين واري مسئلي تي به سندس پڪي لائين آهي؛ ڀاڻ ايم-آر-ڊي

۾ ويٺو آهي جيڪا شروع ڪان وٺي هيستائين بار بار قراردادون پاس ڪري حڪومت ڪان گهر ڪندي رهي آهي ته ٻهاري آندا وڃن. صدر ضياءالحق جي ڪراچيءَ ۾ ڏنل بيان تي ٻهارين جي باري ۾ ڪاري ڏينهن ملهائڻ جي ڪال ڏني وڃي ته پر مجال آهي جو پليجو پارٽي هڪڙو لفظ اتي وات مان ڪڍيو. ايم آر ڊي ۾ ڪو احتجاج ڪيو ۽ ڪو ننڍو بيان ڪڍي ايم آر ڊي جي ان عمل کان پاڻ کي الڳ ڏيکاريو! ٻئي طرف وري هاڻي "سنڌ بچاءُ تحريڪ" جي نالي ۾ هڪ غير موثر ڪميٽي ٺاهي، رڪارڊ جي پورائي لاءِ هڪ اڌ جلسو ڪري مطالبو ٿيو ته ٻهاري سنڌ ۾ نه اچن؛ واهه ڏاڍو سولو طريقو اختيار ڪيائون، سنڌي عوام کي مٿي تان هٿ ڦيرائڻ جو. "سنڌ بچاءُ تحريڪ" جو هڪ پمفليٽ به سنڌ ۾ ورهايو ويو. پمفليٽ ۾ ٻه ڳالهيون هيون، هڪ ته ٻهاري نه اچن، ٻيو ته کوکرا پار واري سرحد نه کولي وڃي.

سنڌ ۾ ٻهاري نه اچن، سنڌ جي هر باشعور قومي غيرت رکندڙ سنڌي جو اهو مطالبو آهي. جنهن لاءِ سنڌ جون سڀئي قوم پرست جماعتون گهوڙا گهوڙا ڪنديون پيون اچن ۽ ان تي اختلاف ٿي ناهي ته ٻهارين کي روڪڻ لاءِ مطالبو نه ڪيو وڃي پر پمفليٽ ۾ اصل مسئلي جي بنياد تي هڪ اکر به نه لکيو ويو آهي. مثلاً روزانه پنجاب کان ايندڙ پنجابين جي هيڏي ساري لوڏ سنڌ اندر اچي وڏين آفيسرين کان وٺي ڪلارڪي، سپاهي، مزدوري طور ڪارخانن ۽ زمينن تي ڇانئجي ٿي وڃي. شاليمار ايڪسپريس جيڪا اڳي پنجاب ۽ ڪراچي جي وچ ۾ هفتي ۾ ٻه چڪر ڏيندي هئي اها هاڻي روزانه پنجاب مان ڀرجي سنڌ تي اچي انهن ۾ لکين ايندڙ پنجابين تي پليجي صاحب جي زبان ۽ قلم خاموش ڇو آهي؟ ڇو نه جلسن جلوسن ۾ اهو مطالبو ڪيو وڃي ته سنڌ ۾ پنجابين جي آبادڪاري بند ڪئي وڃي ۽ لکن جي تعداد ۾ سنڌ اندر رهندڙ پنجابي سنڌ خالي ڪري پنجاب وڃن.

اصل ۾ پليجو صاحب اها ڳالهه آهي جيڪا يار جي شوق ۾ پار تان هٿ ڪٽندي آهي. ائين پنجاب جي اشاري تي بهارين جي اچڻ واري مسئلي کي تيز ڪري ۽ سنڌي ماڻهن جو ڌيان پنجابين جي تيزيءَ سان اينڌڙ آباديءَ تان وڏي ڪريب ۽ اٽڪل سان هٽائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري؟

پيو ته کوکراپار واري سرحد نه کلڻ کپي، جنهن لاءِ دليل اِهو آهي ته اتان مهاجر اچي سنڌ ۾ آباد ٿيندا. ڇا هنن کان اڳ اينڌڙ مهاجر بس کوکرا پار واري سرحد کان آيا هئا ـــ؟ جي نه، پاڪستان ٺهڻ تي ۹۸ سيڪڙو مهاجر پنجاب جي رستي سنڌ ۾ اچي ورسيا هئا. هاڻي به جيڪي پناهگير ايندا يا اچڻ پيا سي واگها ۽ پنجاب کان اچــن پيا، ۽ جن کي اچڻو هونــدو سي اتان به اچي سگهن ٿا!

اهو به مسئلو ائين ٿو لڳي ته پليجو صاحب کوکرا پــار واري سرحد بند ٿو ڪرائي پر سنڌ جون سرحدون پنجابين جــي سنڌ جي داخلا لاءِ کليو رکڻ ٿو گهريـــ!

اسان سمجهون ٿا ته کوکرا پار واري سرحد کي بند ڪرائڻ وارو مطالبو به بنيادي طــرح پنجاب طرفــان پليجي صاحب هٿان اٿاريــل مطالبو آهـــي جنهن جي ڪري پنجاب پنهنجي اِها تنيدي ڪمائي به بند ڪرائڻ نٿــو گهري. کوکراپار واري سرحــد کلڻ ڪري هندستان کان اچڻ ۽ وڃڻ وارا ماڻهون (جن جي اڪثريت سنڌ مان ٿي وڃــي ۽ اچي ٿــي) جيڪي هيئنر پنجاب کان ڦري وڃڻ ۽ اچن ٿا، انهن جي ڪري پنجاب ڀيوروڪريسي تنيدي وچولي ڪلاس تنيدي وڏي واپاريءَ کان وٺي عــام مزدوري ڪندڙن کي ڪافي ڪمائي ٿئي ٿي. اصل ڳالهه مهاجر ۽ سنڌي هندن جي آهي جو هنن جي لاهور مان نڪري وڃڻ ڪري پئسن ۽ سفر جي تڪليف ٿئي ٿي، راجستان مان سهولت اٿن.

پليجو صاحب بار بار اها ڳالهه ته ڪري ته سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪير ٿو ڪري پر وري به سندس اطلاع لاءِ عرض آهي ته اها قوت ۽ وڌندڙ آبادي پنجاب جي آهي (جنهن لاءِ پاڻ اقتدار جي آسري ۾ موقع پرستي جي ڏيڻ ۾ قائل آهي، جتان نڪرڻ بنهين مشڪل آهي) ۽ بعد ۾ پناڻ پناهگير اچي وڃن ٿا جن کي پڻ پنجاب جي طاقت ئي پنهنجي سياسي حڪمت عملي تحت ورسايو آهي ۽ اڳيان به ورسائيندي.

جيڪڏهن لوڪل سياسي ۽ حڪومت جي قوت پنجاب جي اختيار ۾ نه هجي ها ته شايد سنڌ ۾ ايندڙ پناڻ، پناهگير ۽ پڻ سنڌي به پنجاب ۾ زمينن، نوڪرين ۽ ٻين شعبن ۾ ڪم ڪندي توهانکي ضرور ملن ها. پر هاڻي ته پليجي صاحب تي بحث ڪري دليل ڏيڻ جي به ضرورت نه رهي آهي. هو خود به پنهنجي گذريل ڪارگذارين جو ضد بنجي پنجاب جي پرستش ۾ پڌرو ٿيندو پيو وڃي. سندس، سنڌي ماڻهن کي ڏتارڻ جي انهن ڪوڙي اٽڪلن تان پاڻ لاهور ۾ (سياسي قيدين جي آزادي واري ڪميٽي پاران سندس مان ۾ ڏنل دعوت ۾) تقرير ڪندي اهو چئي پردو هٽائي ڇڏيائين، پاڪستان جي سمورين شهرين کي پنهنجي پسند جي ڪنهن به علائقي ۾ وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي! جيڪا اڳي ئي بندش ٿيل آهي ـــــ!!

پليجي صاحب جي پنجاب جي دوري جو جائزو ورتوسين، توهان پنجاب ۾ پليجي صاحب جي مصروفيت، اتي سندس تقريرن، بيانن، پريس ڪانفرنسن ۽ ٻين سرگرمين کي ڏٺو ۽ پڙهيو ۽ هاڻي يقيناً چئي سگهجي ٿو ته پليجي صاحب تي پنجابي سياستدانن ۽ دانشورن جي نيڪ صلاحن ڏاڍو اثر ڪيو. جو پاڻ هڪڙو ڏاڪو اڳتي اچي پاڪستان عوامي تحريڪ مان عوامي نيشنل پارٽيءَ تي اچي پهتو آهي. ” يه وهي جگه هي نکلے تهي هم جهاں سے“.

دراصل عوامي نيشنل پارٽي نعپ ئي آهي، جنهن تي پٺي

صاحب جي وقت ۾ سپريم ڪورٽ طرفان بندش پيل آهي تنهن ڪري نيشنل عوامي پارٽي مان لفظ عوامي اڳيان آڻي ان ڪي عوامي نيشنل پارٽي سڏيو ويو آهي.

پليجي صاحب جي پاڪستان جي مرڪزي سطح تي پارٽي ٺاهڻ واري خواهش، پراڻي آرزو اندر ڇيري عمل ۾ آڻڻ سا به وري اهڙي طرح جو جنهن نعپ مان پاڻ بيزار ٿي فرمايو هئائين:

”اڳ نيشنل عوامي پارٽي سالن جا سال هرهنڌ ناچ ڪريو، جهومر هنيو، جمهوريت، سوشلزم، سيڪيولرزم، قومي حقن ۽ صوبائي خودمختياري جون هنبوچيون هڻندي رهي آهي. هنن پهريائين ون يونٽ ٽوڙائڻ جو ڍونگ ڇڏي جماعت اسلامي سان شريڪ ٿي ڊئيڪ (D.A.C) جو ناٽڪ رچايو. پوءِ سيڪيولرزم کي طلاق ڏنائين، پوءِ ٻولي جي مسئلي تي مظلوم قومن کي پٺ ۾ خنجر هنيائين. تازو ان آئيني ڍانچي تي صحي ڪئي اٿس جنهن ۾ صوبائي خودمختياريءَ جي مٽي پليد ڪئي وئي آهي. نعپ هن وقت لاش آهي، اهو هاڻي ڏپ پيو ڪري: پر لغاري، عزيزالله شيخ، سرڪي، مهرحسين شاهه ۽ ٻيا ڪانڌي اڃا به ان کي ڪلهن تي کنيو اخبارن ۽ جلسن ۾ رلائيندا وتن. نعپ برابر مڪريل ڏائڻ ۽ هست رنگي ڏوتي هئي. چندا ڏوهڻ ڪان به وڏيڪ يارن کي آسرا ڏيڻ واري ترڪ ٽالڻ هئي. ان جي پلاند تي سوين خونن جا ڏيا هئا. قومي ٻولين جو خون، عوامي انقلاب جو خون، قومي جدوجهد جو ۽ جمهوريت جو خون. ان کي جيڪا به سزا ڏجي سا ٿوري: پر لاش جي بي حرمتي ڪنهن به مذهب ۾ جائز نه آهي. هن سڙيل لاش کي ڪلهي تي کڻي نچائڻ وارا خدا جا بندا، هاڻ گهڻو ٿيو، هاڻ اهو بدبودار لاش مٽي ساٽ ۾ دفن ڪري ڇڏيو!

تحريڪ پبليڪيشن نومبر ١٩٧٢ع
(ڏراڙن جا ڏک، ص ١٢)

وري ٻئي هنڌ لکي ٿو:- ”دفن ڪريو“!

”مودوديءَ جو مريد ولي خان، بزنجو ٽولو پار پيو ڪري، هو اهو عوام دشمن ٽولو آهي جنهن ننڍين قومن جي جدوجهد کي پٺ ۾ خنجر هنيو. پاڪستان جي قومي ٻولين بلوچ، سنڌي، پشتون، پنجابي سان غداري ڪئي، صوبائي خودمختياري جو مذاق اڏائيندي دستور صحيح ڪيو پاڪستان ۾ مظلوم قومن جي ازلي ويرين طرفان سنڌ ۾ ڪيل فسادن جي پٺڀرائي ڪئي، مظلوم سنڌين خلاف اللو ڪوڙيون انڪواريون هلائي سنڌن خلاف پروپيگنڊه ڪئي، جنهن سنڌ جي خلاف زهر اوڳاڙيو، مظلوم قومن جي دشمنن جي چمچاگيريءَ ۽ دلالي ڪئي؛ پاڪستان جي مظلوم قومن جي جمهوري مورچي کي ٽوڙي دشمن کي راضي ڪيو، بلوچ عوام جي جدوجهد کي ٻين مظلوم پاڪستاني قومن جي جدوجهد کان ڪاٽي الڳ ڪري ان کي اڪيلو ڪرايو اهو بلوچستان ۽ ٻين سڀني مظلوم پاڪستاني صوبن جو غدار ٽولو ٻه ڌاهه ڌاهه پيو ڪري، انهن کي بلوچستان جو ڏک آهي، سڄي ملڪ جي قومي قاتلن کي ڏک آهي.“

(ايڊيٽوريل رسالو تحريڪ، جون ١٩٧٣ع)

بهرحال اڄ اُها نعپ پليجي صاحب جي پٺڀرائي ۾ سامراج دشمن، ترقي پسند، صوبائي حقن جي دعويدار بڻجي، نئون ويس ڍڪي ميدان ۾ آئي آهي. ان عوامي نيشنل پارٽيءَ کي ترقي پسنديءَ ۽ سامراج دشمنيءَ جو سرٽيفڪيٽ به خودبخود ملي ويو آهي، ڇو جو ان پارٽيءَ جو صدر پٺاڻ، جنرل سيڪريٽري پنجابي ۽ وڏي ڳالهه ته پناهگير ۽ سنڌن سنڌي ڇتون ان جا حمايتي آهن! هڪ جٽ واري ڳالهه، ته ”ٿتي شهر کي شرف آهي نه ته آهن مون واري آڪ جا ليڏوٽا!“

سو پليجي صاحب کي شرف آهي؛ نه ته آهي اُهائي پراڻي

نيشنل عوامي پارٽي، هن هاڻي عوامي نيشنل پارٽي* ۾ اسان جي سياسي خانه بدوش دوستن به اچي ڏيرا لاتا آهن؛ جن کي پليجو صاحب نام نهاد نقلي ترقي پسند پنجابي- پناهگير ۽ سندن پولائو سنڌي طوطا چٽي ياد ڪندو آهي. اهي پاڻ کي ظاهر ڪن. ڪميونسٽ پر پڇ لٽڪائو سدائين سامراجي دلالن جا!

ڪجهه وقت اڳ جڏهن نيپ اندر بلوچن ۽ پٺاڻن جو هڪ ٻئي سان پوري مدد نه ڪرڻ ڪري تڪرار ٿيو ته بزنجي وچي پاڪستان نيشنل پارٽي ٺاهي، ولي خان نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ٺاهي. هنن به "ميرا بهي تو هي!" جي چوڻي موجب نيشنل پروگريسو پارٽي ٺاهي! چوندا آهن "هڪڙي اکيٽي نچٽي پيا ٻڌائين گهنگهرو" سو هنن به انهي گهنگرين جي تال تي سرخ پرچم ۾ لکيائون ته "بزنجو ڪي سي آء ڊي آمريڪي انٽيليجنس جو خاص ماڻهو، عوام دشمن ۽ رجعت پرست آهي."

ولي خان جي لاءِ چيائون ته "اهو به خان وڏو ماڻهو ۽ عوام دشمن آهي." هنن جي "تنهنجي ساٿي، منهنجي ساٿي" ته ملٽري ڪورٽ ۾ اهو بيان ڏنو ته ملٽري وارن مون تي ٽارچر ڪندي مونکي چيو ته هو اين ڊي پي ۾ شامل ٿي وڃي ته ڪيس آزاد ڪيو ويندو. (ان بيان جو هاڻي ڪتاب ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو. سندس آواز ۾ ان بيان جي تقرير ٽيپ ڪري پوري سنڌ ۾ وڃائي وڌي).

مطلب اهو ٿيو ته ولي خان به سرڪار ۽ سي آء ڊي وارن جو ماڻهو ٿيو. انهن ڳالهين تي چيو ٿون، "بابا سياست ۾ اختلاف ٿيندا آهن، پر اهڙن مفروضن تي ٻڌل الزام هڻي پروپيگنڊا ڪري پنهنجي ليڊري چمڪائڻ فضيلت وارو فعل ڪونهي".

اها ڳالهه ٻڌيو همراه اصل هٿن مان پيا وڃن؛ اکيون ڳاڙهيون ڪريو دوڙا ڦوٽاريو چون "رجعت پرستن، سي آء ڊي امريڪي ايجنٽن کي عوام اڳيان اگهاڙو ڪرڻ ضروري ۽ انقلابي

قدم آهي.“ چڱو ڀاءُ وارو ڪريو! ٻيو ڀلا ڇا جتون ! ؟

اچان اِهي بحث پئي هليا ته اوچتو ئي اوچتو لڏپلاڻيائون ۽ وڄندي تيز گڏهه تي ” السلام عليڪم! جاڙا خـــان ڪتو جهلجائين!“ سڏو وجهي بزنجي جي نيشنل پارٽيءَ ۾ لڏو لاٿائون ! ڇتي ” قومي جمهوري انقلاب لاءِ پنڌ متائڻ ضروري وقت جـي تقاضا تي پيو هو. پٺي هند جهوليءَ جي جاءِ ڪونهي. بزنجي جي ساٿ ۾ سلامتي آهي.“

” چريـن ڪهڙا چرت مٿن ڪهڙا ماسرا “ اچان ڪجهه ڏينهن مس گذريا هئا جو بزنجي جي پير ۾ به هنن ڪي سڪون جو سک نه پئي آيو. سک ايندو به ڪيئن؟. آخـر سياسي خانه بدوش جو ٿيا! سو پڻ ته ترت بدلائڻو هيو، ڀلا تڪليف به ڪهڙي! رليون آتر ڪٽندي ڪهڙي دير؟ وري لڏ گڏهه تي. ۽ هي سندي طوطن جي سامين جو سرو پنهنجي پناهگير- پنجابي نجومين سميت اچي ولي خان جي والار ۾ نڪتا آهن. ڇٺي ”عوامي نيشنل پارٽي جي اڳڻ نان عـوام جـي عاقبت سنوارڻ جـي ستارا ساريءَ تـا ڏين !

هن عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ اڪوٽي نعپ ۾ تبديلي اِها آهي ته هن ۾ بلوچ غير موجود آهن ۽ قوم پرست سنڌين جي ڪابه نمائندگي ڪانهي، ٻيو فرق اهو آهي ته اِسانجي بليجي پارٽـيءَ ڪي سينئر نائب صدرڙي ملي آهي ۽ اڳيان هلي صدارت يا جنرل سيڪريٽري شپ جو آسرو آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو سندس صـلاح مطابق نعپ جي ان سڙيل لاش جي بدبوءَ کان بچڻ خاطر لغاري، عزيزالله شيخ، ميرحسين شاهه ۽ سرڪي ـ تـه ان ڪي دفـن ڪري ڇڏيو، پر بليجي صاحب ان لاش جي به جند نه ڇـڏي! ان لاش تي مجتائن جو مقبرو اڏائي بس ان نئين سياسي زيارت گاهه جـو مجاور ٿي اچڪله نوان ڪرشما، ڪرامتون پيو ڏيکاري.

بليجي صاحب ڪي ان حرمت ٻاري واري هيرا ڦيري تـي

غور سان ويچار ٿو ڪجي ته پاڻ قومي غدار وڏيرن، نام نهاد اسلام پسند رجعت پرستن ۽ نام نهاد نقلي ترقي پسندن واري ٽولي ڪان تمام گهڻو هوشيار سياسي بازيگر بڻيل آهي. هو جتي پنهنجي سنڌي قوم جي اصولي موقف تسان دستبردار ٿي اکيون پوري پنجاب کي بڏائي يقين ٿو ڏياري ته هو پنجاب جي بالادستي واري سياست جو حصو آهي* هاڻي کيس قومي ليڊريءَ جي قبوليت جو شرافت وارو شرف بخشيو. آني اِها به ڳالهه ڪري ٿو ته سنڌين کي سنڌ ۾ اقليت ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي حالت ريڊ انڊين جهڙي آهي! (ان لاءِ ذميوار بهارين ۽ پناهگيرن کي ٺهرائي خاموش ٿيو وڃي). اِها ڳالهه ڪري هو پنهنجي ورڪرن ۽ سنڌي ماڻهن کي وساهي ٿو ته هو اڃان اهو ساڳوئو پليجو آهي جنهن حفيظ قريشي ۽ ٻئر سنڌي سان گڏجي "سنڌي عوامي تحريڪ" ٺاهي ۽ منظم ڪئي هئي.

(هو بنيادي راهه بدلائڻ، صبح ٿيندو، ڏراڙن جا ڏک ۾ ڪيل قومي سياسي بحثن تسان هٽ، ڪٽڻ ١٩٧٣ع جي آئين ۽ جمهوريت جي ليکي ۾ رجعت پرست، قوم دشمن، عوام دشمن وڏيرن، پيرن، ملن، پنجابي پناهگيرن سان پاڪستان ليول تي اتحاد ڪرڻ ۽ آخر ۾ سنڌي ورڪرن تي ذهيل پارٽي ختم ڪرڻ اِها سڀ آئنده جي انقلاب لاءِ حڪمت عملي ڄاڻائي ٿو).

اهڙي طرح هو سنڌي ماڻهن وٽ پنهنجي ساک بچائي پنهنجي سياسي اثرن کي غلط استعمال ڪري سنڌي ماڻهن ۾ مونجهارا پيدا ڪري انهن کي قومي لائين تان ٿِڪائي ڪمزور ڪري دشمن اڳيان سولو شڪار بنائڻ ٿو چاهي. پنجاب سامراج

---

* سياسي جماعتن ۾ سامراجيت کي ختم ڪرڻ سان گڏ ان جي بنهه ابتڙ هڪ خواهش سامراجيت سان دوستي ڳنڍڻ جي به موجود هوندي آهي؛ انهن جماعتن ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهي ٻئي سلسلا گڏوگڏ هلندا آهن. (فرانز فينن، ص١٦٠)

بہ پليجي مان اهائي توقع ٿو رکي. ڇو تہ پنجاب سامراج بہ اهو سمجهي ٿو تہ موجوده حالتن ۾ سنڌ اندر جيڪو ڪم پليجو سرانجام ڏيندو اهو هائي پيپلز پارٽي بہ نٿي ڪري سگهي ۽ اهوئي سبب آهي جو پنجاب جا دانشور سياستدان پليجي لاءِ پاڪستاني ليڊر بنجڻ جي راهہ هموار پيا ڪن ۽ پيپلز پارٽيءَ جي مقابلي ۾ بہ هن کي اڳيان آڻي آجيانا ۽ تقريبون ٿا سينگارين.

پليجو صاحب اڄ جڏهن سنڌي ورڪرن جو وڏو تعداد وٺي عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو آهي ۽ پنهنجي سائنسي سوچ جا نوان جوهر ڏيکاري، عوامي انقلاب ۽ قومي جدوجهد لاءِ لاءِ نيون نراليون راهون تجويز ڪري ڏکهي اٿانگي ورن وڪڙن واري وات تان ڏڪا ٿاٻا کائيندو اچي مرڪز جي محراب ۾ سربسجود ٿيو آهي تہ هاڻي سندس خيال ۾ سنڌ جي قومي جبر ۾ ڪو فرق آيو آهي، جنهن جي ڪري سنڌ جي سياست ۾ سندس اها تبديلي لازمي ٿي پئي هئي؛ جنهن ڪري تہ اپنائڻ جي ڪري قومي حقن جي حاصلات انقلابي عمل جي واڌاري ۾ رڪاوٽ ٿي. هاڻي اسان ڏسون تہ ۱۹۷۳ع کان ۱۹۸٦ع جي پنڌرهن سالن اندر ڪهاڙي بنيادي تبديلي آئي آهي جنهن ڪري قومي تضاد حل ٿيو آهي يا ان جي شدت ۾ گهٽتائي ٿي آهي، يا ان جي حل ٿيڻ ۾ باهمي صورتحال پيدا ٿي آهي يا وري پاڪستاني سياسي پارٽين، نام نهاد ترقي پسندن جي سوچ ۾ ڪا تبديلي آئي آهي، هنن پنهنجا پروگرام تبديل ڪيا آهن ۽ قومي حقن جي آزادي تائين حمايت ڪرڻ لڳا آهن. جنهن تي اسان کي سوچڻو پوي تہ پليجو صاحب صحيح راهہ ڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ اسان آهيون جيڪي ان نئين صورتحال کان نتائي غلطي ڪري رهيا آهيون. ان لاءِ ڏسون ٿا تہ ۱۹۷۳ع کان وٺي اڄ ۱۹۸٦ع تائين پاڪستان جي سياست ۾ جيڪي واقعا رونما ٿيا آهن تن مان ظاهر آهي تہ حاڪم قوم پنجاب طرفان مظلوم قومن تي قومي ظلم

۾ شديد اضافو ٿيو آهي- ١٩٧٣ع جو آئين مڙهي مظلوم قومن جي وجود کان انڪار ڪيو ويو ان آئيني جمهوريت جي پاداش ۾ بلوچن ۽ پشتونن جون چونڊيل حڪومتون ڊاهي پٽ ڪيون ويون. رڳو حڪومتون ڊاهيون وڃن ها تڏهن به نهيو، پر بلوچستان تي پنجابي فوج چڙهائي ڪري پنجويهه هزار بلوچ ماريا. بلوچ ۽ پٺاڻ ليڊرن تي غدار ملڪ دشمني جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري کين جيلن ۾ وڌو ويو. سنڌي قوم پرستن، شاگردن، هارين ۽ سياسي ورڪرن کي (ڊي-پي-آر) ١٠٩-١١٠ سنڌ ڪرائيمس جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري اسپيشل ٽربيونل قائم ڪري هنن کي بنا ڪيس هلائڻ جي سالن جا سال جيل ۾ رکيو ويو. سنڌي رسالا ۽ ڪتاب بند ڪري پريسن تي تالا لڳايا ويا. اهو قومي ظلم ٻربريت جمهوريت ۽ آئين جي پوش ۾ پنجاب جي پاليل سنڌي وزير اعظم ڀٽي جي سات سال ٿيندو رهيو. تانجو ”ڪم نڪتو ڪاغذ قاٽو“ ۽ ”قربان ٿي ڏاريا، مٽ مٽي جا نه ٿيا!“ ڀٽي جي وفاداري جو وقت پورو ٿيو. پنجاب جي نمائندي ڀٽي جي وفادار سائي ضياءالحق وفا نڀائيندي ١٩٧٧ع ۾ ڀٽي جو تختو اونڌو ڪري مارشل لا لڳائي، سنئين سنڌي پنجاب جي حڪومت قائم ڪئي ۽ ڀٽي کي سنڌي سڌي سزا ڏئي سوري تي لٽڪايو. هائي قومي جبر جي ڪلي تاريخ لکجڻ شروع ٿي. ڪوڙا، ڦٽڪا، ڦاهيون، جيل ۽ جبر سنڌين کي ڏاج ۾ ڏنا ويا.

١٩٨٣ع جي تحريڪ ۾ (سنڌ تي فوجي آپريشن ٿيو، جيڪو اڃان جاري آهي) سنڌين جو قتل عام ڪيو ويو. سنڌي نوجوان شاگردن ڊاڪٽرن انجنيئرن کي رستي هلندي بسون بيهاري گولين جو بک بنايو پيو وڃي. سنڌين مٿان ڪاري قيام ڪري گذاري وئي.

هن عرصي ۾ لکين پنجابي، پٺاڻ، پناهگير ۽ بهاري سنڌ ۾ آباد ٿيندا رهيا ۽ (اڃا آباد ٿين پيا) ۽ سنڌ جي زمينن نوڪرين ۽

گذر جي مڙني وسيلن تي قبضو ڪيو ويو وڃي. ان تيزيءَ سان جاري ظلم تشدد قومي شدت کي وڌيڪ اڀاريو آهي مظلوم قومن جي ماڻهن ۾ حاڪم قوم پنجاب خلاف نفرتن* جو بيڪران سمنڊ ڇوليون ٿو هڻي؛ ان جبر، جارحيت ۽ حق تلفين جڻي مظلوم قومن اندر طبقاتي تضاد موجود هوندي به، قومي تضاد کي اڀاري اوليت واري شڪل ۾ آڻي بيهاريو آهي. اتي حاڪم قوم پنجاب تي قومي شاونزم مڪمل طرح حاوي ٿي ويو آهي. جڏهن ته طبقاتي ۽ جمهوري تضاد پوئتي وڃي سنڌ حڪمران ٽولن چوڌرين لاءِ استعمال پيو ٿئي.

---

* مقامي رهاڪو ڌارين ڦورو جي (جيئن اسان وٽ ڪراچي، حيدرآباد، ٽنڊو الهيار، ملن جون ڪالونيون، ريسٽ هائوس)، شهر کي خرص ۽ حسد جي نظر سان ڏسندا آهن. انهي نگاهه ۾ سنڌ ملڪيت جا صديون کان بيچين خواب هوندا آهن، هر قسم جا خواب يعني ڌارين ڦورو جي ميز تي ماني کائڻ جا خواب ڌارين لٽيري جي بستري تي سمهڻ جا خواب جيڪڏهن ممڪن هجي ته، ان جي ڏوتل پوتل اڇي اجري زال سان گڏ سمهڻ جا اڻ آسودا خواب !

مقامي ماڻهو ڏاڍو حاسد ٿيندو آهي ۽ ڌاريون ڦورو انهي حقيقت کي چڱي ريت سمجهي ٿو. جڏهن پنهنجي جون نگاهون ملن ٿيون تڏهن ڌاريون ڦورو پنهنجي بچاءُ وارو انداز برقرار رکندي ڏاڍي ڪرڙي اک سان مقامي باشندي جي انهي خواهش کي پروڙي وٺندو آهي.

”هي ماڻهون اسانجي جاءِ والارڻ چاهين ٿا“ اها حقيقت آهي جو ته ڪوبه مقامي ماڻهو اهڙو ناهي جيڪو هر ڏينهن گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو ڌارين ڦورو واري درجي حاصل ڪرڻ جا خواب نه ڏسندو هجي.

(فرانزفينن- مٽي هاڻا ماڻهو ترجمو عبدالواحد آريسر، ص ۴۷)

هن پندرهن سالن جي عرصي ۾ انهن پنجابي- پناهگير جي مرڪزي جماعتن مظلوم قومن لاءِ ڪهڙا پڌرا پروگرام ڏنا ؟ قومي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي يا قومي حقن لاءِ ڪو آواز بلند ڪيو؟ سي سڀ عالم آشڪار آهن. انهن مرڪزي جماعتن ۾ هاڻي رجعت پرستي ۽ ترقي پسنديءَ جو ويڇو رکڻ ئي فضول آهي. رجعت پرستن جي امامت به انهن لاءِ مخصوص ته ترقي پسندي به سندن واسطي رزرو ٿيل. (صبح ٿيندو- ص۸۲)

سيني رجعت پرست نالي ۾ ترقي پسندن جا ترڪتال ساڳيا آهن. ڪنهن به اِها ڳهر نه ڪئي آهي؛ نه ڪري ٿو ته مظلوم قومن کي حق آهي ته هو جيڪڏهن آزاد رهڻ چاهين ته رهن. اها ته وڏي ڳالهه ٿي، پر ڪنهن به اِها ڳهر نه ڪئي ته سنڌ ۾ ٿيندڙ پنجابي، پٺاڻن، بهارين، پناهگيرن ۽ افغان پکوڙن جي نوآبادڪاري روڪي وڃي. ڪنهن بالا دست قوم جي فرد سنڌي قوم ۽ ٻين مظلوم قومن تي ٿيندڙ بي انتها ظلم تي ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڍي!! سيني جو ساڳيو رويو ۽ ڪردار رهيو جيڪو پنجاب جي مشهور ترقي پسند، انقلابي عوامي شاعر فيض احمد فيض بنگال جي باري ۾* اختيار ڪيو هو جيڪو رويو ٻين سيني پنجابين جو پڻ هو، اهڙو ئي رويو سندن ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ جي باري هو جنهن "ون یونٹ ٹوٹنے سے کسان کو کیا فائدہ؟ یہ وڈیروں کے اقتدار کی بات ہے!"

سنڌي زبان جي مسئلي تي به ائين چيائون. جنهن "زبان کی بحالی سے غریبوں کو کیا ملے گا؟ یہ تو متوسط طبقہ کا مسئلہ ہے!"

---

* فيض احمد فيض بنگال ۾ ٿيندڙ قتل عام ڪِسي پنجابين فوجين طرفان جنهن جائز ٺهرايو هو. جو پاڻ لاهور ۾ هڪ وڏي پريس ڪانفرنس ڪري، روس کي ڌمڪي ڏني هئائين ته هو بنگال جي مدد نه ڪري نه ته هو روس طرفان کيس مليل مشهور انعام لينن پرائيز واپس ڪندو.

اهو ئي رايو هنن جو بلوچستان جي قومي جدوجهد جي باري ۾ هو، چئي ”يه بلوچ سردارون کي لڙائي ہے، اِس سے بلوچ عوام کو کيا حاصل هوگا؟“

اهڙو ئي هڪ ڏرسيءَ وارو رويو سندن اڄ به آهي، سيئي چون ٿا سنڌ جو قومي مسئلو وڏيرن ۽ حڪومت جو پيدا ڪيل آهي، وڏيرن جي اقتدار حاصل ڪرڻ جي ڳالهه آهي.

(اسانجو پليجو صاحب به هاڻي اِها ٻولي ٿو ڳالهائي ۽ چوي ٿو ”صوبائي حقن جو مسئلو مصنوعي طرح پيدا ڪيو ويو آهي اهو پوري پاڪستان جو مسئلو آهي، پاڪستان کي ڪو به خطرو ڪونهي. اِهي پنجاب کي دٻ ڏئي ضياءالحق وڏيڪ حڪومت ڪرڻ گهري ٿو!)“

مطلب ته سيئي رجعت پرست ڪوڙا، نالي ۾ ترقي پسند پنجاب سامراج جي ظلم ۽ قومي جبر کان انڪاري آهن. ته ٻئي پاسي پنجاب جو ظلم، تشدد جي صورت اختيار ڪندو وڃي، تنهن ڪري مرڪزي پارٽين اندر حاڪم قوم پنجاب ۽ مظلوم قومن جي ورڪرن ۽ ليڊرن، سميت سوچ ۾ قومي تضاد اڀري سامهون آيو آهي. ۱۹۸۳ع جي تحريڪ ۾ پنجاب جي ليڊرن ۽ ورڪرن ۽ عام ماڻهن جي سوچ الڳ ٿي بيٺي هئي ته سنڌ جي ليڊرن ۽ ورڪرن جي سوچ الڳ هئي.

جماعت اسلامي، جمعيت علماءِ پاڪستان، جمعيت علماءِ اسلام، تحريڪ استقلال، پيپلز پارٽي ۽ ٻيون پارٽيون هيون. سيني ۾ هڪ واضح لڪير ڇڪجي وئي. هنن سيني پارٽين جي سنڌ جي ليڊرن ۽ ورڪرن هڪڙا فيصلا ئي ڪيا ۽ بيان ئي ڏنا، ته وري پنجاب جي ليڊرن ۽ ورڪرن ان جي ابتڙ فيصلا ئي ڪيا ۽ بيان ئي ڏنا. مطلب ته قومي تضاد اڀريل رهيو (جيڪو ڏينهون ڏينهن شديد ٿيندو نيصلا ڪُن رخ ڏانهن وڌندڙ آهي).

اهو قومي ظلم جي شدت جو احساس ئي آهي جيڪو

مظلوم قوم جي ليڊرن ۽ ورڪرن ۾ ظاهر ٿي ٿو. هونئن به ڳالهه ظاهر پئي آهي ته پنجاب جي ظلمن ڪري سنڌين، بلوچن ۽ ٻين پر وارين قومن ۾ جيڪا نفرت پنجاب خلاف آهي، انهي ڪري پنجاب جي پڌي وڌيڪ مضبوط آهي، جيئن امريڪي قوم ريگن* جهڙي جنوني ايڪٽر پٺيان انڌي آهي؛ سيني کي اها ڳالهه سوچڻ سمجهڻ گهرجي ته پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ جيڪو ظلم بنگالين، سنڌين، بلوچن ۽ پٺاڻن سان ٿيو آهي، اهڙو ظلم ڪڏهن پنجابين سان به ٿيو آهي، جي نه ته پوءِ انهيءَ مان ثابت آهي ته اها حاڪم آهي. باقي آيرا سيرا نه ڳڻڻ جهڙا مثال ته امريڪي، فرانسيسي يا برطانيه ملڪن ۾ به ٿين ٿا جتي هنئين ڌاريندڙ طبقاتي معاشرو هوندو؛ اتي مظلوم قومن ۾ جهيڙا جهٽا به رهندا آهن، پر حاڪم قوم ۾ گهٽ، ڇو ته سندن پيٽ پريل هوندو آهي.

سنڌ جو قومي تضاد ايترو وڌي رهيو آهي جو پيپلز پارٽي به حصا ٿي وئي. سنڌين جو هڪ حصو ممتاز ڀٽي ۽ حفيظ پيرزادي جي قيادت ۾ بلوچ ۽ پٺاڻ قوم پرست ليڊرن سان گڏجي قومن جي برابري جي نئين فارمولي ڪنفيڊريشن جي ڳالهه پيا ڪن. جمعيت علماءِ اسلام به ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي آهي جنهن مان (مشهور عالم دين مرحوم محمد صادق کڏي واري جا معتقد

---

* آمريڪا جي ويٽنام ۾ شڪست ۽ ذلالت ڪانپوءِ وحشي ريگن جي چريائپ واريون دهشت پسند ڪاروايون جيڪي هن ايران لبنان، لبيا، السلواڊور، جنوبي آفريڪا، گريناڊا، افغانستان ۽ ٻين هنڌن تي جاري رکيون آهن. انهن ڪاروائين کي امريڪي ته جائز ۽ پنهنجي وقار ۽ عزت جي بحالي ۽ دنيا تي آمريڪا جي ڌاڪ ۽ برتري سمجهي ٿي، اهوئي سبب آهي جو چريائي ۽ فلمي ايڪٽر ريگن کي هو پنهنجو هيرو مڃي ٿي. (مصنف)

مولوي محمد اسماعيل، حافظ محمد صديق ۽ سنڌ جي ٻين علمائن جو حصو سنڌ جي قومي حقن ۽ آزاديءَ اجي ڳالهه ٿا ڪن.

صورتحال اها آهي جو سنڌ جو ڪو به ماڻهو ڪهڙي به پارٽيءَ سان واسطو رکندڙ هجي، پر توهان سائين ڳالهائي ڏسو ان جي اندر ۾ به پنجاب خلاف نفرتن جي باهه پئي ٻري. اِن صورتحال ۾ پليجي صاحب ڪي ڪرڻ ته اِهو کپندو هو جو سنڌي قوم جي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ قومي ٻڌيءَ جي حاصلات لاءِ پاڻ نڪري نروار ٿئي ها. سنڌي قوم جي وسيع تر "اتحاد خاطر" سائين جي ايم سيد، ممتاز علي ڀٽي ۽ بلوچ اڳواڻن سان گڏجي قومي جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ لاءِ عملي ڪم ڪري ها! پر افسوس پاڻ پنجابي قوم کي خوش ڪرڻ لاءِ پنجابي - پناهگيرن واري لائين تي سُس پُس مهم شروع ڪري، سنڌ جي قوم پرستن تي حملا ڪندو رهيو ۽ هاڻي ان کي حڪومت جو ايجنٽ چئي پاڻ ۽ پنهنجي ورڪرن کان حملا ڪرائي رهيو آهي. ۽ اِن سُس پُس واريءَ مهم لاءِ پاڻ لکي آيو آهي. "صبح ٿيندو" مان نڪرا:

"سنڌ جي ماڻهن پاڪستان ۽ اسلام جي نالي ۾ ساڻن ٿيل دوکي کي جڏهن ڪجهه دير تائين پروڙيو تڏهن ازخود منجهن سوچ ۽ چرپر پيدا ٿي. پنهنجي خاص حالتن موجب هنن انهي جي مقابلي ڪرڻ جي تحريڪ هلائي. نقلي ترقي پسندن انهي تحريڪ ۾ ڏڪيڙ وجهڻ جو ڪو به موقعو هٿان نه وڃايو. جي. ايم سيد جنهن کي سڀ کان پهرين لياقت علي خان جي آپي شاهي جو تجربو ٿي چڪو هو ۽ جنهن سڀ کان پهريائين اسلام ۽ مسلم ليگ جي نالي ۾ باهرين مداخلت ۽ دٻاءَ خلاف مقابلي ڪرڻ جي جرئت ڪئي. تنهن کي هڪ طرف سنڌ دشمن پريس، ليڊرن ۽ عام ماڻهن زهريلا ۽ ڪميڻا حملا ڪيا ۽ پنهنجي سرڪار ڪتنان ڪيس سزائون ڏياريون ته ٻئي طرف هنن نقلي ترقي پسندن

به رات ڏينهن سندس خلاف . سنُس پنُس جي شرير مهم هلائي. سنڌ جي سماجي شعور رکندڙ نوجوان طبقي کي ڪانئس بدظن ڪيو. اهڙي ريت پنهي طرفن کان سندس پر ڪاتيا ويا. مون کي ياد آهي ته جڏهن ڀهريون پيرو مارشل‌لا وارن حيدربخش جتوئي کي قيد ڪيو تڏهن نقلي ترقي پسندن جي سنُس پنُس جي مشينري حرڪت ۾ آئي هئي ۽ ماڻهن کي سيکارياٺون ته "جتوئي ته وڏيرن جي دلين گهتائڻ لاءِ جيل ويو آهي ۽ عيوضي به وڏيرن جو آهي!" ساڳئي طرح ٻين ڪارڪنن مان ڪن کي مُلون، ڪنهن کي رجعت پرست ۽ ڪنهن کي وهم پرست جا لقب عطا ڪري اندران ئي اندران سندن پاڙون ڪٽيون ويون. ايهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي پنهنجي تابع رکڻ لاءِ هرهڪ جي واريءَ سان پٺي ٺپري ويندي آهي ته "سچو ترقي پسند تون آهين، ٻيا هڙئي رجعت پرست آهن!"

وري جڏهن اهو سند مليل سنڌي ترقي‌پسند، سنڌ جي حقن جي حفاظت جي سوال تان ڪو اعتراض ڪندو آهي ته هڪدم ڪيس ثابت ڪري ڏيکاريو ويندو آهي ته "تون ترقي پسنديءَ جي سند لاءِ اسانجي رحم ڪرم جو محتاج آهين!". (صبح ٿيندو- ص ۸۲-۸۳)

پليجا صاحب! اکيون کول. اڄ قوم دشمن جون اخبارون رسالا ۽ سياسي چرپر قوم پرستن جي خلاف ڇا لکي ۽ ڳالهائي رهيون آهن. آخر انهن نالي ۾ ترقي پسندن کي ڇا ٿي ويو آهي جو سيني رجعت پسند پارٽين سان اتحاد لاءِ بنا شرط شروط جي تيار ٿيا آهن. باقي جيڪي ليڊر قومي حقن جي ڳالهه، تـا ڪن سي ٿيا جمهوريت جا دشمن! باقي ٻيا سڀ جاگيردار ۽ سرمائيدار جمهوريت جا رکوالا، جمهوريت جا ليڊر—! ٻيلي ڏج خدا ڪان! حاڪم قوم جون سڀ اخبارون ۽ سڀ دانشور، مظلوم

قوم جي اڳواڻ جي ايم سيد جي پنيان ڪاهي پيا آهن. ڪي چون ته ملڪ دشمن آهي، ڪي چون ته عوام دشمن آهي ــــ! اهي سڀئي هڪ آواز ڇو آهن ـــ؟ (بقول 'ماڻو' ته "جڏهن

دشمن اوهانجي منهن تي دانگي ملي ته سمجهو ته اوهان ڪو چڱو ڪم ڪيو آهي. جيڪڏهن دشمن ساراهه ڪري ته سمجهو ته اوهان ڪو غلط ڪم ڪيو آهي")

اهي جملا تو کي ڪيترو چرڪائين ٿا؛ تون ته ماڻوزيتنگ جو پوڄاري رهيو آهين!) ته وارو ڪريو؛ جي ايم سيد کي ڦاهي چاڙهيو نه ته ملڪ جو خانو خراب ٿي ويندو. جمهوريت ۾ اصل رڪاوٽ بنيل ٿي جي ايم سيد آهي؛ اهو نه هجي ها ته هيستائين اصل شيئهن ٻڪري گڏجي پيا هڪڙي ٽڙ تان پاڻي پين ها.

نام نهاد نقلي ترقي پسند پنجابي - پناهگير ۽ سندن سنڌي طوطن کي ڪانار ۾ اهڙو مزو اچي ويو آهي جنو هو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٻڪڙي پيا آهن ته جيئن سنڌين ۾ وڌندڙ قومي حقن جي لهر ۽ جي ايم سيد جي لاءِ همدردين جي طوفان کي روڪين. جي ايم سيد کي سنڌ جي ماڻهن ۾ بدنام ڪن؛ ان لاءِ جتي ڪٿي "تين تين" پئي پوين ۽ سنڌي ماڻهن کي ٻڌائيندا پيا وتن ته جي ايم سيد رجعت پرست وڏيرو اٿو ؛ مارشل لا ۽ ۽ آمريڪا جو يار اٿو؛ جمهوريت جو دشمن اٿو ـــ!!!

مطلب ته وڻ گهوڙو ٻڌڻ ڪين ٿا ڏين. اهڙا ڪي سندن آقاڻن ڪان اشارا مليا اٿن، جو جي ايم سيد جي پويان هٿ ڌوئي اچي پيا آهن. ڇاڪ سنڌ جو وڏو نقصان سيد ڪري رهيو آهي؛ باقي جيڪي هٿ ٻڌيو پنجاب جي اڳيان جي حضوري، نُور نُور ڪري رهيا آهن ؛ آهي ـــ ڇاڪ سنڌ جي حقن جي ٻالهه پيا ڪن. ۽ هاڻي ته هنن ۾ پيو به اضافو ٿيو آهي. جو اسانجو پليجو صاحب به پنهنجي پوئلڳن سميت هنن جي ڄار ۾ اچي ڦاٿو آهي؛ سو پنهنجون سموريون صلاحيتون جي ايم سيد

خلاف استعمال پيو ڪري، تحريرن ۽ تقريرن ۾ جئي سنڌ، جي ايم سيد کي بدنام ڪرڻ لاءِ ٻين سڀني کان اڳيرو آهي___!

مطلب ته سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن ۾ قومي حقن حاصل ڪرڻ جي سڄي جي وڌندڙ تيز طوفان کي روڪڻ لاءِ سڀني گڏجي سنڌ جي قوم پرستن خلاف هاءِ گهوڙا شروع ڪئي آهي.

نالي ۾ ترقي پسندن کي موجوده وقت ۾ جي ايم سيد ڏي رجعت پسند، وڏيرو، آمريڪا نواز، مارشل لا جو يار ۽ جمهوريت جو دشمن نظر اچي ٿو، باقي پيپلز پارٽي، تحريڪ استقلال، مسلم ليگ خيرالدين گروپ، مسلم ليگ ملڪ قاسم گروپ، جمعيت علماءِ اسلام، جمعيت علماءِ پاڪستان ۽ ٻين پارٽيون، جن ۾ خيرن سان سيئي بدنام زمانه رٽائرڊ جرنل، ڪرنل ميجر سرڙا، سي آءِ ڊي جا رٽائر پوليس آفيسر، سول بيوروڪريٽس، وڏيرا، چوڌري، جاگيردار، ملان ۽ پير! مطلب ته ذات شريف اچي گڏيا آهن. اِهي سيئي اعتدال پسند، لبرل ترقي پسند، آمريڪا دشمن ۽ جمهوريت دوست نظر تا اچن. "آنڌن جا واهي ڪدڙ" ۽ اسانجي سڀني نالي ۾ ترقي پسندن وچي (انقلاب کي اڳيرو ڪرڻ لاءِ) انهن جماعتن ۽ ليڊرن، جو سهارو ورتو آهي. هرڪو سنڌي ماڻهو سوچي ٿو ته متيون سيئي رجعت پرست پارٽيون انهن جا شاهوڪار ۽ ڪڙينگ ليڊر، نالي ۾ ترقي پسند پنجابي- پناهگيرن جون جماعتون، اخبارون، رسالا، دانشور، ڪالم نويس، انهن جا سيڪاريل ۽ تاتيل سنڌي ورڪر، حڪمران ٽولا، انهن سڀني جي لکڻين، بيانن، تقريرن ۽ حملن جو شڪار فقط جي ايم سيد ڇو آهي___؟

ان جو جواب ٻڌرو آهي ته سنڌي ماڻهن ۾ ايرندڙ قومي شعور جو رخ جي ايم سيد جي ڏسيل راهه طرف اڳتي وڌي رهيو آهي، تنهن ڪري ان کي روڪڻ لاءِ ئي هيڏي ساري ڇتي ٽولڊ سيد جي پويان ڪاهي پئي آهي. سنڌي ماڻهو محسوس ڪن تا

تہ جي ايم سيد سنڌ جو اهو واحد سياستدان آهي جنهن سنڌ جي بنڌڪيت ۽ غلامي واري صورتحال کي پهرين سنڌ ۾ محسوس ڪيو ۽ ان جي ڇوٽڪاري ۽ آزادي جو حل پيش ڪيو. هي سنڌ جو اڪيلو سياستدان آهي جنهن علي الاعلان پاڪستان ٺاهڻ واري غلطي کي تسليم ڪيو ۽ سنڌ جي جداگانہ حيثيت جي ڳهر ڪئي. سنڌي قوم جي غلامي ۽ حق تلفين خلاف احتجاج ڪندي پنجابي قوم جي حاڪميت ۽ نوآبادڪاري کي کلي طرح چئلينج ڪيو ۽ سنڌي قوم جي انهن قومي ڳهرن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ مقالا ۽ ڪتاب لکي جلسا ۽ ڪانفرنسون ڪرائي تقريرون ڪري سنڌي قوم کي منظم ڪري جدوجهد جي شڪل ۾ آندو. هن مذهبي ڪٽرپڻي ۽ پاڪستاني قوم جي فلسفي، ان جي ايجاد ڪندڙ نام نهاد ڪردارن کي بي نقاب ڪيو ۽ انهن جي انگريز سامراج جي دلال پڻي واري ڪردار کان سنڌي قوم ۽ ٻين مظلوم قومن کي واقف ڪيو! اِهي ڳالهيون اهڙيون تہ (حڪمران ٽولي جي حساب سان) موتمار ۽ خطرناڪ آهن جو اڄ ڏينهن تائين سنڌ جو ڪو بہ وڏيرو يا تنڌيرو تہ نهيو پر پاڻ کي انقلابي سڏائيندڙ بہ قومي حق کي اهڙي طرح عوام اڳيان نتو رکي جهڙي طرح جي ايم سيد رکيو آهي.

پليجو صاحب اڄ سنڌ جي تاريخي تسلسل کان منهن موڙڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ۽ سنڌي قوم کي پنهنجي تاريخ وسارڻ جا ڏس ٿو ڏي، پاڻ لکيو اٿس تہ:-

> "سڄي قوم جي گڏيل ڳهرن کي اسين قومي جدوجهد جا اقتصادي، سياسي ۽ ثقافتي مقصد يا ٿورن لفظن ۾ قومي مقصد سڏي سگهون ٿا. انهن قومي مقصدن کي اسين ٻن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا. هڪڙا فوري مقصد جيڪي موجوده حالتن ۾ اسين پنهنجي موجوده وسيلن سان حاصل ڪري سگهون، ٻيا آهي آئيندي جنا مقصد.

جن کي اسين اڄ حاصل ڪري نٿا سگهون، پــر سياڻي ڪري سگهنداسين.

اهي اينڌڙ مقصد به تڏهن حاصل ٿي سگهندا جڏهن اسان قوم کي اڄ ۽ هينئر کان ئي انهن کان واقف ڪريون ۽ انهن لاءِ هينئر ئي ذهني ۽ ٻئي قسم جي تياري ڪري اينڌڙ جدوجهد لاءِ رستا ۽ ميدان تيار ڪريون."

(صبح ٿيندو. ص ٣٢)

اڄ پاڻ اهي اقتصادي، سياسي، ثقافتــي نوري مقصد وارا حق، فقط ١٩٧٣ع جو آئين ۽ نام نهاد جمهوريت سمجهيا اٿس ۽ اينڌڙ مقصدن ۾ اقتدار جــي لاءِ رستو صاف ڪري ڪرسي تــي پهچڻ لاءِ پيو واجهائي؛ جڏهن ته سنڌ ۾ سنڌ جي آزادي ۽ خود مختياريءَ جــي اصل مقصد لاءِ پنهنجي ورڪرن وانان سچي سنڌ ۾ اها مهم شروع ڪرائي آزادي ۽ خودمختياريءَ جي گهر ڪري جي ايم سيد سنڌي قوم کي مارائڻ* جي ڳالهه ڏيو ڪريءَ آخــر

* قومي جماعتن جا سربراه جيڪي تشدد کان ڊڄي اِهو سوچين ٿا ته سامراجي طاقت اسان سيڻي کــي تباهه ڪري ڇڏيندي؛ اهي غلطيءَ تي آهن. هي سچ آهي ته "تين جي سپاهين" جو کيل ڏيکاريندي رهندي، جيڪو غلام ملڪ جي فتح جي وقت کان ٿي رهيو آهي؛ ليڪن سرمائي جي طاقت سگهوئي انهن کي حقيقت کان واقف ڪري ڇــڏيندي. اِهوئــي سبب آهي جو معقوليت پسند قومي سياسي جماعتن کي جهو ويندو آهي ته اهي پنهنجا مطالبا نهايت چڱي نموني سان پيش ڪن، ۽ غيرملڪي قوتن سان پڙسڪون انداز ۾ جذباتي ٿيڻ کانسواءِ مسئلن جو حل ڳولين جيڪو ٻنهي لاءِ فائديمند هجي.
اسان ڏسون ٿا ته اها قومي اصلاحي ذهنيت جيڪا گهڻو نقلي ترين يونين وانگر نظر ايندي آهي؛ جڏهن ڪم ڪندي ڪامياب (باقي حاشيه صفحه ١١١ تي)

پنجاب جي هيڏي ساري قوت سان جن وٽ پارهن لک مسلح فوج، F.16 بمبار ۽ ٻيا هٿيار آهن تن سان ڪيئن منهن ڏئي سگهندا، مطلب ته سنڌ لاءِ هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ غلامي کي هميشه قبول ڪرڻ واري لائين آهي. يعني (Capitication) واري لائين آهي. (اهڙا ڳالهه سنڌ ۾ سنڌ جي قومي دٻاءُ کي ٿڏو ڪرڻ لاءِ پيپلز پارٽي به ڪري رهي آهي! ورڪر چون ٿا مات ڪريو، پنجاب رڳو بي بي بينظير کي وزير اعظم ڪري، پوءِ پنجاب کان سڀ پلاند ماري وٺنداسون، پر هونئن ته هو ڏاڍا آهن ڪٿي وڙهي سگهنداسون!؟ هن ڪان اهڙا ڳالهه وسريو وڃي ته پٺو وزير اعظم هو جنهن کي ان ڪرسيءَ تان ڪڍي ٻاهران ٻاهران ڦاسيءَ تي لٽڪائي ڇڏيائون ۽ سنڌس وزارت عظميٰ ۽ سنڌي ماڻهو رڳو اڙي ڪري رهجي ويا) ڇا اهڙو قومي جدوجهد لاءِ اهڙن رستو هموار ڪيو آهي؟

اهو ته وڏو ڏيپ ڏئي سنڌي قوم کي مايوس ڪري ڇڏيو

(هلندڙ حاشيه صفحه ۱۱ جو)

نه ٿيندي آهي ته هميشه انتهائي پُرامن صورت اختيار ڪندي آهي. (پيپلز پارٽي ۽ عوامي نيشنل پارٽيءَ جي سٺين ساٿ ڳوٺي لائين آهي) مثال طور شهر جي ڪجهه ملن ۾ ڪم بند ڪرائڻ، رهنمائن جي راضپي لاءِ عوامي مظاهرا ڪرائڻ، بسن يا ٻاهران آيل مال جو بائڪاٽ ڪرائڻ وغيره اهڙيءَ قسم جون تحريڪون هڪ ئي وقت تي ۽ ڪم ڪنديون آهن، سامراجي طاقت تي دٻاءُ به وجهنديون آهن ۽ ماڻهن کي پنهنجي طاقت آزمائي جو موقعو به ڏينديون آهن. بيهوشيءَ جي دوائي اهو فوج نئي جي سزيءَ عذاب جي علاج جو هي طريقو ڪڏهن ڪڏهن ڪامياب به ٿي ويندو آهي. پوءِ بحمل سان سينگاريل ميز جي ڪانفرنس جو نتيجو اهي سياسي ڇوٽڪارا هوندا آهن.
(وڏيڪ پڙهو فرانزفينن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو "مٽيءَ جا ڌڻي"
ص ۸۳-۸۴ عبدالواحد آريسر)

۾ ويهاري قومي جدوجهد تان هٽ ڪٽائڻ جو آسان طريقو آهي.
اسان وٽ مکي تضاد ڪهڙو آهي؟

"ڪوڙو ڏونڪفر سين، ڪافر ۾ ڪوناهه"

مکيه تضاد:- "پاڪستان جي ماڻهن مجهه ڪيترائي تضاد ۽ ٽڪر آهن: پر سڀ کان وڏو تضاد پاڪستان جي مظلوم قومن سنڌين، بلوچن، پٺاڻن ۽ ظالم قوميتن يعني پنجابين ۽ پناهگيرن جي وچ ۾ آهي. اهو اڄوڪي پاڪستان جو بنيادي ۽ مکيه تضاد ۽ مکيه ٽڪر آهي. جيستائين اهو تضاد حل نه ٿيو آهي تيستائين حڪومت ايوب جي هجي يا يحيٰ جي، ڀُٽي علي جي هجي يا غلام محمد جي، ڪهڙي جي هجي يا ٻئي جي، جماعت اسلامي جي هجي يا ڪنوينشن مسلم ليگ جي: اها ڀاڻ ڪي بنيادي جمهوريت سڏائي يا اسلامي سوشلسٽ، ڳالهه ذري گهٽ ساڳي رهندي."

(ڪتاب صبح ٿيندو. ص۶۳، مصنف رسول بخش پليجو)

ڪيڏي نه ڀلي ڳالهه آهي! پر ڇا اڄ ۱۹۸۶ع ۾ اهو قومي تضاد مکيه ٽڪر پليجي صاحب جي خيال ۾ تبديل ٿي ويو آهي؟ (اسين سمجهون ٿا ته اهو تضاد وڌيڪ شديد ٿيو آهي!)

۽ هينئر سنڌس خيال ۾ ۱۹۷۳ع جي آئين تحت بنيادي جمهوريت جي اشد ضرورت ٿي پئي آهي ـــ! اسين به سنڌس ئي چيل لفظ دهرايون ٿا: "ضياءالحق جي حڪومت هجي يا جوڻيجي جي، بينظيرجي هجي يا جنرل ٽڪا خان جي، رسول بخش پليجي جي هجي يا ولي خان جي: اها ڀاڻ ڪي قومي جمهوريت چورائي يا عوامي جمهوريت: آهن "ساڳيا ٽڪر ساڳ سان!" ڳالهه ذري گهٽ ساڳي آهي. ۽ جڏهن اسين اها ساڳوڻي ڳالهه ٿا ڪيون ته هڪدم فتوائون صادر ٿيو وڃن ته ميان ڏسو هي ضياءَ جا حمايتي اٿو. اصل هي چاهين ٿا ته ملڪ ۾ مارشل لا هجي ۽ ضيا ويٺو رهي. بابا اسان چئون ٿا ته ضيا اڄ وڃي سڀاڻي

پيو ڏينهن ٿي! پر اسين ان سان گڏ سنڌي قوم کي اهو به ٿا ساڻيون ” اڌي مٿي ادا ڇاڏوءِ نمان اوڏري جا اوڏرا!“ ته اصل مرض قومي حقن جي ڇوٽڪاري لاءِ جدوجهد ڪريو. باقي ضياءَ ويندو پيو ايندو؛ چاليهه سالن کان اهو سلسلو جاري آهي. ۽ اسان سنڌين کي هر دور ۾ ڏيهيون ڇهتائي انهنجون مال ملڪيتون ڏاريئ ڏري ويا. ڪنهن به حاڪم انهن تي ٻـڙڪ ڪانه ڪئي. سيئي حاڪم قوم پنجاب کي خوش ڪندي، اقتدار هلائيندا، پنهنجو وارو وڃائي ويا. اڄ سنڌي قوم لاءِ جيڪو قـومي غلامي جـو خطرو پيدا ٿيو آهي، سو هن کان اڳ هزارن سالن جي تاريخ ۾ ڪڏهن به اهڙو خطرو درپيش نه آيو هو.

نمبر ٻي ڳالهه ته سنڌ ۾ عام ماڻهن کي اهو تاثر ڏنو پيو وڃي ته ضياءَالحق کي جـتي هيستائين جي ايم سيد ۽ اسان گاديءَ تي ويهاريو ويٺا آهيون! اڙي ٻياءُ جيڪڏهن هڪ شخص جي اهميت آهي ته پوءِ ضياءَ کي شخصي طرح ڪماندر ته ٻئي ناهيو ۽ نه جي ايم سيد. حالانڪ ضياءَالحق کي ته پنجاب جي قوت ويهاريو ويٺي آهي. اهي جڏهن به ڪيس لاهيندا ته پوءِ هو اڪيلو پنهنجي مرضي تي هڪ ڏينهن به ويهي نٿـو سگهي. اڪيلو ماڻهون پنهنجو ڏهن ٻانهن جو گهر به نٿو هلائي سگهي. پر اسانجي ماڻهن کي ٻڌايو پيو وڃي ته بس ڇڻ اڪيلو ضياءُ الحق ڪا جادوئي ڇڙي ڪٽيو سڄي ملڪ تي ويٺو راڄ ڪري؛ پر ائين ڪونهي. ڪيس سنڌس گهر جي ٻانهن سنجاب وارن جو هڪ ڏينهن به تعاون نه ملي تـه ڪرهو ڪنن ۾ آڱريون وجهي رڙهون ڪري رات وچ ۾ ڀڄي وڃي. ان ڪري اڪيلو ضياءالحق نه؛ پر پورو پنجاب اسان تي مارشل لا لڳايو ويٺو آهي.

ان بحث متعلق اسان پليجي صاحب جي هـيءُ لکت پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪيون ٿا:

آريہ قوم جا دراوڙ قوم تي ظلم، منگولن جو سڄي دنيا ۾ قتل عــــام

”ظالم قوم جو ٻچو ٻچو پاڻ کي مظلوم قــوم کان اوچو ۽ اعليٰ سمجهڻ لڳي ٿو، پنهنجي قوم جي فائدن کي مظلوم قوم جي فائدن کان برتر سمجهي ٿو. سواءِ ڪن آگرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن جي، ٻيا سڀ شعوري يا لاشعوري طور، سنڌي يا اڻ سنڌي طرح مظلوم قوم کي ڦيڙهڻ ۽ ستائڻ ۾ حصو وٺــن ٿا ۽ ان جو عيوضو ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ حاصل ڪن ٿا. مثال طور سنڌي قوم جي زمين ڦٻائــڻ ۾ رڳــو وڏن پنجابي - مهاجر سرمائيدارن ، ڪامورن حصو نہ ورتو آهي، پر هر ننڍو وڏو، غريب ۽ شاهوڪار اردو باز پنهنجي توفيق آهر ڪوڙا ڪليم ڀرائي يا ڪٽتون ڪٽيو، پرايو مال ڦٻائي چڪو آهي ۽ اڃــان ڦٻائي پيو. غريب تــوڙي شاهوڪار پنجابي ۽ اردو باز پهچ آهر سنڌ جي نوڪرين تي ڌاڙو هڻي ٿو. سنڌن ٻچي ٻچي ون يونٽ جي ساراهہ جا ڍڪ پريا ٿي. سڀڪو پاڻ کي اسلامي خلافت جــو وارث ۽ سنڌين کــي جاهل ۽ گهٽ درجي جي قوم سمجهڻ ٿــو، اخبارون پڙهــي ڏسو، رسالا پڙهي ڏسو تہ هر پنجابي ۽ اردو باز اردوءَ کي خدا جي خلتيل ۽ آب ڪوثر ۾ ومنجاريل، ملائڪن جي زبان ۽ سنڌيءَ کي ڀهراڙيءَ جي، جاهلن جي، جاهل ۽ جهنگلي ٻولي سمجهي ٿــو. غريب کان غريب، حقير کان حقير، مظلوم کان مظلوم پنجابي ۽ مهاجر پاڻ کي پاڪستان جو اصلي خالق ۽ وارث سمجهي ٿو، ۽ سنــڌ تي قبضو قدرت جي عين مرضيءَ موجب جائز ۽ لازمي سمجهي ٿو!!!

ڪي نام نهاد ترقي پسند نالي ماتر ڳالهہ مڃين ٿا، پر پوءِ وري ڦيڙتي ڪاڻين ٿا، چي ” انهي ۾ اسانجي عوام جو ڏوهہ ڪونهي سڄو قصور زميداري ۽ سرمائيداري نظام جــو آهي. جڏهن عــوام ہڏي ڪري حڪومت جو نظام بدلائيندا، تڏهن اهو مسئلو ازخود حل ٿي ويندو. تيستائين هرگز نہ ٿيندو.“

اها ڳالهه اِئين آهي جيئن ڪو ويتنام جي ماڻهن ڪسي سهڻي صلاح ڏئي ته ”بابا اوهين ڏکڻ ويتنام حي ڇاڙتا فوجن جي حملن جو مقابلو نه ڪريو، اهي ته اوهان جا پنهنجا آهن: اوهان جهڙا ئي مظلوم آهن، ويچارا آمريڪي پگهار حلال ڪرڻ لاءِ لاچار ڪئيو اوهان جا ڳوٺ ساڙين، اوهانجي گهرن ڪسي باهيون ڏين: اوهان جي ٻارن ٻچن جا ڪوس ڪن ۽ اوهان سان جيڪو ملين تنهن کي آبتو تنگي لتڪائين، پگهار جي مجبوري نه هجين ها نه ائين ڇو ڪن؟ هنن مسڪينن کي ڇڏي ڏيو ته پنهنجي پگهار حلال ڪري، ٻچن جو پيٽ قوت پيا ڪن. انهن جي گلا به نه ڪريو، سندن نالو ئي نه وٺو: نڪسن اها ڳالهه چاهي ٿو ته اوهين ڇاڙتا فوج جا دشمن ٿيو ۽ ان جو مقابلو ڪري پاڻ ۾ وڙهي مرو. تنهن ڪري نڪسن کي خوش نه ڪريو. پيا سڙو مرو، پچو، ڀڙڪ به ٻاهر متان ڪيو: نه. ته ويتنامي عوام ۾ قوت پئجي ويندي، نڪسن خوش ٿيندو!“

اسانجي هنن نام نهاد ترقي پسند ۽ خودساخته عوام دوستن جي مرضي آهي ته جي ڪنهن سنڌيءَ ڪان ڪو پنجابي يا پناهگير زمين کسي، کيس بيدخل ڪري ڇڏي. جيڪڏهن ڪو وڏو پنجابي يا پناهگير عالم فاضل انگريزيءَ کي ڪيڏڻ جي بهاني اردوءَ کي زوريءَ سڙهڻ جون بچون ڪري، پنجابي - پناهگير ڪامورا سنڌين سان يهودين وارا ظلم ڪن، ته سنڌين کي ڪپي ته بدمعاشن کي اکر به نه چون: انهن جي شڪايت ئي نه ڪن. ۽ اهو زمانو اچي ته سنڌ دشمنن جي دلين ۾ ڦيرو اچي ۽ هو سنڌين کي انسان سمجهڻ شروع ڪن ـــ!!

ڇا هن قسم جي ڏتن ۽ ملان مودودي جي بهانن ۾ ڪو به فرق آهي؟ ملو مودودي به ته اِها ڳالهه ٿو ڪري ته هڪڙي مسلمان قوم ٻي کي ڦري ته پرواهه ناهي: تيستائين مات ڪري ويهو جيسين آڏون اسلامي خليفو ٿيان: پوءِ ڏسجو منهنجا ڪم. اوهين خدا تي رکي، وڃي ويهي رهو، هاڻ ڪچندا ته ڪافر ٿيندا!“

اهڙيءَ ريت ٻي پنجابي پناهگير ترقي پسند پنهنجي قوم جي ظلمن تي پردي وجهڻ لاءِ، نهايت نڪ جي ڏاڍائي سان، سنڌين کي زميندارين، سرمائيداري نظام ڏانهن منهن ڏيندا آهن ته ”وڃي ان سان صفائي ڪريو، اسانجي ماٿهن جو ڏوهه ڪونهي؟
(صبح ٿيندو- صفحه ٦٧ کان ١٠ تائين)
مصنف رسول بخش پليجو

پليجي جو متي بحث ثابت ٿو ڪري ته ”سڄي قوم ظالم ٿيندي آهي“ هاڻي جڏهن ثابت آهي ته سڄي پنجابي قوم ٿي ظلم ڪري ته پوءِ سنڌ واسين کي هيئنر ڪيئن ٿو پليجو صاحب اها لائين وٺرائي ته، وارو ڪريو ضياءَ کي لاهيو؛ پوءِ بينظير اچي يا ولي خان، پوءِ بيڙا پار ٿي ويندا. بي ڳالهه ته جڏهن پنجابي - پناهگير، جاگيردار ۽ سرمائيدار کان وٺي پنجابي پناهگير هاري مزدور به پنهنجي متين ٽولن سان گڏجي سنڌي قوم جي ڦرلٽ ڪري ٿو ۽ پنهنجي حڪمران ٽولن سان ساٿ ۾ آهي ! ته پوءِ هاڻ پليجو صاحب اِن پنهنجي ڳالهين ذريعي ڪيئن سنڌي قوم کي هڙ حاصل ٿو ڪري ڏئي !؟ اهو ته ائين ٿيو ته زميندار ۽ سرمائيدار نظام کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪو چوي ته ”اچو انهن سان ڳالهيون ٻولهيون ڪريو، ڪڏهن تنظيم ناهي ڪين سمجهائي راهه راست تي آڻيون ۽ ڪين ايلاز منتون ڪري ڏيپ ڏياري چئون ته مهرباني ڪريو؛ هارين ۽ مزدورن تي ظلم نه ڪريو؛ نه ته اهي توهان سان وڙهي توهانجي پاڙ پٽي ڇڏيندا ! زميندار ۽ سرمائيدار اها سهڻي صلاح قبول ڪري وٺندا ته واقعي ايڏو ظلم نيڪ نه آهي؛ هرويرو ڏچو ٿيندو! سو زميندار هارين کي چوندا، ڀلا اسان هاڻي ڳالهه سمجهيا آهيون؛ هرڪو ڀرڀوال آهي؛ خدا خبر ناهي ته ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي آهي ؛ خدا ڏاڍي سرڪار آهي، حتي ٽوراڙا ٽڙندا، هرڪنهن کي پنهنجي ڏوهن گناهن جا ڪتابچه هٿن ۾ هوندا، اسان کي به مري جواب ڏيڻو آهي؛ سو اسان ظلم تان

هٿ ۾ ڪٿون، هي زمينون، باغ باغيچا هاڻي توهانجي ملڪ آهن؛ بس "جيڪو ڪيڙي، سو کاڻي!" اسان ٻئي وغيره ڪجهه نه ونداسون ـــــ!"

اهڙي طرح سرمائيدار به پنهنجي ڪروڙين رپين جي ڪارخانن تان دستبردار ٿي ۽ ڪارخانا مزدورن جي حوالي ڪري ڇڏيندا. سو پليجو به چوي ٿو ته پنجاب وارن سان گڏجي انهن کي سمجهائي، تڏو ڪري سنڌي قوم جو ٻيو ڏئي ٿو ڪم ڪيان؛ ته ادا مهرباني ڪريو، سنڌي قوم سان سولا ٿي هلو؛ جي نه ته پوءِ سنڌي سڀ توهانجي خلاف آٿي ڪڙا ٿيندا. ۽ پليجي صاحب جي ان تبليغ ۽ ويچارڻ تي آهسته آهسته ڪري اربين روپين جون عمارتون، ڪارخانــا ۽ لکها ايڪڙ سنڌ جــي قبائلي زرخيز زمين سنڌين جي حوالي ڪري لکن جي تعداد ۾ پنهنجا ماڻهو وٺي سنڌ خالي ڪري هليا ويندا؛ ۽ هي قومي جبر جـــي اونداهي رات، روشن صبح ۾ تبديل ٿي ويندي ۽ قومي تضاد حـــل ٿي ويندو! اهڙا انقلابي آثار شايد پليجو صاحب هاڻـــي ڏسي پيو ۽. تاريخ ۾ پاڻ هي نئون نرالو سائنسي سوشلزم جو واڌارو پيو ڪريـــــ!!!

پليجي صاحب جي انهن ورن وڪڙن ڳهٽن ۽ گوهين جي ڪري ويچارن ورڪرن ۾ جيڪي مونجهارا پيدا ٿيا آهن تن کي ختم ڪرڻ لاءِ انهن کي سمجهايو پيو وڃي؛ بابا پليجو صاحب ٿوروئي پنجاب وٽ پيش پيو آهي؛ جس آهي هن ذهني جي ڏاتر ۽ ڏاهپ کي جو پنجابين کي نيٺ پنهنجي ڳالهه سمجهائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي ۽ پنجاب ٿي سنڌ جون ڳالهيون قبول ڪيون آهن.

۱۹۷۳ع ۾ پليجي صاحب پنجابي - پناهگيرن جـــي موقع پرستيءَ تي لکيو هو؛

"مارڪس، لينن، اسٽالن ۽ ماؤزيتنگ جي اصولن تي هلڻ جي دعويٰ ڪرڻ وارن جو اهو فرض هو ته هو پنجاب ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌ ۽ ٻين مظلوم قوميتن جي حقن جي حمايت

۾ جدوجهد هلائين ها. لاهور ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌين پنهنجي ۽ سنڌي قوميت جي حقن غصب ٿيڻ خلاف مظاهرا ڪرائيندا آهن ها. لکين انصاف پسند مهاجر ۽ پنجابي رهبر، ڪارڪن مزدور ۽ عوام مطالبو ڪن ها ته سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ قومن کي ون يونٽ جي زنجيرن مان آزاد ڪيو وڃي. لائلپور، راولپنڊي، سيالڪوٽ ۽ ڪراچيءَ جا ترقي پسند اعلان ڪن ها ته اسانجون قومون ظلم ٿيون ڪن! پسوءِ سڀجي ها ته برابر پنجابي ۽ مهاجر ترقي پسند، واقعي ترقي پسند مارڪسي اصولن جا علمبردار آهن، لينزجا سچي پيرو آهن استالن ۽ مائوزيتنگ جا سچا مبلغ".

(صبح ٿيندي ص ۸۰-۸۱)

اڄ جي تاريخ ڇڏيو، پر ۱۹۷۳ کان وٺي هن دور تائين ڪهڙي قومي مسئلي تي پنجابي - پناهگير مظلوم قومن سان ساٿ ۾ بيٺا آهن ۽ جدوجهد هلائي اٿن. بلوچن جي قتل عام تي يا بلوچن ۽ پٺاڻن جون حڪومتون ڊهڻ تي يا سرحد حڪومت ڊهڻ تي يا ان جي ڦاسيءَ ڪائڻ تي. ۱۹۸۳ع جي سنڌي ماڻهن جي قتل عام تي يا سنڌ ۾ نوآبادڪاري نوڪرين ۽ ٻين قومي مسئلن تي جدوجهد هلائي مظاهرا ۽ جلسا جلوس ڪري مظلوم قومن سان اتحاد ۽ انصاف جو مظاهرو ڪيو اٿن. جنهن جو پلیجو صاحب هڪڙو به مثال ڏئي وڏي فخر سان پنهنجي ورڪرن کي سمجهائي ته ڏسو نه مون واري تنقيد نيٺ هٿي وڃي هند ڪيو ۽ اها ڳالهه پنجابين - پناهگيرن قبول ڪندي ان جو عملي مظاهرو ڪري ڏيکاريو آهي. ان ڪري آئون پنجابي - پناهگيرن جي مفادن جي رکواليءَ جي سازش ڪري انهن جي مقصدن لاءِ استعمال ڪجڻ پيو ٿيان؛ پر هو اڳتي وڌي آيا آهن!

اصل صورتحال ته ان جي بلڪل اُبتڙ آهي، باقي سادن ۽ ابوجهه ورڪرن کي آخر ڪميستائين اونداهيءَ ۾ رکندا ۽ اهي

ڳالهيون ٻڌائيندا ته پنجاب ٻڃي اڃي ڀليڃي جو پاسو ورتو اٿس. جڏهن ته سچ هيءَ آهي ته پنجاب جي طاقت ۽ بالا دستي متعلق، ان جي خواهش ۽ مرضيءَ تي حڪومتون ۽ چهرا تبديل ٿين متعلق سنڌ ۾ مال جو ڏنار به بچن تي اهو ٻڌائيندو ته ادا پنجاب جيئن چاهي تيئن ٿيندو.

پاڪستان جي چاليهه سالن جي تاريخ به اهو ٻڌائي ٿي ته پنجاب هر دور ۾ پنهنجي مفادن وٽان حڪمت عملي جوڙي، ڪڏهن مارشل لا لڳائي پنهنجي بالا دستي قائم رکي آهي ته ڪڏهن ڪنوينشن ليگ ڪڏهن پ پ، ته ڪڏهن مسلم ليگ جي نالي ۾ پنهنجن مسن جون مرادون پوريون ڪيون آهن ۽ پنهنجي پسند جي جمهوريت جو ڍونگ رچايو اٿس. اسان جي سنڌ جا اقتدار ماڻڻ واري خواهش رکندڙ سنوان سڌا وڏيرا ۽ ٻيا نقلي نالي جا انقلابي وڏيرا پنجاب کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجي قوم جي پٺيءَ ۾ خنجر هڻي سنڌ جي قومي حقن تان هٿ کڻي، سنڌي قوم تي ٿيندڙ دشمن جي حملن ۽ ڦرلٽن کان اکيون ٻوٽي پنجاب کي پنهنجي هوشيارين ۽ حرام پڻ جا طرح طرح جا ترڪتال ۽ تماشا ڏيکاريندا آهن. سنڌ جي هنن غدارن جي ٻڌڻي لائين پنجاب جي اڄ-اڻا اقتدار واري درگاهه جي در تي نظر کپايو ويٺي هوندي آهي ته ڪڏهن تو ان درگاهه جي دربان "جي- ايچ- ڪيو" جو پير راضي ٿي رحم جي نظر ڪري ڪو اقتدار وارو سٽيو ٽڪر اڇلائي ڏئي. پوءِ اهو جنرل هيڊڪوارٽر تي چڏيل آهي ته هو ان اقتدار جي انتظار ۾ واجهائيندڙ غلامن جي لائين مان ڪنهن کي پڇڪاري ۽ چپٽي وڄائي اشارو ڪري پاڻ ڏانهن ٿو گهرائي ۽ ٻين کي اڃان انتظار جون گهڙيون گذارڻ جي آسري ۾ اميدوار ٿو رکي. اها ئي ڳالهه آهي ته هيءَ سنڌي چوڻي موجب "نالو وڏو ڳوٺ سڃو" ننڍو الي ۾ نهال هوندا آهن. اصل طاقت ۽ فيصلن جو اختيار وري به پنجاب وٽ ئي هوندو آهي. هيءَ غلام قوم جا ڳڏا رکيو ڏيکارڻ

حون ٭ورتيون هونديون. آهن، ٻا سرگس جا شينهن جيڪي ڇهبڪ
جي ٽڪاءَ تي چار ٽي پير اسٽول تي رکيو بيٺا هوندا آهن، هنن
کي وقت تي گوشت ملندو آهي جهنڊي واري ڪارا هو اِن
هڪ شين ۾ خوش هوندا آهن باقي وڌيڪ ڪجهه ڪين ڪري
سگهندا آهن.

هنن ڪان سندن غير سنڌي سيڪٽري سنڌ جي ضلعن جي
غير سنڌي ڊي سي، ايس پي وڌيڪ اختيارن جا مالڪ ۽ حڪمران
هوندا آهن، آهي هنن کي جاهل اَگوڻي چاپ ۽ بي عقل سنڌي
وڏيرا سمجهي نفرت ڪندا آهن ۽ مهل موقع تي ڪمن ڪارين
۾ سندن تذليل به پيا ڪندا آهن، اهي آفيسر ان ۾ به ناراض
هوندا آهن ته ڪو سنڌي ايم پي اي يا وزير مٿن حڪم هلائي،
ان لاءِ هو سنڌين سنڌي پنهنجي حڪومت چاهيندا آهن. باقي پين
ملڪي قومي فيصلن يا حڪمت عملين جوڙائش وغيره بابت هنن
ڪان پڇڻ ته پري رهيو پر انهن اهم فيصلن بابت هنن کي ڪُڙڪ
به ڪانه ڏني وينڌي آهي؛ ۽ هي الله لوڪ نه پر پنجاب لوڪ
رب جي رضا تي نه پر پنجاب جي رضا تي راضي رهڻ وارا مڙئي
به مان ته مٿي به مان خيمو نوڪري بچائڻ لاءِ پيا جتن ڪندا
آهن ته متان جهنڊي واري ڪار نه کسجي وڃي!

ڀٽي صاحب لاءِ چيو ٿو وڃي ته هو تمام بهادر پنهنجي
ڪرڻ وارو وزير اعظم هو. ڀٽي صاحب جي سبنيءَ جي دؤري
دوران ڪانئس آتي، جي هڪ صحافيءَ پڇيو ته معزز وزير اعظم
توهان بنگال ۾ ٿيل قتل عام بابت ويهاريل ڪميشن جي رپورٽ
ڇو نٿا شايع ڪريو. تنهن تي ڀٽي صاحب جواب ڏنو ته هُن اها
رپورٽ پنهنجي چيف آف اسٽاف (ان وقت جنرل ٽڪا خان هو)
کي ڏيکاري جيڪو ان جي شايع ڪرڻ جي حق ۾ نه هو! اِها
ڳالهه هاڻي ٭يحيٰ بختيار جي بيان ڪانپوءِ جنرل ٽڪا خان به قبول
ڪئي آهي ۽ سڀني اخبارن ۾ ڇپي آهي. سپريم ڪورٽ ۾ ڀٽي

صاحب جا بيان به ان ڳالهه جا ثبوت آهن. جنهن مان لڳي ٿو ته پنهنجي جهڙپ ماڻهوءَ کي جنرلن جي پاليسيءَ جي هٿ ۾ هٿ ملائڻي پئي هئي.

۱۹۸۳ع جي تحريڪ ڪانپوءِ بينظير صاحبه کي ۱۰ ڪلفٽن تان لنڊن روانو ڪيو ويو. ان بابت جڏهن ملڪ جي بااثر وزير داخله محمود هارون کان اخبار وارن پڇيو ته هو ان باري ۾ ڪجهه ٻڌائي، ته هن چيو هو ته بينظير جي روانگي بابت آخر تائين هن کي ڪا به خبر نه آهي ۽ هن کي به ايتري خبر آهي جيتري پاڪستان جي ٻين ماڻهن کي ته بينظير پاڪستان مان لنڊن هلي وئي!

هڪ ٻيري ٽنڊي محمد خان جي ڳالهه آهي جتي سينيئر رٽائرڊ جنرلن جون زمينون آهن، اتي سنڌ جو شاعر ابراهيم منشي رهندو آهي، هن جو ٽر جي وڏيري خالق سومري سان پنهنجي جهيڙو ملڪ ۾ هو. پهرين پيپلز پارٽي جي دور ۾ انهي وڏيري تي سال جيل ڪاٽيو، منشيءَ ڏنو ته مارشل لا لڳو آهي، ڪو وڏيري سان ٺاهه ڪرائي: سو ورتائين وزير دفاع علي احمد ٽالپر جو پاسو ۽ هن جي هڪ اڌ دعوت ڪرائين: خيال هوس ته اجهو ٿو وڏيري عبدالخالق کي سڏي ڪرياڻ، پر خبر تڏهن پيس ته ٽر جي صوبيدار وزير دفاع جي فون کي پڇيو به نه. چيائين ته خالق سومرو جنرلن جو ماڻهو آهي، فضل حق کي ڪير پڇندو!؟ ياد رهي ته گورنر فضل حق جي پناهه وچ ۾ زمين ٽنڊي محمد خان ۾ ورتي آهي. ذري گهٽ منشي ٻڌو هو ٿو ته تي جان ڇڏايائين.

بهرحال اسانجي مير صاحب جو مثال وٺو. فوجين پنجاب جي ڪري سنڌي قوم ۽ عوام وٽ ڏنو به ٿيو! ۽ سرڪار سان اهڙي وفاداري ڪئي جو پنهنجو ٻيو مهرو قاضي عابد اليڪشن ۾ سندس سامهون بيهاريو. مير صاحب جا پاتيا ڪيئي چنڊيائون! نه ته مير به سرڪار جو ماڻهو، عابد به سرڪار جو ماڻهو. جڏهن قاضي

عابد کي ڪو جنرل گهرائي هدايت ڪري ها ته بابا مير صاحب اسانجو پراڻو وفادار آهي، هن ڏکئي وقت ۾ اسانجو ساٿ ڏنو آهي ان ڪري تون هٿ ڪئي ڇڏ، مير جو مقابلو نه ڪر؛ تنهن کان پوءِ قاضي صاحب جنرلن جي حڪم جي انحرافي ڪري به مير جو مقابلو ڪري ها ته اِهو ناممڪن هو. سو ائين وقت تي اسانجي مير صاحب کي خوب استعمال ڪري گهر ويهاري ڇڏيائونس! اهو به ڀلو ٿيو جي نه ته اسانجي پٽي صاحب جو به پنجاب تي وڏو ناز هو. هرڪنهن سنڌيءَ کان ڇورايو ويو ته اداءِ شاباس پنجاب کي هجي؛ جنهن هڪ سنڌي ليڊر کي پنهنجو ليڊر چونڊيو آهي ۽ کيس حڪومت به ڏني آهي. سو شاباس واقعي انهن کي ڏيڻ گهرجي جو پٽي جهڙي عقلمند ماڻهوءَ کان اقتدار جي آسري ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا ڪڌا ڪم ڪرائي ويا. هن کي ليڊر ٺاهي وٺائنس اهو ڇورايائون ته جيڪو ميمبر ڍاڪا ۾ گهرايل قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ ويندو ان جون ٽنگون ڀڳيون وينديون.

وري جڏهن بنگال ۾ موهي آپريشن شروع ٿيو ته ڍاڪا مان واپسيءَ تي ڪراچي ايئرپورٽ تي وٺائنس ڇورايائون ته شڪر آهي جو ”پاڪستان بچي ويو!“ اچان اڳتي ته کيس يحيٰ خان جو نائب وزير اعظم جو درجو ڏئي اقوام متحده جي اجلاس ۾ موڪليائون، جتي بنگال ۾ ٿيندڙ قتل عام ۽ آزاديءَ تي بحث هلي رهيو هو. ان تي پولينڊ هڪ مصالحتي قرارداد پيش ڪئي، جنهن کي پٽي صاحب ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري اڇلائي ڇڏيو. نيٺ بنگال وڏي خونريزيءَ کانپوءِ آزاد ٿي ويو. پاڪستاني فوجن جنرل نيازيءَ جي قيادت ۾ هندستاني جنرل اروڙا جي اڳيان پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪيا- ٩٥ هزار فوجي جنگي قيدي ٿيا. پنجاب جي سرحد وٽان ڪيترا ميل پاڪستاني علائقي تي هندستان قبضو ڪري ويو. ان ۾ پنجاب فوج سڄي دنيا ۾ ذليل خوار ٿي هڪڙي نڪي جي ٿي وئي.

انهن حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ جنرلن منهن جي پڪائي ڪري يحيٰ کي گهر آماڻيو ۽ ڀٽي کي اقوام متحده مان گهرائي ملڪ جو پهريون سول مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٺاهي ڪٺي ڪرسيءَ تي ويهاريائونس. نيٺ پاڻ وزير اعظم ٿيو. هندستان سان مذاڪرات ٿيا، قبضي هيٺ علائقا واپس ٿيا، ۹۵ هزار جنگي قيدي فاتحانه انداز سان واپس ٿيا، فوج جو وقار بحال ٿيو. ۱۹۷۳ع جو آئين ٺهيو. قومن جي وجود کان انڪار ڪيو ويو. ڀٽي جي هٿان بلوچستان سرحد جون حڪومتون ڊهرايون ويون. ڀٽي هٿان بلوچستان تي فوجي آپريشن ڪرايو ويو. اهڙي طرح مظلوم برادر قومن ۾ غلط فهميون پيدا ڪرايون ويون.

ڀٽي صاحب کان اهي سيئي ڪم وٺڻ بعد پنجاب وارن منهنجي ڏنهي رسيءَ کي سيرڻ شروع ڪيو. ان جي انتها اتي تي ٿي جو ڪراچي ۽ لاهور ۾ به چار هنگامه ڪرائي ڪٺي ڀٽي کي قابو ڪيو ويو. ڀٽي کي لاهڻ کان اڳ ۾ جنرل صاحبان آخري ڏينهن تائين ڀٽي کي اهو تاثر ڏيندا رهيا ته هو سائس وفادار آهن. ان وفاداريءَ جي ڏکن پيرڻ ۾ بري، بحري ۽ هوائي فوج جي سربراهن طرفان ڀٽي جي حمايت ۾ آخري وقت تائين سائس هر حالت ۾ وفاداري نڀائڻ جا بيان جاري ٿيندا رهيا. جنهن تي يقين ڪندي ڀٽي صاحب پنهنجي آخري تقرير ۾ ڪرسيءَ تي هٿ هڻي چيو هو ”مان ڪمزور آهيان ليڪن منهنجي ڪرسي مضبوط آهي“ سو ان مضبوط ڪرسيءَ تان لاهي ڪمزور ڀٽي کي تخت دار تي لٽڪايو ويو. ڀٽي جي پويان سندس خاندان سان جيڪي ويل وهايا ويا، سي به ڪنهن کان ڳجها ڪونهن.

سنڌي ماڻهن سان جيڪي عقوبتون ٿيون آهن، سي به ڪنهن کان ڳجهيون ڪونهن. پر ڀٽي جي ڌيءَ بي بي بينظير پنجاب جي چاهت ۾ چري آهي ۽ اقتدار جي انڌ ۾ ماضيءَ جي تاريخ کان منهن موڙي گذريل سيئي ڏوهه، ثواب، ڏک عذاب وساري

ڇڏيا اٿس. ايتري حد تائين ڪٿي اڪيون ٻوريون اٿس جنـو ڇوي ٿي آئون سنڌي ڪونه آهيان؛ سنڌي هجان ها ته يا جي ايم سيد سان گڏ هجان ها يا فرنٽ ۾ ممتاز سان هجڻ ها؛ پـر آئون تـه پاڪستاني آهيان!

اسان ارها ڪين آهيون؛ سياڻي ٿي بي بي صاحبہ کي اقتدار مليو، اسانجون اکيون ٺريون. پر اها مضبوط ڪرسي غلام سنڌي قوم جي فردن لاءِ ڏاڍي مايوسي، خواري ۽ تباهيءَ جـو سبب بنبي رهي آهي. پر اهو ڪرسيءَ وارو لاهـڻ ۽ چاڙهڻ اسانجي ته وس ۾ ڪونهي، اهو پاور پنجاب وارن وٽ آهي؛ ڏسو ته:

”پنجاب شينهن شير خدا جو آهي، مرضي پويس ته آنا ڏي، مرضي پويس ته ٻچا ڏي“.

مجيب سڄـي پاڪستان ۾ وڏي شانـدار اڪثريت سان کٽي آيو. پنجاب کي اقتدار ڪنهن به صورت ۾ مجيب کـي ڏيڻو ڪين هـو، سو نـه ڏنائونس. سندس پنجتيهه لک بنگالـي ماري ڇڏيائون. پاڪستان ٻه ٽڪر ٿي ويو؛ پر اقتدار بنگالين کي نہ ڏيڻو هو، سو نہ ڏنائون.

اهي تہ چند تازا مثال هئا؛ پر ماضيءَ جي تاريخ تـي بہ نظر وجهبي تـه پاڪستان وجود ۾ اچـڻ کان وٺـي سنڌ پنهنجي خودمختياريءَ کان محروم رهي آهي. سنڌ سان جهـڪو روبو رکيو ويو آهي سو هڪ بيئڪيت وارو روبو آهي. سنڌي سياستدانن تي فيصلا مـڙهڻ وقت پنجاب وڏي تشدد، بي رحمي ۽ بيدرديءَ کان ڪم ورتو آهي. ان جو داستان بہ عجيب و غريب ۽ اعتبار ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

سنڌ اسيمبلي جي ايوب کهڙي لاءِ واضح حمايت جي باوجود مرڪزي حڪومت پنهنجي هڪ ايجنٽ سر غلام حسين کي سنڌ جو وزير اعليٰ بنايو. ان کانپوءِ غلام حسين هدايت الله کي گورنر مقرر ڪري کهڙي کي وزير اعليٰ بنايو ويو. ۽ مرڪزي حڪومت

کهڙي تي زور پريو ته هو هندو مسلم فساد ڪرائي هندن کي سنڌ مان ڪڍڻ ۽ مهاجرن کي سنڌ ۾ آڻڻ جا دروازا کولي، کهڙي صاحب جڏهن ان سازش ۾ هٿ ونڊائڻ کان انڪار ڪيو ۽ پناهگيرن ۽ پنجاب جي سازش سان ٺيندڙ فسادن ۾ ذميدارن کي سزائون ڏنيون ۽ ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته مرڪزي حڪومت ڪيس ڊسمس ڪري جيل ۾ وڌو ۽ پنهنجي هڪ دلال پير الاهي بخش کي غير قانوني طور منسٽر بنايو جيڪو ۱۹۴۸ع ۾ سنڌين جي تمام وڏي ۽ اهم شهر ڪراچي کي سنڌ کان جدا ڪرڻ لاءِ راضي ٿيو ۽ ڪراچي کي مرڪزي دارالخلافا جو علائقو قرار ڏنو ويو.

”چوندا آهن ٻچڙو ڪم ڪرائجي ڏيڍ کان!“ انهي ڏينهن کان ئي ڪراچيءَ مان سنڌين جون پاڙون پٽجڻ شروع ٿيون. الاهي بخش جڏهن اهو گندو ڪم ڪري چڪو ته عدالت آساني سان سندس تقرر کي غير قانوني ٺهرايو ۽ هن کي ٻچڙو ڪري لاٿو ويو. وري مرڪزي حڪومت يوسف هارون کي جيڪو ان وقت سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر به نه هو، تنهن کي چيف منسٽر بنايو. جلدي ان جي جڳهه تي قاضي فضل الله کي چيف منسٽر بنايو ويو. وري کهڙي کي آندو ويو، ۽ جلدي ۾ ان کي ڊسمس ڪيو ويو.

انهي سڄي عمل ۾ سنڌ اسيمبلي خي چونڊيل نمائندن ۽ سنڌي عوام کان ڪا به راءِ نه ورتي وئي. ان کانپوءِ جلدي مرڪزي حڪومت سنڌ تي گورنر رول لاڳو ڪيو ۽ پنجابي وڪيل دين محمد کي گورنر بنايو. پوءِ جڏهن مرڪز کي مير غلام علي ٽالپر جي شخصيت ۾ جيڪو هٿ جي رانديڪي جهڙو اميدوار هٿ آيو ته گورنر رولس هٽايو ويو. پر جڏهن مير غلام علي مرڪزي حڪومت جي خطرناڪ ۽ کلم کلا سنڌ دشمن منصوبن جي مخالفت ڪئي ته هن کي به لاٿو ويو. تنهن کانپوءِ غيرمعمولي حالتن

۾ مرڪزي وزير پيرزاده عبدالستار کي چيف منسٽر بڻايو ويو. ان وقت تائين پاڪستان جي پنجابي حڪمرانن جا ملڪ تي ڊڪٽيٽرشپ مڙهڻ ۽ سنڌ جو تشخص ختم ڪرڻ جا ارادا واضح ٿي چڪا هئا.

پيرزادي جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ اسيمبليءَ اهڙا بل ۽ قراردادون پاس ڪيون جن ۾ ڪراچي سنڌ کي موٽائي ڏيڻ ۽ سنڌين جي قومي حقن جي بچاءَ جا مطالبا شامل هئا. هن سنڌ جون زمينون فوجي آفيسرن کي ڏيڻ جي مخالفت ڪئي ۽ ٻه وڏا ايريگيشن جا منصوبا تيار ڪيا. سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي ورثي تي تحقيق ڪندڙ ادارن لاءِ فنڊ مهيا ڪيا ۽ ون يونٽ جي خيال جي مخالفت ڪئي. پيرزادي قومي اسيمبليءَ ۾ گورنر جنرل جي متعلق اعنان اختيارن جي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ووٽ ڏنو. اهو سڀ مرڪزي حڪومت جو مٿس عذاب نازل ڪرڻ لاءِ ڪافي هو، سو پيرزاديءَ کي ٻه ڀيرو ڪيو ويو. مرڪزي حڪومت سنڌ جي تشخص ختم ڪرڻ واري منصوبي ”ون يونٽ“ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ هڪ دفعو وري کهڙي جون خدمتون حاصل ڪيون. جنهن کي اڳ ۾ ٻه دفعا ڊسمس ڪري جيل ۾ وڌو ويو هو ۽ کنهن ٻه سيا—ي عهدي حاصل ڪرڻ جي مٿس بندش وڌي وئي هئي. پر هن دفعي کهڙي مرڪزي حڪومت جي دلال جي حيثيت ۾ چارج سنڀالي ۽ ڏنڊي بازيءَ کان ڪم ورتو. اغوا، جيل ۽ نا اهليءَ جا ڊپ ڏئي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن کان زبردستي ون يونٽ جو بل پاس ڪرايو.

اهڙي نموني ۱۹۵۵ع ۾ ون يونٽ جي منصوبي تحت ٻين مان گڏ سنڌ جو تشخص به ختم ڪيو ويو. ايتري حد تائين سختيءَ کان ڪم ورتو ويو جو پوسٽ کاتي کي اهڙا حڪم ڏنا ويا، جو ڪو به اهڙو خط جنهن مٿان سنڌ جو لفظ لکيل هجي ته اهو نه پهچايو وڃي. ايوب جي مارشل لاءِ ۾ پنجابين ۽ خود ڪجهه سنڌي اڳواڻن کي يقين ٿي ويو ته سنڌي هميشه لاءِ ختم ٿي ويا.

سنڌ جي اڪائونٽ منجهان ٣٣ ڪروڙ رپيا اضافي پنجاب جي ١٠٠ ڪروڙ ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا. ساڍن ١٥ سالن جي وڏندڙ نابرابري ۽ قومن جي وچ ۾ تلخين ۽ اختلافن خاص ڪري بنگالين، بلوچن، سنڌين ۽ پختونن جي دٻاءُ تحت ون يونٽ کي ١٩٧٠ع ۾ ٽوڙيو ويو ۽ صوبا وجود ۾ آيا. پر ون يونٽ ۾ جيڪو نقصان ٿيو هو اهو اڄ ڏي رهيو. مرڪز ۾ اختيار نه هئڻ ۽ صوبي لاءِ ڪنهن به قسم جي خودمختياري نه هجڻ ڪري سنڌي سياسي طرح شديد دٻاءَ ۾ رهيا آهن. روزمره جي معاملن ۾ سرڪاري آفيسرن سان لهه وچڙ ۾ سنڌن تذليل ٿيندي رهي آهي.

ون يونٽ ٽٽڻ وقت هٿ ڪيل اعدادشمار مطابق ١٩٥٥ع کان وٺي ١٩٧٠ع تائين ڪراچيءَ کي ڇڏي اندرون سنڌ ۾ ١٨٤ ايس پي ۽ ڊي آءِ جي جي تقررين مان صرف ٣٥ سنڌي هئا ۽ ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر جي ١٥٠ تقررين مان فقط ١٤ سنڌي هئا. ڪراچيءَ ۾ ڪو به سنڌي آفيسر انهيءَ سينئر پوزيشن تي مقرر نه ڪيو ويو. غير سنڌي آفيسرن جي بي حسي ۽ سنڌي ماڻهن کان نفرت، سنڌين سان اجنبي ۽ غلام آباديءَ واري هلت، سنڌ لاءِ هاڃيڪار صورتحال پيدا ڪئي آهي. پليجو پارٽي اڄ سچي تاريخي صورتحال کان ڪيئن نا اڪيون ڀوڙيو اهو چون ته، هاڻي پنجاب پليجي سان ڳالهايو آهي، تنهن ڪري سڀ ٺيڪ ٿي ويو آهي. پنجاب پنهنجي غرضن ۽ مفادن لاءِ دڪنهن سان ڳالهائيندو هن کوڙي، پئي، مير علي احمد سان به ڳالهايو هو، هو پليجي، بينظير سان به ڳالهائيندو، ڳالهائي رهيو آهي. پر اسان جي هنن ليڊرن کي پنهنجي تاريخ وسارڻ نه کپي. سنڌي قوم تباهي جي ڪناري تي پهچي چڪي آهي. ان کي بچائڻ، آٿ ڏيڻ ته ٺهيو پر اقتدار جي هوس ۾ ان کي وڌيڪ تباهه، مايوس ۽ رسوا ڪري دنيا ۾ ذليل خوار نه ڪيو وڃي. سنڌي قوم ۾ هاڻي استعمال ڪرڻ لاءِ ڪجهه.

ٻه نه رهيو آهي. ان ڪري خدا را سنڌي قوم تي رحم ڪريو !! نه ته تاريخ اهو ڏوهه توهان کي ڪڏهن معاف نه ڪندي ۽ توهان سان ٻيو اهو حشر ٿيندو جيڪو قاضي قاضن ۽ سندس ڪٽنب جو ٿيو. هو.

بحث جو مقصد

•هن بحث پيش ڪرڻ جو بنيادي مقصد اهو آهي تــه سنڌ جا باشعور سياسي ڪارڪن، هاري ورڪر، شاگرد، دانشور ۽ ٻيا سڀئي سنڌي ماڻهو سنڌ خواهه پاڪستان اندر ٿيندڙ ٻن راهن رستن جي سياست کي سمجهن، جنهن مان هڪڙي سياست جمهوريت آئين، قانون ۽ انصاف جي چلڪندڙ پوش ۾ پنجاب جي بالادستي کي وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ لاءِ مختلف پارٽيون، گروهه فرد ڪري رهيا آهن، ۽ ٻي سياست آهي سنڌي قــوم خواهه ٻين مظلوم قومن جــي سياسي، اقتصادي، ثقافتي ۽ قومي حقن جـــي حاصلات. اهائي سياست اسان غلام سنڌي ماڻهن جي ڇوٽڪاري جي سياست آهي. باقي نام نهاد جمهوريت جي نالي ۾ پنجاب جي بالا دستي واري سياست مان اسان سنڌين کــي ڪجهه به نصيب ڪين ٿيندو.

۽ نلهن کوکلن نعرن، جذباتي جلوسن ۽ ڊانسن ۾ پنهنجو ســڀڪجهه وڃائي چڪا آهيون، باقي رهيل هــڏ به پوري ڪري ڇڏيندا سين، پوءِ "پنهنجي وڍيءَ جو نه ويڄ نه طبيب !"

تہ پوءِ ڇونہ اسان سڀني سنڌي ماڻهن کي سمجهايون نه هو پنهنجي ۽ پرائي سياست ۾ تميز ڪن. سنڌ جــي آئنده لاءِ ڪجهه سوچين پنهنجي ڏکن ڏولاون جي دائمي مستقل علاج لاءِ پنهنجي وجود کي بچائڻ لاءِ ڪجهه سوچين انهن منافق، مڪار، چالاڪ، چالباز پارٽين، گروهن ۽ فردن کي سمجهن ۽ سڃاڻن. انهن کي ڏور ڌڪارين ۽ انهن کان نفرت ڪن، جيڪي اقتدار جي لالچ ۾ سنڌي قوم جي تباهي جو سبب بنيا آهن ۽ باقي رهيل ڪسر پوري ڪرڻ

جي پوپان آهن. سنڌي ماڻهو سجاڳ ٿي هڪڙي طرف اهڙن لالچين جي لوڌ کي ڀڄلين ته ٻئي طرف سنڌ جي سياست، مظلوم قومن جي حقن جي سياست ڪندڙ پارٽين، گروهن ۽ فردن جي مڙسيءَ، بهادريءَ، حق تي بيٺل قومي آزاديءَ ۽ انصاف پسنديءَ واري جماعتن، ٽولن ۽ فردن جي هڙان وڙان مدد ڪري انهن جي حمايت، حوصلي افزائي ۽ همدردي ڪن ۽ قومي سياست ڪندڙ هر ماڻهو کي پاڻ مان ۽ پنهنجو ڪري سمجهن.

(ڪتاب "قومي خود مختياري ۽ ڀليجو" تان ورتل)

رحمت الله

ڪهاڻي

شير شاهه جو شڪرو

ڪانفرنس تي هلڻ لاءِ مختلف تنظيمن جا دوست، پنهنجي پارٽين جا بيج لڳايو، لالا واري هوٽل ۾ ويٺا هئاسين. ڪانفرنس لاءِ پاڙي تي ڪيل بس سامهون بيٺي هئي. بس جي نصيب تي ڳاڙهو بينر ٽاڪ وانگر ٽنگيل هو.

"هلو هلو منيءَ هلو ٽڙ بچايو انٽرنيشنل ڪانفرنس"

بينر تي لکيل اهي لفظ، بس ۾ ويٺل هاري تنظيم جو ڪارڪن بار بار دهرائيندو ٿي ويو.

مون کي پارٽيءَ پاران ڪالهه ٿنڌي الهيار ۾ منهنجي پهچڻ جو حڪم هو پر مجبوري اهڙي هئي جو اوڏانهن اسهي نه سگهيس. هونئن به مونکي اندازو هو ته اسان جي عظيم رهبر اسان سڀني ڪارڪنن کي هڪ ڏينهن اڳ چوڪ گهرايو آهي. اهڙو اندازو هوندي به مون پنهنجي هڪ ٻئي ساٿيءَ کي ڪلهه اسائي ڇڏيو هو، جيئن اتي ڊبل ڳالهه ٻولهه جي لفظ به لفظ خبر پئجي سگهي. ۽ جيئن ته آءٌ به پنهنجي پارٽيءَ جي تشڪيل ڏنل ٽن خاص ڪميٽين مان هڪ جو مک آهيان، انهي ڪري منهنجي نائب جو اتي هجڻ ضروري هو، جيئن ڪا وڏيڪ ذميواريءَ جي ڳالهه هجي ته منهنجي نمائندگي ٿي سگهي. هن شهر ۾ اسان جي پارٽيءَ جا فقط ٻه ٽي ڪارڪن آهيون، پر سڄي شهر جي ڀتين تي اسان جا ئي انقلابي نعرا لکيل آهن. جيئن سنڌ جي ٻين شهرن ۾ به اسان ڪيو آهي.

اسان جي مٿي ڏانهن روانسي ٿيڻ ۾ اڃا ڏڪ ڪلاڪ جي وٿي هئي، اڃا ڪجهه همراهه نه پهتا هئا. جن هلڻ جو وعدو ڪيو هو، ايتري ۾ منهنجو پاڻيو سچل اچي نڪتو، سلام ورائي، منهن پلڪڙو ڪري سامهون ويهي رهيو. سندس هٿ ۾ ڪتاب هئا.

ڇا ڳالهه آهي سچل؟

چاچا توهان ٿر بچائڻ پيا وڃو نه؟

چيم:- نائون ڪلاس پڙهندو آهين ۽ پنهنجي پر ۾ هڪ پار تنظيم جو ميمبر پڻ آهين، پر سوال ڪهڙو اپتو ڪيو اٿيئي. اڙي بابا اسان ٿر بچائڻ نه، پر، ٿر جي شهر مٺيءَ ۾ ٿيندڙ ٿر بچايو ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ پيا وڃون، جتي سواءِ تو واريءَ تنظيم جي اڳواڻن جي پيا سڀ انقلابي ترقي پسند گڏ ٿيندا، سمجهيم.

چاچا مون به ائين چوڻ ٿي چاهيو...... پلا آءٌ هلان؟ سچل اکين کي ائين گهمايو جڻ اکين سان سوال جي نشاني ٿي لکيائين.

چيم: ميان سچل، تنهنجي تعليم کوٽي ٿي ٿئي، اهڙا فنڪشن وغيره نه اٽينڊ ڪندو ڪر، ڪتاب ڏيکاريندي چيائين، چاچا اج ڪلهه ته منهنجو سڄو زور آهي ئي تعليم تي. مون ڪانئس ڪتاب وٺي ڏٺو، واقعي ڪورس جو ڪتاب هو ۽ سچل شايد اهڙي موقعي جو فائدو وٺڻ لاءِ ئي ڪٺي آيو هو.

چيم:- هل پر هڪ شرط سان، تنهنجي ڳچيءَ ۾ جو هي سنڌ جي نقشي ۽ ڪهاڙي وارو لاڪيٽ پيو آهي، اهو يا ته لاهي ڇڏ يا وري قميص اندر ڪري ڇڏ، نه ته منهنجا ساٿي چوندا پاڻيٽي کي به سڌاري نه سگهيو آهين.

سچل ڪجهه پل سوچيو ۽ پوءِ لاڪيٽ قميص جي اندر ڪري ڇڏيائين.

ايتري ۾ پر واري همراهہ ڇو ساڻي هاڻي هلڻ گهرجي، ڇيمر، اوهان وارو ڪامريڊ مولوي صاحب پهچي ويو.
نہ يار ڪامريڊ مولوي نہ پهتو، پر پاڻ کي هلڻ گهرجي جيئن ڇهن بجي ڏاري منيءَ پهچي وڃجي.
سپيئي اتياسين ۽ بس ۾ ويهي رهياسين. سچل منهنجي پر ۾ ٿي ويٺو.
ڇيمر: سچل تون سوال ڏاڍا ڪندو آهين، مهرباني ڪري سوال نہ ڪجانءِ، مون کي چڙ وٺندي آهي.
سچل ڪتاب کولي پنا اٿلائڻ لڳو.
هاري تنظيم وارو ڪارڪن گيٽ تي بيٺو، هن گلو ڦاڙي نعرو هنيو.
بس مان سواءِ منهنجي سڀني جواب ڏنو، ائين شهر ڇڏڻ تائين نعرا گونجندا رهيا.
مين روڊ تي پهتاسين نعرا بند ٿي ويا.
هاڻي ڪارڪن پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳي ويا- تہ ڪي وري جهوٽا کائڻ لڳا. سچل ڪتاب پڙهڻ ۾ رڌل هو ۽ آءٌ وري دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳس ۽ ائين پنهنجي انقلابي تنظيم بابت سوچڻ لڳس، جا ڏکهي جهاڳ جهاڳي هاڻ صحيح انقلابي انداز ۾ ڪم ڪرڻ لڳي آهي. ورنہ اسان گهڻا سال اجايا وڃايا آهن شل وقت جو مورخ معاف ڪري. اسان اڳ هر ڳوٺ ۾ رلندا وتندا هئاسين، هر وستي هر واهڻ تي پهچندا هئاسين. نڪمن هارين سان ويهي ڪچهريون ڪري، پنهنجي پـر ۾ کين شعور ڏيندا هئاسين. انهي کان علاوه اسان گڏجي ويهي ڪتاب پڙهندا هئاسين ۽ پاڻ ۾ بحث مباحثہ ڪندا هئاسين. سونکي ياد آهي، هڪ ڏيهاڙي ڪتاب پڙهڻ ۾ محو هئاسين تہ اسان جـو رهبر پهچي ويو. رهبر اسان جـي هٿن ۾ ڪتاب ڏسي ورتـا. سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو، هن اسان سڀني کـان هڪ هڪ ڪري

ڪتاب ڦري ورتا. اشين ڪند جهڪائي ويٺي رهياسين رهبر جو آواز پريو، اوهان هي ڪتاب پتاب ڇڏيو، هارين سان ڪچهريون ٻچهريون نه ڪريو، اڄ کان هي ناٽڪ بند، هاڻي هڪ نئين انقلابي حڪمت عمليءَ جي جوڙجڪ ڪنداسين. ائين چئي اسان جو رهبر سنڌس جوڙ جي هڪ همراهه کي ٻاهر وٺي ويو ۽ ڪجهه دير ڪانپوءِ واپس موٽي آيو. سنڌس هٿ ۾ ڪافي لکيل پنا هئا. رهبر پنا فرش تي اڇلائي ڇڏيا.

هي هاڻ اسان جو نئون منشور آهي. ”آئينده پارٽي هي نئون انقلابي پروگرام ۽ منشور ڪٺي اڳتي وڌندي. هاڻي اڳوڻا ترڪتال سڀ ڇڏنا.“ ائين چئي رهبر پنا ڪٺي پڙهڻ شروع ڪيا. ساٿيو! هاڻ شعور ڀعور سڀ ڇڏنا. ڪتاب پتاب اوڙاهه ۾ وجهو. اڄ کان هي ٽي ڪميٽيون جوڙيون ويون آهن. ائين چئي رهبر سيني کي گهوري ڏٺو ۽ پوءِ اڳتي پڙهڻ شروع ڪيائين.

نمبر هڪ ـ

بغل ڪميٽي:ـ هن ڪميٽيءَ ۾ شامل سڀ ميمبر لازمي طور تي پنهنجا بغل صاف ڪرائيندا انهي ڪانپوءِ ساڄي بغل ۾ کاٻي هٿ جو آڱوٺو ۽ ڏسٽي آڱر جو دائرو ٺاهي وجهو ۽ ساڄي ٺونٺ کي جي سطح تائين کڻي بغل وڄائڻو پوندو سندن انقلابي نعرو هوندو. جيئي جيئي. رهبر جئي. پر هڪ ڳالهه جي سختيءَ سان پابندي ڪئي ويندي، ته ساڄي ٺونٺ کي جي سطح کان مٿي نه ڏئي، ورنه ردم خراب ٿي ويندو. ۽ جيڪڏهن ردم خراب ٿيو ته اهو عمل اسان جي قومي، عوامي، جمهوري انقلاب لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندو. رهبر ائين چئي جڳ مان پاڻيءَ گلاس اوتي پيتو ۽ اڳتي پڙهڻ لڳو.

نمبر ٻه ـ

جهومر ڪميٽي:ـ هن ڪميٽيءَ جا ميمبر فقط اهي ڪارڪن ٿي سگهن ٿا جن جي ڇيلهه ۾ لچڪ هجي. هن ڪميٽيءَ جي

ڪم جو طريقو هي هوندو، ٻئي ٽنگون ٽيڙي ڀيهبو ۽ چنبلهه تائين حصو ساڪت رکيو ويندو، جڏهن ته مٿيون حصو ڪاٻي ۽ ساڄي ۽ خاص ڪر ۾ گهمائبو، سندن انقلابي نعرو هوندو، ”رهبر ڪير قوم جو؟“

نمبر ٻي-

چپٽي ڪميٽي:- هن ڪميٽيءَ جي ميمبرن لاءِ شرط هوندو ته سندن ٻئي هٿ لازمي طور تي چپٽي وڄائي سگهن ۽ چپٽي وڄائڻ وقت هو اهڙي طرح هيٺ مٿي ٿيندا، جيئن ٽيوب هوا پرڻ وقت ٿيندو آهي. سندن انقلابي نعرو هوندو، ”آيو آيو رهبر آيو“ ۽ هي به نعرو هڻي سگهندا. ”اڄ ته ٿي ويئي رهبر رهبر“.

خاص هدايتون:—

الف:- اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته مٿين مڙني ڪميٽين جي ٻيهڪ فقط ۽ فقط رڌم تي وڃيو ٻيهي، رڌم خراب هرگز ڏڻ نه گهرجي. رڌم ڦٽو ته انقلابي راهه ۾ مشڪلاتون پيدا ٿينديون ۽ قومي عوامي جمهوري انقلاب جيڪڏهن آسمان تان ڪريو ته ڪجور ۾ ضرور اٽڪي پوندو.

ب: ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين ۽ ڪيٽي بندر ڪان ڪشمور تائين، ڪنهن به ديوار ڪي ڪورو نه ڇڏيو ۽ منهنجي حق ۾ نعرا لکو.

ت:- مٿيون چاڙايل ڪميٽيون پاڻ ڪي تحريڪ به سڏائي سگهنديون. رهبر ائين چئي خاموش ٿي ويو. هو ڪجهه پل اسان مان هرهڪ ڪي گهوريندو رهيو ۽ پوءِ چيائين- ڇا ڪنهن ڪي ڪو اختلاف ٻختلاف آهي ڇا؟ جي هجي تہ پارٽي ڇڏي وڃو نہ تہ منهنجي هٿ تي ٻيعت ڪريو.

مون ڏٺو تہ هڪ به همراهہ اٿيا ۽ خاموشيءَ سان هليا ويا خبر ناهي ڪين اختلاف هو يا ٻختلاف. ٻيا سڀ ڪارڪن پنهنجي رهبر جو هٿ، پنهنجي هٿ ۾ وٺي چمڻ لڳا. آءٌ بہ انهن ۾

شامل هئس. پوءِ اسان جي تربيتي ڪئمپ شروع ٿي ويئي. جنهن ۾ سنڌ جي هڪ ٻن شهرن جي مڙهين اسان جي ڀرپور مدد ڪئي. بغل ڪميٽي، جهومر ڪميٽي ۽ چيٽي ڪميٽيءَ هاڻ رهير جو تصور نه پر عملي روپ اختيار ڪري ورون ۽ آءٌ پنهنجي گوناگون صلاحيتن جي آڌار تي بغل ڪميٽيءَ جو مک ٻنجي ويس.

اوچتو سچل ٺونٽ هنئين. خيالن جو سلسلو شاعر جي خواب وانگر ٽٽي پيو. ناگواريءَ مان پڇيم- ڇا آهي سچل؟

چاچا! شير شاهه جو شڪرو گهر جا ڪڪڙ ماري، اهو ڇا آهي؟

چيم:- پڙهڻ جي ڪر اجايا سوال نه ڪر.

چاچا! ڪتاب ۾ لکيل آهي.

ڪانئس ڪتاب وٺي ڏٺم مشق ۾ اکيل هو، هيٺيون چوٽيون سمجهايو.......... ڪتاب سچل کي واپس ڪري چيم: مرحوم شير شاهه پکين پالڻ جو شوقين مڙس هو، کيس شوق ٿيو ته شڪرو باز به پاليان. مرحوم راڄن تي ٻار رکيا، نيٺ شڪرو باز هٿ ڪيائين ڪس شڪار جي سکيا ڏنائين. پر جڏهن به شير شاهه، شڪري کي فضا ۾ اڏامندڙ پکين کي جهلڻ جو اشارو ڏيندو هو، ته شڪرو هڪدم شيرشاهه جي اڱڻ ۾ پيٺل ڪڪڙن مان هڪ جو ڪنڌ مروڙي، چنبن ۾ کڻي، اچي شير شاهه جي اڳيان رکندو هو. شير شاهه گهڻئي وس ڪيا پر شڪرو نه مڙيو. تڏهن اها ڳالهه مشهور ٿي ويئي، ته شير شاهه جو شڪرو رڳو گهر جا ڪڪڙ ماري.

سچل وري ڪتاب پڙهڻ کي لڳي ويو. گهڻن همراهن پاڻ ۾ ڳالهايو پئي ته گهڻن وري جهوٽا پئي کاڌا. آءٌ هن سڄيءَ بس ۾ اوپرو پئي لڳس. اوچتو هڪ آئل ٽينڪر اسان واري بس کان ڪراس ڪري اڳيان هلڻ لڳو. ٽينڪر جي پٺ تي شينهن

جو فوٽو ٺهيل هو ۽ هيٺان وڏن اکرن ۾ خطره لکيل هو. سچل آئل ٽينڪر کي ڏسڻ لڳو. وري ٻاراڻو سوال ڪيائين. ”چاچا! هن ٽينڪر کي ڪنهن مان خطرو آهي؟ پاڻ واري گاڏي مان يا جيڪا اڳيان پيئي وڃي ان مان!!

چيم:- هن کي نه پاڻ واري گاڏي مان خطرو آهي، نه وري اڳين گاڏيءَ مان، پر هن ٽينڪر ۾ جيڪو مادو ڀريل آهي، ان مان ئي ڪيس خطرو آهي.

سچل ڪجهه سوچي ماٺ ٿي ۽ دريءَ مان ٻاهر ڏسڻ لڳو.

هاڻ اسان نئون ڪوٽ ٽپي مٺيءَ ڏانهن هلڻ لڳاسين.

آءٌ ڦيريون ڏيئي ڏيرو هن طرف آيو هئس. انهيءَ مهل اولهه طرف ٿر جي بکن کان پيلو ٽيل سج، هڪ پٽ کي ٽڪ ڏيئي آخري پساهه پئي کنيا. اسان جي ساٿين مان گهڻا منظر کان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ گاڏيءَ جي ڇت تي چڙهي ويا. باقي ڪجهه ڇڙا بس جي اندر ئي رهياسين. مٿي ويٺل همراهه نعرا هڻندا ٿي هليا. پر جڏهن به ڪنهن اوچيءَ پٽ تي گاڏي چڙهي ٿي يا لٿي ٿي، ته سندن نعرا بي اختيار ”يا علي مدد“ يا ”بادشاهه پير خير ڪج“ ۾ تبديل ٿي، ٿي ويا.

تقريبن شام جو ڇهه ٿيا هئا، جو اسان جي بس مٺيءَ ۾ داخل ٿي، انهيءَ وقت مٺيءَ جو شهر جوانيءَ ۾ پيوهه ٿيل عورت جيئن ڪوماڻو پيو هو. انٽرنيشنل ڪانفرنس جو لفظ ٻڌڻ سان جيڪو خاڪو ذهن ۾ اڀريو ٿي، منظر ان جي بلڪل ابتڙ هو. شايد فنڪشن جو اهتمام ڪرڻ وارا ڪنو ڪيل چندو کائي، کپائي، هڙپ ڪري، ڳڙڪائي، هضم ڪري ويا هئا. اسٽيج بلڪل ننڍو هو ۽ فقط ٽيوب لائيٽ، سڄي پنڊال ۽ اسٽيج کي روشن رکڻ لاءِ جتن ڪري رهي هئي. وڏيءَ مشڪل سان چار پنج سؤ ماڻهو فراشن بدران وڇايل قناطن تي ويٺا هئا. باقي ماڻهو ڏڏڙ ۾ آپ ڪڙين ويٺل هئا. پنڊال ۾ اڪثريت اسان جي

پارٽيءَ جي چوٽيءَ جي هئي. ڪجهه جهنڊا ڏانڊن ۾ هٿوڙن وارا به هئا. فقط هڪ جهنڊو اهڙو به هو، جيڪو ڳاڙهي رنگ جو هو ۽ وچ ۾ اڇي دائري ۾ ڪهاڙي نهيل هئي. هڪ ٽيرهن چوڏهن سالن جو نينگر اهو جهنڊو اپو ڪريو بيٺو هو.

سچل جي نگاهه ان جهنڊي تي پيئي ته واڇون ٽيڙي وڏائين. چيائين چاچا؟ هي ڇوڪرو به اسان جي تنظيم جو لڳي ٿو، ساڻس هٿ ملائي اچان؟

مون ڪيس ڇڙٻ ڏيئي ماٺ ڪرائي ڇڏيو.

انهيءَ مهل منهنجو ساٿي، مونکي ملي ويو، چيائين تنهنجي نه اچڻ تي رهبر ڏاڍو ناراض ٿيو. پر مون ڪيس تنهنجي مجبوري ٻڌائي ته ماٺ ٿي ويو. آءٌ سچل کي اتي بيهاري، ساٿيءَ کي ڪجهه پرڀرو وٺي ويس،

پڇيم: ڪو خاص فيصلو ٿيو ڇا؟

ها! هڪ نئين ڪميٽي جوڙي وئي آهي.

اڇا! ڪهڙي نالي سان؟

موچڙا مار ڪميٽي عرف تختي ڪميٽي.

هن ڪميٽيءَ جو ڪم؟

رهبر چيو ته تلهار ۾ اسان جي ننهي ڪميٽين ڪا ڪارڪردگي نه ڏيکاري، هن ڪميٽيءَ جي ضرورت انهيءَ ڪري محسوس ٿي آهي، ته جو ڪجهه اسان تلهار ۾ نه ڪري سگهياسين هتي هر حال ۾ ڪرڻو آهي.

وڌيڪ ڳالهه آءٌ پاڻ سمجهي ويس، پر ساٿيءَ ٻڌايو. تختيءَ ڪميٽيءَ جي ڪارڪن پٺن تي ۽ سينن تي تختيون لڳايو گشت پيا ڪن، تختين تي رهبر جي حق ۾ نعرا اڪيل. آهن سندن هٿن ۾ لٺيون آهن ۽ انهن جي اڳواڻن جي ورن ۾ پستول ۽ ريوالور لڳل آهن. باقي ڳالهيون جيڪي ساٿي ٻڌايون، اهي ٻڌائڻ پارٽي ڊسپلن جي خلاف ورزي آهي.

آءٌ موٽي سچل وٽ آيس. هن عجيب نظر سان سندس پارٽيءَ

جي جهنڊي ڪي پٺي گهوريو. منهنجي اچڻ تي پڇيائين، ڇو ڇا! هي همراهه انهيون کهاڙيون ڪٺيو، تختيون پنن تي ٻڌا ڇو ڇو پيا گهمن؟

چيم :- ملان کو سنڌ دشمن، وطن دشمن، انقلاب دشمن، پورهيت دشمن ڊرائسڪائي ٽولو يا وري رجعت پرست، سامراج دوست ڪو هل هنگامون ڪن، ان ڪي پنجو ڏيڻ لاءِ.

سچل ماٺڙي ويو.

مون ڏٺو تختيءَ ڪميٽيءَ جا ڪارڪن ڏاڍا متحرڪ لڳا پيا هئا.

اسٽيج تي مختلف تنظيمن جي رهنمائن جي اچڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو.

اسان جون ٽيئي ڪميٽيون، ردم سان رهبر جي شان ۾ نعرا هڻي سندس استقبال ڪرڻ لڳيون. جڏهن اسان جو رهبر آيو. اسان سڀ اٿي بيهي رهياسين. اسان جون ٽيئي ڪميٽيون مڪمل فارم ۾ اچي ويون. اسان ايترا ته نعرا هنيا، ايتريون ته جهمريون پاتيون ايترا ته بغل ۾ چپٽيون وڄايون جو پنڊال سڄو ڏڏڙ ٿي ويو. ايتري ته مٽي اڏائي، جڻ ڪچي سان لاري پيئي اچي. اسان جڏهن ماٺ ٿياسين، لٽ ختم ٿي ته نظر پيئي اسان جو رهبر اسٽيج تي ويٺو هو. سندس پويان هڪ نالي بندوق سان انقلابي محافظ ڪنڌيءَ جيئن ڪڙو هو.

انهيءَ مهل مون محسوس ڪيو سچل ڪاي پيو. لوڻو ٽي ڏنم سچل ڪل روڪڻ لاءِ وات تي هٿ ڏيو ويٺو هو، پر سندس سنهن سخرن جهڙو پئي لڳو.

ڪاوڙ سان چيم: ڇا آهي سچل؟

ڇاڇا، ھي ھمراھ بندوق ڇو کڻيو بيٺو آھي؟

چيم: منهنجي رهبر کي هر وقت خطرو آهي.

ڇ۔ائين، ڪنهن مان؟ ويڻل ماڻهن مان، يا اسٽيج تي ويڻل اڳواڻن مان!؟

آءٌ فوري طور تي ڪوبہ جواب ڏيئي نہ سگهيس، تہ چيائين، ڇاڇا ڪٿي تـوهان واري رهبر سان بہ آڏـل ٽيڪر وارو حال تہ ڪونهي!؟

اها ڳالهہ ناهي سچل، سامراجي قوتون منهنجي رهبر جي جان جون دشمن آهن.

چيائين ، ڇاڇا سامراج هڪ نـالـي بندوق کان ڊڄندو آهي ڇا؟

سامراج هڪ نالي بندوق کان نہ منهنجي رهبر کان ڊڄندو آهي منهنجي رهبر جي زندگيءَ مان مراد آهي سامراج جو موت.

پوءِ هڪ نالي بندوق ڇو!؟

انهيءَ لاءِ تہ توهانجي پارٽيءَ جي اها ڳالهہ ڪوڙي ثابت ڪري سگهون تہ سنڌ سان محبت جو ٺيڪو رڳو توهان کنيو آهي. اسان جي رهبر کي سنڌ سان ايتري تہ محبت آهي، جو سنڌ جي آزاديءَ واري زماني، يعني ميرن جـي وقت جي ٺهيل بندوق کڻائي گهمندو آهي. جڏهن تہ اوهان جـا رجعت پرست ساٿي ۽ سنڌ دشمن، وطن دشمن، انقلاب دشمن، پورهيت دشمن ٽرانسڪي ٽولي وارا ڪلاشنڪوف کڻي گهمندا آهن. هاڻ ٻڌاءِ سنڌ سان سچي محبت ڪنهن کي آهي؟

جواب ۾ سچل پنهنجو هٿ وري بہ وات تي رکي ڇڏيو ۽ منهن مسخرن جهڙو ٿي پيس.

هاڻ تقريرن جو سلسلو شروع ٿي ويو. اسان جون ٽيئي ڪميٽيون هر مقرر جي تقرير دوران، اسان جـي رهبر جا نعرا هڻنديون رهيون. جيئن ٿي چوڻڪ، چناچ، حتيٰ ڪ گوياڪ تقرير

لاءِ اٿيو ته اسان سڀني کي گونجائي ڪنيو.

هو چوي ٿو سنڌ جو مرڻ، جيئڻ اصل سنڌ سان آهي.

اسان جي هوڪرو.

هو چوي اسان جا حق سنڌ جي آجائي سان لاڳاپيل آهن.

اسان جون جهمريون.

هو چوي، سان سنڌ لاءِ رت جو آخري ڦڙو به وهائيندس.

اسان جون چپنبون ۽ بغل ۽ رهبر جي حق ۾ ڳالهه ڦڙي ۽ (پيو جو ڪجهه به ڦڙي) نعرا هڻي سگهياسين ٿي هنياسين. انهن همراهه ڪنجي ماٺ ڪري ويهي رهيو. هاڻ ٽائم ٽيبل پروگرام تحت اسٽيج تي سوچڙا سار ڪميٽيءَ جو قبضو ٿي چڪو هو.

پر نون مقررن کان پوءِ، اهو جيڪو ڪوڙ ڳالهائي ڪونه سنهن مان ڏسوس ته نور پيو وسبس، سو تقرير ڪرڻ لاءِ اٿيو.

اسان جي بغل ڪميٽي شروع ٿي ويئي. جيئي جيئي رهبر جيئي جا نعرا هنيا، اسان جا نعرا، جيئي جيئي جا نعرا هڻندڙ ويهه سال تجربيڪار سنياسي باوا، برداشت نه ڪري سگهيا هئن، ۽ به سنڌ شهيد ڏيل اڳواڻ جا نعرا هنيا. سنهن مان نور وسندڙ همراهه فقط هڪ ئي اهڙو جملو چيو، جو ويهه سال تجربيڪار سنياسي باوا ماٺ ٿي ويا. اسان کي چئي ها ته لفٽ ئي نه ڪرايونس ها.

هاڻ اسان جي پارٽيءَ جو هڪ همراهه گيت ٻڌائڻ لاءِ اٿيو. مون کي اهو همراه نه وڻندو آهي. خبر نه آهي اسان جي پارٽيءَ ۾ اچان ڪيئن رهيو پيو آهي. آءٌ گيت ٻڌڻ بدران سچل سان ڳالهائڻ لڳي ويس.

سچل پڇيو چاچا سامراج ڇا آهي؟

چيم:- انئين سمجهه سامراج هڪ وڏي ۽ سنهين بلا آهي ۽ جيئن جنگ اخبار ۾ نارزن وڏين وڏين بلائن کي ماري ختم

ڪندو آهي، تيئن منهنجو رهبر سامراج کي ماري ختم ڪندو.
۽ تو شايد پڙهيو هجي يا ٻڌو هجي، ته جيئن اولمپيا جي جيلن
۾ ديوتائن جا راز فاش ڪندڙ پرني ميٿوئسر قيديءَ کي هرڪو ولس
ڇڏايو هو، تيئن منهنجو رهبر هن قيدي قوم کي آزاد ڪرائيندو.
سچل وري به هٿ وات تي رکي ڇڏيو ۽ منهن مسخرن
جهڙو بڻائي ڇڏيائين.

ايتري ۾ گيت ختم ٿيو هڪ ٻـن ٻين همراهن به تقرير
ڪئي، پوءِ اهو اٿيو جيڪو ڪو ڊاڪٽر پاڪستر آهـي. آئون
ڪونه سچ اٿانس. ماڻهو الائي ڪيئن آهن، باقي بيان رڳو ڪوڙا
ڏيندو آهي. تنهن چيو حاڪمن جون ڪيل غلطيون قومون صدين
تائين لوڙهينديون آهن. سنڌ جو حاڪم غلام شاهه ڪيچ جي
راڄا سان وڙهيو ته نوڪي هاڪڙ واهــ بند ڪري ڇڏيائين،
نتيجي ۾ هي علائقو پٽ پانگ ٿي ويو.

مون کي اها تقرير نه وڻي پلا انهي ڳالهه ڪرڻ جـي
ڪهڙي ضرورت هئي. هن همراهه ڪانپوءِ ٻيو انهيءَ همراهه جهڙو
همراهه اٿيو، ان بـه ڳالهايـو ۽ آخر ۾ اسان جـو رهـبر جو
وارو آيو.

هاڻ نعرن جي شروعات جهومر ڪميٽيءَ ڪئي. ايترا ته
نعرا لڳا جو نعرن جي گوڙ ۾ ٽڙ جي ٻلايلن جون سڀ آنهون
دانهون ۽ ڪوڪون دٻجي ويون.

رهبر فرمايو، ته هڪ همراهه اڳ ۾ تقرير ڪري ويو ته
سامراج ۽ وڏيرو ٽڙ جي پيڪ جو ذميوار آهي. ابـا سامراج ڪا
آسماني مخلوق آهـي ڇا؟ سامـراج تـون ۽ آءٌ آهيـون، ٻيو
ڪير آهي؟

مون ڏنو سچل کن هنيا، چاچا تنهنجي رهبر جـي ڳالهه
پنجاهه سيڪڙو دوست آهي.

خوش ٿـي ويس، چ.م:- اها ڪٿي ڳـالهه پيئي آهي.

”چاچا هڪ معصوم ٽري مارجي ويو آهي. چاچا تنهنجي رهبر چيو ته ٽري جي آبادي ١٠ لک آهي. توهان کي نو لک نوانوي هزار نو سؤ نوانوي پيون ڪانفرنسون ۽ ڪرٽيون پونديون ٽري مري ويندا ته بچي ويندو.“

سچل منهنجي ڳالهه ته پڌ، مون رڙ ڪئي. مون کي ڊپ هو ته متان سچل وڃائجي نه وڃي، سچل اڳيان ڊوڙندو ٿي ويو ۽ وڏي واڪي ڳالهائيندو ٿي ويو. ”چاچا تنهنجو

رهبر ٽارزن ۽ هرڪيوليس نه آهي هو شير شاهه

جو شڪرو آهي ۽ ڪهڙ جا ڪڪڙ ٿو ماري“

مون ڏٺو سچل سامهون پيڙل اسان واري ڳوٺ جي بس ۾ چڙهي ويو. سچل کي هٿيڪو ڏسي آئون پنڊال ڏانهن ڊوڙيس. پنڊال جيڪو مقتل هو، آئون مقتل ڏانهن ڊوڙيس، رهبر وڏي ماڻهن کي ۽ اسان جي ڪارڪنن کي وهاري وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ڪارڪنن جهمريون پي پاتيون، آءٌ بغل وڄائڻ لڳس، پر ان ڪ فيٽ ۾ به هن ڳالهه جو خيال رکيم ته **منهنجي ٺونٺ ڪن جي سطح کان مٿي نه وڃي، ورنه رڌم خراب ٿي ويندو ۽ اهو عمل قومي، عوامي، جمهوري انقلاب لاءِ هاڃيڪار آهي.**

رهبر جي سچي تقرير ٻڌي وئين ته اصل ڇڳ ويئو مريد ٿي ويندين.

سچل چيو: چاچا تنهنجو رهبر ڇوري ٿيو سامراج تون ۽ آءٌ آهيون. واقعي پاڻ آهيون اسان ته، ڳالهه پنجاهه سيڪڙو سچي آهي.

مون کي ڇر وٺي ويئي انهي ڪان اڳ جو سچل کي ڇمات واهي ڪيان، اسان جون ٽيئي ڪميٽيون نعرا هڻڻ لڳيون ۽ آئون به انقلابي عمل ۾ ڏوڙنت کن جي سطح تائين آئي بغل وڄائي شروع ٿي ويس. جيئي جيئي، رهبر جيئي.... جيئي....

انهي مهل سچل جي پسارڙي ڌارئ جهنڊو ڪنيل ڇوڪر نعرو هنيو، تنهنجو رهبر منهنجو رهبر. ... ۽ مرچڙا مار ڪميٽي فارم ۾ اچي ويئي لڙون ٻسڻ شروع ٿي ويئون ڇوڪر ڊوڙ پائي اسان وٽان لنگهيو. ڏرين ۾ ڏاڪوڙو پئجي ويو. مليڙ ۾ ڪو غمر پهچي ويو. اسٽيج تان سپوت لهي آيا. تختي ڪميٽيءَ جي اڳواڻن جي ورن مان ريوالور نڪري آيا.

ٺا ٺا..... ٺا ٺا..... زٽ زٽ..... گولين جو وسڪارو ٿي ويو. ڪارونجهر جي ڪور تان روپلي ڪولهي جي روح ڪان رڙ نڪري ويئي.

قومي، عوامي، جمهوري انقلاب ٻاقي سڌ ٻنڌ ٿي وڃي رهيو هو.

سچل لوهه پائي ڀڳو سندس ڇهروڪم ڪروڌ مان ڳاڙهو ٿي ويو.

سچل ڏس، مون رڙ ڪئي. هو ماڻهن جي ميڙ چيريندو اڳتي وڌيو.

سچل ڏس گوڙيون پيون هلن، سارجي ويندين. 'لا! آئون وڃي ويندس.

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٿُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغذ تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)